Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڀيڙي ڀيڙي



اوُکا پنڈ پیار جا

(ناول)

کلا پرکاش

کویتا پبلیکیشن

حیدرآباد ۔ 2010ع

ڪويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر- 47

ڪتاب جو نالو: اڻکا پنڌ پيار جا
موضوع: ناول
ليکڪ: © ڪلا پرڪاش
ڇاپو: پهريون
سال: 2010ع
ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: ونود ڪمار ۽ اجي ڪمار مکواڻا
انٽيل ڪميونيڪيشنز، 9- ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد. فون: 2721172
ڇاپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد- سنڌ
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.

اسٽاڪسٽ:

سنڌيڪا بڪ شاپ، سچل بوڪ سينٽر، ذوالفقار بوڪ ڊپو، پٽائي بوڪ هائوس- حيدرآباد. شڪيل نيوز ايجنسي- حيدرآباد، نڪشن هائوس- حيدرآباد، سنڌيڪا بوڪ شاپ، حيدرآباد، ڪريمي بُڪ اسٽال- حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ بُڪ شاپ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بُڪ شاپ، حيدرآباد، فرينڊس بُڪ پوائنٽ، ڊفينس پلازا- حيدرآباد، سٽي پريس بوڪ اسٽال- ڪراچي، ٽامس اينڊ ٽامس، صدر ڪراچي، تهذيب نيوز ايجنسي- خيرپورميرس، الفتح نيوز ايجنسي، سکر، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، ٽرڪتاب گهر، ملير، العزيز بوڪ ڊپو- عمرڪوٽ، گل ڪتاب گهر، شڪارپور، مرچو مل بوڪ ڊپو- بدين، نيشنل بوڪ اسٽال خيرپورميرس، نئون نياپو ڪتاب گهر- لاڙڪاڻو، جنيد بوڪ ڊپو- دادو، المهران فائونڊيشن ٽائو روڊ، سانگهڙ

ISBN: 978-969-9329-07-4

AUKHA PANDHa PIYAR JAA
[Novel]
By © Kala Parkash

Edition: First
Year: 2010
Title: Kaptan Abro
Published by: Kavita Publication, 9- Rabi Chamber,
Hyderchowk, Hyderabad, Sindh- Pakistan
Composing & Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: +92 222721172

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

شيخ اَياز، نارايڻ شيام

تنوير عبّاسيءَ

جي نالي،

جن سنڌي شعر جي سونهن کي
آڪاشَ جي اُتانهين تي پهچايو.
ـ ڪلا

پس منظر

25_26_27 جولاءِ 2005 تي چؤماسي دؤران لڳاتار برسات جي سڪارن سبب ممبئي ۾ وسيل لکين ماڻهن جي زندگي جڙ بيهجي ويئي! هزارين جھوپڙيون ڍهي ويئون. شاهي رستا ٻوڏ هيٺ اچي ويا. برسات جو پاڻي ٽر وارن گهرن ۾ ڪاهي پيو. مڪاني ٽرينون ۽ بسون، ٽيڪسيون ۽ گاڏيون چُري نه سگهيون. لکين ماڻهو دربدر ۽ بي گهر ٿيا. گذريل سؤ سالن ۾ ممبئي شهر ۾ پسگردائيءَ تي اهڙي آفت ڪانه آئي هُئي. اُن طوفاني رات، هن ناول جي ڪردارن جي پريم ڪهاڻين جي ورقن کي ورايو. ممبئيءَ جي مشهور جئ هند ڪاليج جي ڊاڪٽن تان شروع ٿيا...

اُمي اؤ کا پنڊ پيار جا.....

سنڌي

اداري پاران	موهن مدهوش	9
دِل مروٽيندڙ تصوير	مراد علي مرزا	10
سنڌي ناول جي خاتونِ اول: ڪلا پرڪاش	رڪيل مورائي	11

اؤ ڪا پنڌ پيار جا **19**

اداري پاران

سنڌي ادب ۾ ڪلا پرڪاش جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج ڪونهي. پاڻ هند سنڌ جي اها سرموڙ ليکڪا آهي، جنهن اُڻندي ئي ناول جهڙي اهم صنف تي قلم آزمايو. سندس پهريون ناول 'هڪ دل هزار ارمان' 1957ع ۾ ڇپيو ۽ هي ڏهون ناول 'اؤڪا پنڌ پيار جا' توهان جي هٿن ۾ آهي.

جڏهن هند ڪاليج ممبئي جي ڊاڪٽ ڪان شروع ٿيندڙ هن ناول جو مُک ڪردار 'اِيشور' پنهنجي جِيون جي لاهن چاڑهن مان گذرندو پنهنجي پيار ڪهاڻي ۾ پنهنجن پراون جي ترڪش مان نڪرندڙ تِيرن جهڙا جملا سهندو گهر جي پرمپرا کي قائم رکندو پاسجي ٿو. 2005ع ۾ ممبئي ۾ پوندڙ لڳاتار ٽن ڏينهن تائين برسات سبب ممبئي جا روڊ، ڪارون، موٽرون، بسون، ريل تہ سڄو ڪاروهنوار ٺپ ٿي وڃي ٿو. ان بارش دوران جڏهن هند ڪاليج ممبئي جي چوڪيدار ڏرمون ۽ ايشور پنهنجي ماضيءَ جا ورق اٽلائين ٿا تہ شروع ٿي وڃن ٿا 'اؤڪا پنڌ پيار جا!"

مانواري ڪلا پرڪاش جي قلم جو ڪمال اهو آهي جو سندس مقالما (Dialogues) هن ناول ۾ نهايت جاندار ۽ ٻولي سولي سنڌي ڪتب آندي اٿس. جهڙيءَ طرح نالو ڪلا اٿس، هُن اهڙي ئي 'ڪلا' سان هِن ناول کي شاندار نموني پيش ڪيو آهي.

اميد ٿي ڪجي، تہ هي ناول 'اؤڪا پنڌ پيار جا' نہ صرف سنڌي ادب ۾ اضافو ثابت ٿيندو پر پاٺڪن لاءِ به وڏي دلچسپيءَ جو سبب بڻجندو.

موهن مدهوش

حيدرآباد، سنڌ.
18_مئي، 2010ع

دِل مروٽيندڙ تصوير

ڪلا پرڪاش جي هن ناول جو ماڳ مڪان ممبئي آهي. ان شهر جا سنڌي رهندڙ هن ناول جا ڪردار آهن. مرڪزي ڪردار ايشور آهي، جو ممبئي جي جئه هنڌ ڪاليج ۾ پڙهيو هو. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پهرين ممبئي ۾ نوڪري ڪري ٿو. پوءِ دبئي ۾ نوڪري ڪرڻ جو وجهه مليس ٿو. ايشور شادي ڪري زال سميت دبئي وڃي ٿو. اتي هو ٻن ٻارن جو پيءُ ٿئي ٿو. دبئي ۾ ڪيترو وقت رهڻ کان پوءِ واپس ممبئي اچي ٿو.

هڪڙي ڏينهن ايشور گهمندي جئه هند ڪاليج جي وڏي در تي وڃي بيهي ٿو. اتي هن جي ملاقات ڪاليج جي چوڪيدار سان ٿئي ٿي. هن جو نالو ڏرمون آهي. ٻئي هڪٻئي سان ڳالهيون ڪندي هڪٻئي جي ويجهو ايندا وڃن ٿا. ٻنهي جي من ۾ گذري ويل وقت جون ساروٽيون گڙ موڙي اُٽن ٿيون. جن جي پس منظر مان ڪيترائي ڪردار اپري ظاهر ٿين ٿا: ايشور جو پاءُ ۽ پايي، هن جي زال سرسوتي، ايشور جو پهريون پيار اُما، نمو، هريش، نند، پمي، ڪانتا، ڊاڪٽر عالمچنداڻي، مسز چاولا، رامچي، سشمتا ۽ سندس ملهيشين ماءُ. انهن سيني ڪردارن جون ساروٽيون حال جي حالتن سان ملي هڪ ڏِکوئيندڙ ڏيک ٿيون ڏيکارين، جنهن ۾ اهي سيئي ڪردار ڏک جي ڏور ۾ هڪ ٻئي سان ٻڌا پيا آهن.

ايشور ۽ ڏرمونءَ جي ان گڏجاڻيءَ هلندي مينهن وسڻ شروع ٿئي ٿو جيڪو لاڳيتو ٽيهه ڪلاڪ/ٽي ڏينهن وسندو رهي ٿو. ممبئيءَ ۾ اهڙو پوائتو لاڳيتو مينهن ڪڏهن نه پيو. ممبئي جي تيز هلندڙ زندگي هڪ هنڌ بيهي رهي ٿي. ريلون، ڪارون، موٽرون، بسون هر سواريءَ کي جڏ ته بريڪ لڳي ٿو وڃي.

ڪلا پرڪاش جي ٻولي سادي، سليس ۽ روان آهي. هڪ ٻن لفظن کان سواءِ هن ڪوبه اهڙو لفظ نه واپرايو آهي جيڪو سنڌ واسين کي اوپرو ۽ اگرو لڳي.

'اوڪا پنڌ پيار جا' ناول، ممبئي جي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي سماجي جيوت جي دل مروٽيندڙ تصوير آهي.

ـ مراد علي مرزا

حيدرآباد، سنڌ.
18_03_2010

سنڌي ناول جي خاتونِ اول:
ڪلا پرڪاش

اهو جُون جي نائين تاريخ ۽ هزار ست جو ڏينهن هو.

گجرات جي گاديءَ واري شهر احمدآباد جي مٿان سج نيزي تي لهي آيو هو. جيتوڻيڪ احمدآباد جو 'سنڈُو پوَن' چئين ستارن واري هوٽل کان گهٽ نه هُئو پوءِ به باهر جي تپش تارونءَ تي محسوس ٿي رهي هُئي.

اسان احمدآباد ۾ صبح سان سوير ئي ممبئيءَ مان پهچي ويا هئاسين.

ڪرشن راهيءَ تي سيمينار يارهين وڳي شروع ٿيڻو هو. ان کان اڳ ۾ اسان تيار ٿي ناشتي واري هال ۾ آياسين تہ سامهون سنڌي ادب ۾ پنهنجي خاص سجاڻپ رکندڙ جوڙي ـ ڪلا پرڪاش ۽ موتي پرڪاش اڇي رهيا هُئا. موتي پرڪاش صاحب سان تہ منهنجي پهرين ملاقات ۽ هزار هڪ ۾ ڪجهہ منٽن لاءِ ممبئيءَ ۾ ٿي هُئي، جڏهن مان پهريون پيرو ممبئيءَ آيو هوس. ان وقت اسان جي ممبئيءَ ۾ آمد هُئي ۽ سندس روانگي. ڇاڪاڻ تہ هو اُن وقت ڊُبئيءَ جي هڪ انڊين اسڪول ۾ پرنسيپال جي پد تي هُئو ۽ ڪُجهہ ڏينهن لاءِ پنهنجي ياءُ جي ديهانت سبب ممبئيءَ آيل هئو. هاڻ هُو ٽن ڪن سالن کان دبئي ڇڏي اچي سنڌين جي وسايل شهر آديپور جي هڪ ڪالوني ملير ۾ رهيو آهي. سندن ممبئيءَ واري گهر ۾ سندن صاحبزادو جديد سنڌي غزل جو سرموڙ شاعر شريڪانت صدف رهي ٿو.

مُنهنجي اکين جي آڏو اها جوڙي هُئي، جنهن سان ملڻ لاءِ مان پورا ويهہ سال اوسيئڙي واري ڪيفيت ۾ رهيو هوس. اوسيئڙو جيڪو فقط محبوبہ

لاءِ ڪبو آهي يا محبوب دوستن لاءِ! پر منهنجو اوسيئڙو محبوب اديبن سان ملڻ لاءِ هُئو. جنهن کي ڏاها شخص چريائپ چوڻ جو حق رکن ٿا، اهڙي آزادي مان پنهنجي پاران کين ڏيان ٿو.

هِن پل مان گهٽو گهٽو خوش هوس.

مان پانيان ٿو ته ڪلا پرڪاش کي، مون کي سچاڻڻ ۾ دير نه لڳي، جو هُن پري کان ئي صدف کي پاڪر پائڻ وانگر پنهنجون ٻانهون ٻڌهيون ڪيون هيون، مونکي پاڪر پائڻ لاءِ.

مون سندس پير ڇُهڻ ٿي چاهيا، آسيس ونڻ لاءِ- پر اها سموري آسيس هُن جي پاڪر ۾ هُئي، جيڪا هڪ ہارڙي کي پنهنجي امڙ جي پاڪر ۾ محسوس ٿيندي آهي.

سيمينار شروع ٿيو ۽ ختم ٿيو.

وچ وچ ۾ فقط رسمي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هُئي. رهڻ جي جڳهه هُنن جي ٻڌي هنڌ هُئي ۽ اسان جي سنڌو ٻوَن ۾ رهائش هُئي. سيمينار کان پوءِ اسان کي انڊور ويڙهو هُئو ۽ هنن کي ممبئيءَ!

ائين اسان ممبئيءَ ۾ وري ملڻ جو چئي، هڪ ٻئي کان الڳ ٿياسين.

اسانجو قافلو هند جو چڪر هڻي، واپسيءَ لاءِ ممبئيءَ پهتو. ويهين تاريخ تي سيني اديبن کي سنڌ واپس موٽڻو هُئو. منهنجي ويزا ۾ اڻ ڏينهن وڌيڪ مليل هُئا، تنهن ڪري مان هتان ئي اهو فيصلو ڪري ويو هوس ته پويان اڻ ئي ڏينهن ممبئيءَ ۾ رهندس.

اسانجو آخري ڏينهن ممبئيءَ جي روز وُوڊ هوٽل جي مالڪ، ادب شناس سنڌي ادب جي هڪ خاموش مددگار شري مورج مل منگهناڻي وٽ هُئو سندس ئي هوٽل ۾.

رات جو هُن پاران ڏنر جو بندوبست ڪيل هو جنهن ۾ ممبئيءَ جا لڳ ڀڳ سڀ اديب شامل هئا. ممبئيءَ ۾ منهنجي ستن ڏينهن جي رهائش جو بندوبست، منهنجي هڪ پياري دوست، سنڌيءَ جي نهايت محنتي اديب ڊاڪٽر ہلديو مٽلاڻيءَ ممبئي يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل گيسٽ هائوس ۾ ڪيو جتي مان آرام سان رهيس ۽ ساڻس رهاڻيون ڪيم. ممبئي ۾ رهڻ واري پهرئين ڏينهن ئي امڙ ڪلا پرڪاش ۽ دادا موتي پرڪاش اهو حڪم ڏنو ته مان ڏينهن جو جتي به هجان، رات جي ماني ساڻن گڏ کائي پوءِ يونيورسٽيءَ سمهڻ لاءِ وڃان. جو يونيورسٽي سندن گهر کان پنجن منٽن جي

پنڌ تي هئي. ائين ڪيترين ئي ڪچهريون ٿيون. ساٿن گڏجي الڳ الڳ اديبن سان مليس. الهاس نگر مان بہ چڪر هٽي آيس. ممبئيءَ جي برسات جو مزو بہ ورتو ۽ پيو بہ گهٽو ئي ڪُجهہ.

هڪ ڏينهن منجهند جي وقت سندن گهر ۾ ئي هن ناول جو ذڪر نڪتو تہ هيءَ ناول پهرين سنڌ ۾ ڇپجي!

مون يڪدم حامي پري تہ هيءَ ناول سنڌ ۾ اسانجو دوست موهن مدهوش، ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇاپيندو. مونکي اهڙي پڪ هئي ۽ ناول ڪٽي مان سنڌ آيس. ڪجهہ ئي ڏينهن ڪان پوءِ پنهنجي يار موهن مدهوش سان ناول جو ذڪر ڪيم. جيڪو نہ رڳو خوش ٿيو پر ناول بہ مون وٽان ڪٽي ويو ۽ پڪ ڏياريائين تہ جهٽ هيءَ ناول ڇپجي ويندو. هن ڪمپوز بہ جهٽ ڪرائي موڪليو ۽ مون پروف بہ جهٽ ڏسي موڪليا. جيڪا ڳالهہ جهٽ نہ ٿي سگهي، اها هُئي هن ناول جي مُنڊ ۾ ڪجهہ صفحا تعارف طور لکڻ، جيڪي مونکي ئي لکڻا هُئا. جو اهڙو واعدو آءٌ دادا موتي پرڪاش سان ڪري آيو هوس. پر اهو لکڻ مون لاءِ مسئلو بڻجي پيو.

سبب فقط هڪڙو- تہ سنڌي ناول جي هن خاتونِ اول ڪلا پرڪاش جهڙي ليکڪا جي ناول تي آءٌ ڇا لکان!

آءٌ ناول جو ماڻهو تہ آهيان ئي ڪونہ!

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ادب ۾ مونکي فقط ناول وڻندو آهي. ٻين نثري صنفن جي پيٽ ۾. تنهن هوندي بہ هن ناول تي ڪجهہ لکڻ مونکي ڏيڍ سال منجهائي رکيو ۽ ناول کي پنهنجن پانڪن تائين پهچندي، وچ ۾ ايڏو ڏُکهو عرصو پئجي ويو جيڪو عمل گناهہ جهڙو آهي ۽ اهو گناهہ مونکان ٿيو آهي، جنهن جي سزا مون کي ئي ملڻ کپي ۽ مان ان سزا لاءِ تيار بہ آهيان تہ اندر اندر ۾ شرمسار بہ!

پر اڄ جڏهن هي خوبصورت ناول ڇپجي، سياڻي سنڌ جي پڙهندڙن وٽ پهچندو تڏهن گهڻي ڪان گهڻي خوشي بہ مونکي ئي ٿيندي، اهو اوهان سڀ پانڪ پڪ سان سمجهي ڇڏيو. اتي منهنجي پنهنجي بڪواس پوري ٿي.

۽ هاڻي ڪجهہ ناول جي باري ۾، جنهن جو نالو آهي:

'اوڪا پنڌ پيار جا"

سنڌي ادب جي پڙهندڙن کي اها جاڻ هجڻ گهرجي ۽ هوندي بہ تہ سنڌي هوليءَ ۾ جنهن ليکڪا گهٽي ۾ گهٽا ۽ اهم ناول لکيا آهن، ان جو نالو

ڪلا پرڪاش آهي. جيتوڻيڪ هُن ڪهاڻيون ۽ خوبصورت لکيون آهن ته نثري شاعري ۽ ڪئي آهي. الڳ الڳ موضوعن تي مضمون/ليک ۽ لکيا آهن ته، هڪ روح ۾ گهاڻ ڪندڙ سفرنامو ۽ لکيو آهي. پر سندس اصل - اول ۽ آخر سچاڻپ هڪ ناول لکندڙ واري آهي. تنهن ڪري مون مٿي چيو آهي ته هوءَ سنڌي ناول جي خاتون اول آهي ۽ اڄ جي تاريخ تائين اهڙو اعزاز ڪيس ئي حاصل آهي. هند جي مرڪزي ساهتيہ اڪيڈميءَ جو اهم ادبي اوارڊ ۽ ڪيس ناول تي ئي ڏنو ويو آهي. سندس ان ناول جو نالو آهي 'آرسيءَ آڏو'. اها ته سيني کي سُڌ آهي ته آرسي ڪڏهن ۽ ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهي، تنهن ڪري جنهن شخص/ليکڪ کي اهڙي ضرورت (ڪوڙ ڳالهائڻ/لکڻ جي) پوي ته ڪيس اندر جي آرسيءَ آڏو نہ ويڙهڪ گهرجي. چو ته هو لڄي ٿيندو.

۽ باضمير آهي ته لکي نہ سگهندو. پر،

اسانجي هيءَ ليکڪا ڪلا پرڪاش - اهڙي ليکڪا آهي، جنهن جڏهن ۽ ۽ جيڪو ۽ لکيو آهي، اهو پنهنجي اندر جي آرسيءَ آڏو ٻيهي لکيو آهي. جنهن ڪري هُن جيڪو ۽ لکيو آهي، اهو سچ ئي سچ آهي، سچ کان سواءِ ڪجهہ ۽ نہ آهي. ثابتيءَ لاءِ سندس ڪابہ لکڻي پڙهي سگهجي ٿي. وڌيڪ اهو ته جن ۽ ڪلا پرڪاش کي پڙهيو آهي، ڏيان سان پڙهيو آهي، انهن پاڻ کي ۽ انهن ڪٿن ۾ پنهنجي اندر جي آرسيءَ آڏو ٻيئل نہ رڳو ڏٺو آهي پر محسوس ۽ ڪيو آهي.

ڪلا پرڪاش کي ٽوٽلٽيءَ ۾ پڙهڻ کان پوءِ هڪ حيرت انگيز خوشگواري پلئہ پوي ٿي. اها هيءَ ته سندس ڪنهن ۽ لکڻيءَ ۾ نگيٽو/نفي ڪردار ڪونهي.

ها! اهو سچ آهي ته هڪ ٻاهر جي دنيا آهي، جنهن ۾ ليکڪ جيئي ٿو ۽ هڪ اندر جي دنيا آهي، جيڪا ليکڪ ۾ موجود رهي ٿي. هر ليکڪ ٻاهر هڪ اهڙي دنيا ڏسڻ/اڏڻ چاهيندو آهي، جهڙي دنيا هُن جي اندر ۾ هوندي آهي. ان يقين لاءِ ٽئگور جو "گيتا انجلي" پڙهي سگهجي ٿو جنهن جي پڙهڻ وقت هڪ ٻي، نئين دنيا ۾ هجڻ جو احساس ٿيندو آهي. بلڪل اهڙي طرح ڪلا پرڪاش جي لکڻين کي پڙهي محسوس ٿيندو آهي ته، هيءَ ڪا ٻي دنيا آهي، جيڪا ليکڪا تخليق ڪئي آهي.

دراصل اها تخليقڪار جي اندر جي دنيا هوندي آهي، جنهن کي تخليقڪار پنهنجي لکڻيءَ جي وسيلي ٻاهر جي دنيا ۾ آڻيندو آهي. اسان

وت سنڌيءَ ناول ۾ فقط هڪڙو ئي اهڙو مثال آهي، اهو آهي ڪلا پرڪاش جي ناولن جو (گهٽي جاچ کان پوءِ ممڪن آهي ٻيو به ڪو ملي پوي) جنهن ناول تي هيءُ ڪُجهه به لکڻ جهڙو/نه لکڻ جهڙو لکجي رهيو آهي، اهو پڻ اهڙو ئي ناول آهي، جنهن جي ٻاهرين دنيا ته ممبئيءَ جي جئه هند ڪاليج جي ٻاهرين ڏاکڻين تان شروع ٿئي ٿي. پر اها دنيا، ليکڪا جي اندر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اصل صورت ۾ ضرور آباد آهي، جنهن جو اظهار هُن پنن تي ڪيو آهي، اکرن جي صورت ۾ ۽ ناول جي فريم ۾ ۽ جنهن ڪردار جي صورت ۾ ڪرايو آهي درشن هُن، دل جي دنيا جو- اهو آهي هن ناول جو هڪ معصوم ڪردار 'نمو' نرملا شاهه - جنهن پنهنجي دل جي دنيا جهڙي دنيا، دل کان ٻاهر به جوڙڻ چاهي ٿي، پر هوءَ ان ۾ ڪامياب ڪانه ويئي ۽ هُن پنهنجي اندر جي دنيا جي ابتڙ دنيا ۾ رهڻ نه چاهيو ۽ هن دنيا کي ئي الوداع چئي چڏيو.

ناول شروع ٿئي ٿو- هن ئي ڪاليج جي هڪ ٻئي پريميءَ ايشور جي پريم ڪٿا سان، جيڪو پنهنجي پريم کي ياد ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ممبئيءَ جي مصروف زندگيءَ مان ڪجهه گهڙيون ڪيڊي هن ڪاليج جي ان ڏاکڻ تي اچي ويهندو آهي، جنهن تي ڪڏهن ويهي هو پنهنجي پريمڪا اُما جو انتظار ڪندو هو. اُما جيڪا سندس پريمڪا ته هئي پر سندس زندگيءَ کان ڪوهين ڏور هلي وئي. ڪيس وت فقط هاڻ هن جون يادون ئي آهن، جن کي تازو ڪرڻ لاءِ هو هن ڪاليج جي ڏاکڻ تي اچي ويهندو آهي.

اڄ به هو ڪاليج جي ڏاکڻ تي ويهڻ لاءِ آيو هو پر ممبئيءَ ۾ ڪهري برسات پوڻ ڪري هو رڪجي پيو آهي، وقت آرسي ٻڌجي سندس سامهون اچي بينو آهي. ايشور ان آرسيءَ ۾ پنهنجو ماضي ڏسي رهيو آهي. هيءُ آرسي اندر جي به آهي ته ٻاهر جي به. جو ته ان ۾ هِن جي اندر جي 'اُما' به آهي ته ٻاهر جي 'سرسوتي' به. آرسيءَ جو روپ ڏاڙڻ ڪيو آهي ڪاليج جي چوڪيدار 'ڏرمون ڪاڪي'.

ايشور ان آرسيءَ آڏو بيهي پنهنجي پيار جي پنڌ وارو پيچرو تلاش ڪري رهيو آهي. جيڪو هاڻ تلاشڻ اڳوڪو ئي ويو آهي، جو هاڻ نه ان جو ڪو مُنڌ رهيو آهي ۽ نه ڪو چيڙو آهي. هيءُ پنڌ هاڻ جتي ڪٽي ٿو اتي سندس گهر آهي، جنن ۾ هاڻ سندس به ٻار آهن ۽ هڪ پتني/زال آهي، جنهن جو نالو 'سرسوتي' آهي. پر هيءُ ڪيس پيار مان 'سي' چوندو آهي. جيڪا هاڻ سندس زندگيءَ جو هڪ اڻ تڻندڙ حصو آهي. ۽ اڄ ان ڪان ڏار

ممبئيءَ ۾ تاريخ جي وڏي ۾ وڏي پوندڙ برسات سبب ايشور جئه هند ڪاليج جي چوڪيدار 'ڏرمون' جي ننڍڙي ڪوارٽر ۾ ڪاسي پيو آهي. رات اتي گذارڻي پئي اٿس. رات جيڪا هُن جي زندگيءَ جي هڪ اهم ترين ۽ نه وسرندڙ رات بڻجي پئي آهي. ايشور پنهنجي گهر وڃڻ لاءِ آتو آهي. ٻاهر برسات آهي. جنهن شهر کي سُن ڪري چڏيو آهي ۽ ايشور ڏرمون ڪاڪي جي ڪوٺڙيءَ ۾ اُهي پل ياد ڪري رهيو آهي جيڪي هُن 'اُما' سان گهاريا هئا.

'اُما' سندس زندگيءَ ۾ نه اچي سگهي.

سندس زندگيءَ ۾ آئي 'سرسوتي'، زال بڻجي.

پوءِ به هُو اُما کي وساري نه سگهيو آهي. شايد پهريون پيار ڪڏهن به نه وسرندو آهي.

ايشور کي سڀ ڪجهه ياد ٿو اچي. پنهنجو سمورو ماضي ذهن جي اسڪرين تي نئين سِري کان ورجائڻ لڳو آهي. جنهن ۾ ڪيترائي شخص آهن. وڏو ڀاءُ ڀابي، ننڍو ڀاءُ ڀاڃائي، جيڪي هاڻ سندس ماضي بڻجي چڪا آهن.

هو ماضيءَ ۾ حال جي وچ ۾ لڙڪيل آهي.

جڏهن ماضيءَ ۾ آهي تہ هڪ آواز ڪيس چڪي آڻي حال ۾ ٿو ٻيهاري. اهو آواز آهي موبائيل فون جو جيڪو وقت بوقت سندس سوچڻ جي سلسلي کي توڙي ٿو وجهي ۽ هو وري وري ماضيءَ مان حال ۾ موٽي ٿو اچي.

هو پاڻ کي ان ئي ڪوٺيءَ ۾ ٿو ڏسي، جيڪا ڏرمونءَ جي آهي، ٻاهر برسات وسي رهي آهي. جنهن ڪري هن جو 'حال' جڏهن تہ بي معنيٰ بڻجي ويو آهي. سندس ماضي ئي ساڻس ساڻ ڏيئي رهيو آهي. جنهن ۾ سندس ڪيترائي مِتر/دوست ڪيس ياد اچي رهيا آهن. 'نند'، 'ڪانتا'، 'اُما' ۽ ٻيا ڪيترائي ڪاليجي دوست. نند سندس اکين ۾ ڪانهي. ٻاهر بارش آهي ۽ سندس اندر ۾ هڪ طوفان جيڪو وقت مانو ڪري چڏيو هُئو پر هن پل وري ان کي جاڳائي وڏو آهي. چا اهڙو طوفان سندس انهن مِترن/دوستن جي من ۾ به متل هوندو- هو سوچي ٿو.

جيڪي هاڻ ڪائنس ظاهري پري تہ آهن پر دلي طور پري نه آهن ۽ هن سان جڙيل آهن. بلڪل گهر جي ڀاتين وانگر. اڄ تائين سيني جو هڪڙي سان وهنوار به دوستاٽو همدرداٽو ۽ پيار پريو آهي. جيڪو ناول ۾ ظاهر

ٽي/ايري آيو آهي. 'ڪانتا'، 'اُما'، 'نمو'، سڀ پيار جون مورتون آهن، غيرمشروط پيار!

ڪانتا جو نند لاءِ پيار.

اُما جو ايشور لاءِ پيار!

نموءَ جو هريش لاءِ پيار!

-پر

ٽيئي پنهنجو پنهنجو پيار پائي نه سگهيون.

سندن پيار جو پنڌ اڌڪو ٻڌجي ويو.

پوءِ به سندن دلين مان پيار ويو نه آهي.

اڄ جڏهن ممبئيءَ مٿان بارش جو ڪهر ڪڙڪيو آهي ته سندن دلين مٿان پيار جي يادن جي برسات اوڙڪون ڪري وسي رهي آهي، جنهن کي نه جهل آهي ۽ نه پَل.

هو سڀ هڪٻئي جي خيريت سان هجڻ لاءِ ماندا آهن.

يادن جي درياهه مان سفر ڪندڙ ايشور ڏرمون ڪاڪي جي ڪوڙيءَ مان نڪري ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ جي نرسنگ هوم ۾ پهتو آهي. برسات کي ٻيو ڏينهن آهي، هاڻ ايشور محفوظ آهي، ٻاهران ٻاهران.

پر - اندران اندران؟!!

۽ ائين اندران اندران گهٽو ڪجهه ٽي گذري ٽو.

سندس علاج ڪندڙ ڊاڪٽرياڻيءَ جو موهه.

جيڪو وري انسان جي اندر جي هڪ ٻي، نئين ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ ترسائي ٽو.

اُما! ايشور جي محبوبا.

مليشيا مان فون تي جيڪا پنهنجي مڙس رامچيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي، اهو هڪ الڳ داستان آهي.

هري دوار ۾ رهندڙ غريب ٻارڙو ممبئيءَ ۾ اٺ سال بوٽ پالش ڪندڙ مليشيا جو ڪروڙپتي سيٺ رامچي، اُما جو مڙس،

رشتن جو نهٺ،

۽ رشتن جو ڍهٺ، ٽُٽڻ.

انسان جو پٿر ٻڌجي ويڻ ۽ پٿر مان ڀڳوان جي مورتيءَ جو روپ وٺڻ. ڇا ڇا نه ٿو ٿئي، هن ڪائنات ۾؟

مٿيون سڀ ڪُجھ تخليقڪار پنھنجي تخليق ۾ اوتي سگھي آھي، ان کان وڌيڪ آس سندس دل ۾ ازل کان رھندي آئي آھي ۽ ابد تائين رھڻي آھي - تنھن ڪري ئي ھو ڪجھ نہ ڪجھ سِرجيندو رھي ٿو. ڇو تہ ڪجھ بہ سِرجڻ، ھُن جي اندر جي شانتي آھي، جيڪا شانتي ھن ناول 'اؤڪا پنڌ پيار جا' سِرجڻ کان پوءِ ڪلا پرڪاش کي پلئہ پئي ھوندي، اھڙي پڪ اٿس.

ممبئيءَ جو آسمان صاف ٿيو آھي، برسات رڪجي وئي آھي. ايشور پنھنجي پتنيءَ سان گڏ گھر روانو ٿي ويو آھي. ۽ ناول ھنن سٽن سان پورو ٿئي ٿو:

"چوماسو گذري چڪو آھي،

سنجھا ويلي ڏرمون اڪيلو جئہ ھند ڪاليج جي ٻاھرين ڏاڪڻ تي ويٺو آھي. ھو گيٽ بند ڪري روز ٿوري دير لاءِ ھتي اچي ويھندو آھي.

آرتي ڪرڻ کان اڳ ھت ڏاڪن تي ويھي، ايشور جي پاءُ پايي، ۽ مِترن سان ملاقات ڪندو آھي، ان بعد ڪوٽيءَ ۾ آرتي ڪري... ڪنتري پيئي، ڪنول گل جھڙي نموءَ لاءِ اکين مان نير ھاري،

بروچ کي ساري...

ڏرمونءَ جو ڏينھن ائين پورو ٿيندو آھي.

- رڪيل مورائي

10_مئي، 2010ع
ڪراچي

ايشور جنهن وقت جئہ هند ڪاليج جي گيٽ وٽ پهتو تنهن وقت چوڪيدار گيٽ بند ڪرڻ تي هو. لوهي شيخن وارو هڪ دروازو بند ڪيو هئائين، ٻئي ۾ هٿ وڌائين پئي تہ ايشور ويجهو پهچي ڪيس عرض ڪيو "ڏهہ پندرهن منٽ دروازو دير سان بند ڪندين؟"

چوڪيدار سڏو سندس منهن ۾ نهاري پڇيو "توهان کي ڪو ڪم آهي؟ پر ڪاليج ۾ تہ هن وقت ڪير بہ ڪونهي."

"مون کي ڪنهن ۾ بہ ڪم ڪونهي." ايشور نرميءَ سان چوڪيدار جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو.

"مان صرف پندرهن ويهہ منٽ هنن ڏاڪن تي ويهندس." ايشور ڪاليج جي عمارت جي بلڪل وچ ۾ ٺهيل اٽن ڏهن ماريل جي ڏاڪن ڏانهن اِشارو ڪندي چيو.

"هتي ويهي پوءِ هليو ويندس."

چوڪيدار يڪدم هاڪار ڪئي، چيائين،

"اڇو اڇو پلي هن ڏاڪڻ تي پندرهن ويهہ منٽ ويهو."

ايشور سان گڏ ڏاڪڻ طرف پنڌ ڪندي چوڪيدار پڇيو "ڪنهن جو اِنتظار اٿوَ؟ يعني ڪير اڇڻو آهي، توهان سان ملڻ لاءِ؟"

ايشور وراڻيو "نہ ڪير بہ ملڻ نہ ايندو... ڪنهن زماني ۾ هنن ڏاڪن تي ويهي انتظار ڪيا هئا. اُهي زمانا گذري ويا."

چوڪيدار پڇيو "توهين هن ڪاليج جا شاگرد هئا؟"

ايشور هڪ ڏاڪي تي ويهي عجيب سڪون محسوس ڪندي چيو "ها، ٽيهہ سال اڳ مان هن ڪاليج جو شاگرد هوس."

"ٽيهہ سال اڳ؟ مون کي هتي ڪم ڪندي ستٽيهہ سال ٿيا آهن. مون توهان کي ضرور ڏٺو هوندو."

ايشور کي آڪيلائي کپندي هئي، پر چوڪيدار کي ڳالهائڻ ۾ دلچسپي هئي. هو ايشور کان ٿورو پريرو هينئين ڏاڪي تي ويهي رهيو. هُو سمجهي نہ پيو سگهي تہ ايشور سان ڳالهائڻ جي شروعات ڪيئن ڪري.

نيٺ ايشور ماٺ ٽوڙي ڪانئس پڇيو "تنهنجو نالو؟"

"ڏرمون."

"رهندو بہ هتي ئي هوندين نہ؟"

"ها هتي ئي، ستٽيهہ سال ٿي ويا، چوڪيداري ڪندي. ڪارن مان اڇا وار هت ٿيا صاحبا سُٺو وقت گذريو. پر هڪ واقعو اهڙو ٿيو جو منهنجي دل چيرجي ويئي."

"ڇا ٿيو اهڙو؟" ايشور دل چيرجڻ جي ڳالهہ ٻڌي تہ سندس بدن جا وار ڪڙا ٿي ويا. نامعلوم ڊپ ويڙهي ويس.

"توهين ٻڌندا، اُهو داستان؟ اڌ ٻڌي هليا تہ نہ ويندا؟"

"نہ، نہ ويندس. تون ڳالهہ ٻڌائي پوري ڪندين، پوءِ ويندس."

چوڪيدار چيو "مون ڪنهن سان اُهو ڏک نہ سليو آهي پر توهان جو هن ڏاڪڻ سان لڳاءُ ڏسي منهنجي دل چوي ٿي تہ توهان کي بہ ڪا چوٽ لڳل آهي. هيترن سالن ۾ ڪوبہ هت اهڙو شخص نہ آيو آهي، جنهن هنن ڏاڪن تي ويهڻ جي سَڌ ڪئي هجي."

"مان تہ جڏهن بہ چرچ گيٽ ايندو آهيان تڏهن هتي ضرور ايندو آهيان. ڏهہ پندرهن منٽ هنن ڏاڪن تي ويهي هليو ويندو آهيان. اڄ اچڻ ۾ دير ٿي ويئي، ٽرين ليٽ هئي، دادر تي بيهي رهي هئي. مون سمجهيو تہ گيٽ بند ٿي ويو هوندو."

ايشور ۽ ڏرمون هڪ ٻئي جي آهون سامهون وينا هئا. هڪ ٻئي جي اندر ۾ ليئو پائڻ جي چاهنا زور پڪڙي رهي هئن. ايشور چوڪيدار کي چيو "توهين ڪجهه ٻڌائڻ وارا هئا....."

ڏرمونءَ چيو "ڇهه سال ٿي ويا اِن ڳالهه کي. هتي هڪ گجراتي چوڪري پڙهندي هئي. نالو هوس نرملا. سپ ڪيس نِمو ڪري سڏيندا هئا. صاحب! چوڪري هئي چا جهڙو ڪنول جو گل. توهان ڪنول جو گل ڏٺو آهي نه؟ ڏاڍي مُرڪٽي ۽ پياري نينگر هئي. منهنجي ته دل ۾ اهڙي پيهي ويئي جو سمجهندو هوس ته منهنجي سڳي ڌيءَ آهي.

چوڪيدار ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو. جيسين هو وڌيڪ ڳالهه ٻڌائي تيسين ايشور پنهنجي پٽنٽ جي ڪيسي مان رومال ڪڍي منهن اُگهيو هو پگهر جي ويو هو.

چوڪيدار پنهنجو منهن هٿن مان آزاد ڪري وري ٻڌائڻ شروع ڪيو: "نموءَ جو هڪ سنڊي چوڪري سان نينهن ٿي ويو اُن چوڪري جو نالو آهي هريش. سُهڻو سُنو جوان. پر ٻنهين جا مائٽ برخلاف هئا صاحب! توهان 'محبتين' فلم ڏٺي آهي اميتاب بچن واري؟ بس هنن ٻن جي ڪهاڻي اُن فلم وانگر آهي."

ايشور دهلجي ويو. چوڪيدار کي وچ ۾ ڪٽي چيائين، "فلم ۾ ته اميتاب بچن جي ڌيءَ ايشوريه راءِ آپگهات ڪيو پاڻيءَ ۾ ٽپي ڪري"

"صاحب! نموءَ به ائين ئي ڪيو." چوڪيدار جو آواز ٻڌي ويو چيائين، "هڪ ڏينهن منهنجي ٻچڙي نمو به هن ڏاڪڻ تي اچي ويئي هئي. هريش جي انتظار ۾ منهنجي ئي هٿان هريش کي هڪ پني ٽڪريءَ تي ڪجهه لکي مُڪو هڻائين. مان هريش کي سندس گهر وڃي ڏيئي آيو هوس... پر صاحب! قدرت الائي چا سِتيو هو جو هريش اُن ڏينهن نه آيو. ٻئي ڏينهن به نه آيو. ائين هڪ هڪ ڏينهن انتظار ڪندي هفتو گذري ويو..... آخرين ڏينهن تي نِمو رات جو نوين تائين هن ڏاڪڻ تي ويٺي هئي. پوءِ هلي وئي. هوءَ گرگام ۾ رهندي هئي... صاحب! مون کي ڪهڙي خبر ته هوءَ گهر نه ويندي. سمنڊ حوالي ڪندي پاڻ کي! پاڻ کي گنهگار سمجهندو آهيان، جيڪر ڪيس گهر چڏي اچان ها..."

ڪجهه دير سناٽو چانئجي ويو.

ايشور منهن مونن ۾ وجهي ويهي رهيو.
ڏرمون ۽ پت ٻڌجي ويو ڪجهه دير لاءِ.
ايشور منهن متي ڪيو ته سندس زبان مان اِهو ئي سوال نڪتو "توکي پوءِ هريش گڏيو آهي؟"
"ها.... گڏيو آهي. نموءَ ڪيس پني ٽڪريءَ ۾ ڇا لکيو هو اِهو ته نه ٿو ڄاڻان. پر هريش ٻڌايو ته منهنجي وٽانئس موٽڻ کان پوءِ، اوڏي مهل ئي فون آيو دهليءَ مان... هريش جو نانو اوچتو گذاري ويو. هن کي ماءُ سان هفتي لاءِ دهليءَ ويڙهو پيو."
""نموءَ جي پيءَ سان ڪڏهن مليو آهين؟"
"ها... پهرين ۽ ونس ويو هوس. هن جي پيرن تي ڪري ڪيس چيو هوم ته چوٽا نموءَ جي دل ٽوڙيو.. چوٽا وڇوڙيو نموءَ ۽ هريش کي."
"ڇا چيو هٿائين؟"
"چيائين مون پڇا ڪئي آهي، هريش جا مائٽ تمام امير آهن. پئسي وارن ماڻهن کي دل نه ٿيندي آهي. پئسي کان وڌيڪ سندن ڪو مِٽ نه هوندو آهي. بس صاحب! نه ٻڌي سا نه ٻڌي!"
ايشور کان ڇرڪ نڪري ويو. هڪ دفعي اُما ۽ ڪيس خط ۾ لکيو هو: "هاڻي پئسي کان وڌيڪ تنهنجو ڪو مٽ نه آهي، مان ۽ نا"
چوڪيدار پنهنجي ٻچڙيءَ نموءَ جي کهاڻي ٻڌائي ته سندس من پاري ٿي ويو. پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ رکي آهستي آهستي پنهنجي ڪوٽيءَ طرف ويندي چيائين، "پاڻي پي اچان ٿو."

ايشور پاڻ کان پڇي ٿو ته جئه هند ڪاليج جي هٽ ڏاڪن تي ويهي ڇا پنهنجي پريتما اُما جي پيار جو قرض ٿو چڪايان؟ شايد هو پاڻ کي اڇي هٽي ڳولهيندو هجي. 23_24 سالن جي عمر واري ايشور کي ائين محسوس ٿيندو هو ته اُما جي الڳ ٿيڻ سان هُن جي ساهه جي تند ٽٽي پوندي. پر اُما کان الڳ ٿي ۽ هو ساهه کٽي رهيو آهي. هو پنجاهه سال پار ڪري ويو آهي. پنهنجي پتني سرسوتيءَ کي دل جان سان پيار ڪندو آهي. ڪيس ۽ پار ۽ آهن. ساهه جي تند ڪانه ٽٽي... ڪانه ٽُٽي.

چا ٽيويهن سالن جي عمر ۾ هنن ڏاڪن تي ويهي جيڪي اُما سان اقرار ڪيا هئم تہ جيئن هي ڏاڪا هٿ هٿ ۾ ڏيئي لهندا چڙهندا آهن تيئن زندگيءَ جي راهہ تي لاهيون چاڑهيون ب هٿ هٿ ۾ ڏيئي گڏ پار ڪنداسين.... اُهي اقرار ڪوڙا هئا؟

نموءَ جي دلسوز ڪهاڻي ٻڌي ايشور بي آرام ٿي ويو آهي.

ايشور پنهنجي دوست نند بابت سوچڻ لڳو. نند جو ب حال سندس جهڙو ٿيو. نند کي ب پنهنجي ڪاليج جي زماني جي پيار... ڪانتا کي الوداع ڪرڻي پيئي. ٻيءَ سان لاڳون لڏائين. نند جي ماءُ ڪيس ڏمڪي ڏيندي هئي تہ جيڪڏهن نند سندس مرضيءَ نہ رکندو تہ هُن کي مُئل ڏسندو. آپگهات ڪندي هوءَ. چو ڪندا آهن مائٽ ائين؟

ايشور تي مائٽن جو دٻاءُ ڪين هو. حالتن جو دٻاءُ هو. ايشور پريشان ٿي آسمان طرف ٿو نهاري. ڪرن ۾ چنڊ ڏڪجي ويو آهي. اڌ ڪان ب گهٽ. چنڊ جي آس پاس تارا ڪينهن. چنڊ ڪان ٿورو پرپرو ايڪڙ ٻيڪڙ تارا ٽمڪي رهيا آهن. سال اڳ ب آسمان جو ههڙو منظر رهيو هوندو. چنڊ، تارا، اُپ سپ ساڳيو آهي. ايشور ۽ اُما گڏجي اُپ ڏانهن تڪيو هوندو ۽ سُس پُس ۾ هڪ ٻئي کي ڪجهہ چيو هوندائون. چنڊ! تون ٻڌاءِ آڙي اُپ! تون ٻڌاءِ او ستارا! توهان ٻڌايو مون اُما سان دوکو ڪيو چا؟ مون تي حالتن جو دٻاءُ نہ هو؟

ايشور کي ماءُ پيءُ نہ هئا. ياءُ پاڃائيءَ صرف ايترو چيو جيڪڏهن دٻيءَ جي نوڪريءَ جي آڇ قبول ڪندين تہ گهر جو نقشو ئي بدلجي ويندو. اسين انن ڏهن سالن اندر نہ رهڻو قرضن مان آجا ٿي ويندا سين پر هڪ پوري سوري ڪٽنب مان هڪ سڀيو ستابو ڪٽنب ٻڌجي پوندا سين. اسان جي گهر ۾ ولائتي چيزون هونديون. گهر جي زالن جي ڪراين ۾ سونا چوڙا چمڪندا. بئنڪ جي لاکر ۾ چار اٺ گنيون هونديون. تون دٻيءَ مان جڏهن ب مسافريءَ تان لهندين تہ هتي اوڙو پاڙو پنهنجو پرائو تنهنجي عزت ڪندو."

ياءُ پاپيءَ پنهنجي هڪ عزيز جي ڪتنب کي اِن طرح آسودو ٿيندو ڏٺو هو. هنن جو چوڻ صحيح هو. ايشور پنهنجي غريبڙي ڪتنب جي تقدير ٿيريندڙ بڻجي سگهيو پئي. زندگيءَ کي هڪ مقصد ملي رهيو هو. هونءَ صرف اِسڪول ۾ مضمون لکيا هٿائين My aim in life... هڪ سُٺو نگر واسي بڻجندس. ضرورتمندن جي خدمت ڪندس. اُهي مضمونن واريون ڳالهيون عمل ڪرڻ لاءِ سڏڻ لڳيون. ڪتنب جي آرٽڪ اُنتيءَ لاءِ تون دبئيءَ وڃ. ايشور جي اندر مان اِهو ئي آواز آيو هو. هن جي اندر ۾ اُما به رهندي هئي. هن ته ڪيس ائين ئي پنهنجو ڪيو هو. جيئن ايشور هو هو ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ڪلارڪ هو. ڪڏهن ڪو ميونسپل جو ڪوارٽر مليو يا هائوسنگ بورڊ جي ڪا جاءِ ملي ويئي ته ڪيس الڳ گهر ناهي ڏيندو نه ته اُما کي عمر پر پاءُ پاپيءَ سان رهڻ ۾ عار ڪونه هو. اُما کي ته بس ايشور ڪپندو هو. ايشور وزيراڻي، هوءَ هر حال ۾ هن سان ساڻ ڏيڻ ۾ راضي هئي.

ايشور پهرينءَ مسافريءَ تان لٿو ته ستاويهن سالن جو هو. اُما اُن وقت چوويهن سالن جي هئي. هن ماستري ڪرڻ شروع ڪئي هئي. ايشور کي لڄ لاهي چيائين، "هاڻي مان نه ٿي رهي سگهان تو بنا. مائٽ به روز تو لاءِ پيڇن ٿا... شادي ڪري وٽي هل نه دبئيءَ... مان به هلي نوڪري ڪنديس."

ايشور کان ٿهڪ نڪري ويو هو.

اُما کان ته ڪلڻ وسري ئي ويو هو. هن ڳڻيير آواز ۾ چيو "ڳالهه ڪلڻ جي ڪانهي. مان ڏاڍو ڏکيو وقت پيئي گذاريان."

ايشور چيو "مان وري ڪهڙو سُکيو وقت پيو گذاريان! هُتي دبئيءَ ۾ صبح جو اٺين کان رات جو يارهين بجي تائين گڏهه واري مزوري آهي. اسٽاف ڪوارٽرس ۾ رهيو پيو آهيان. تنهنجي ويزا ڪيئن ملندي؟ ايترو پگهار ئي ڪونهيم. توکي رهائيندس ڪٿي!"

"آخر چا ٿيندو؟"

"جيڪو هوندو نصيب. الائي حالتون ڪهڙي قرباني گهرن."

"ته هاڻي اسان جو پيار حالتن ۽ نصيب جي حوالي آهي؟"

"ٻيو ڪنهن جي حوالي آهي، اُما" ايشور پنهنجو مثال ڏيئي چيو.

"مون کي خواب خيال به هو چا ته مان دبئيءَ ويندس؟ نصيب اُڏائي ويو مون کي؟"

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اُما جي اکين مان آنسو ٽپڪي پيا هئا. هن کي ايشور مان ههڙي جواب جي اُميد نہ هئي. هن کيس ائين ٻہ چيو: ايشور، تون مون کي پنج ڇهہ سال ڇا پلي ويهہ سال ترسڻ لاءِ چئہ پر ائين چئہ تہ تون منهنجو آهين، تنهنجو ساڻ مون کي جيون پر رهندو.....

ايشور ڪيترا سال اُما کي ترسڻ لاءِ چوي؟ دبئيءَ جا قاعدا اهڙا آهن جو هو الائي گهڻن سالن کان پوءِ اِن اوج تي پهچي جو فئملي ويزا حاصل ڪري سگهي. هو ڇا، پاڻ، پايي، اميت سندس فئملي... پنهنجي ڪٽنبين جي آرٽڪ خوشحاليءَ جا سپنا ڇڏي ڏئي؟ اِهو ممڪن ئي نہ هو. ائين سوچڻ کيس خودغرضي لڳي. اِن کان سولو لڳو کيس اُما کي وساري ڇڏڻ. هن اُما کي مڪت ڪري ڇڏيو.

اُما سندس ڳالهيون ٻڌي لوُساڻجي ويئي. اُما جي هاڻي ايشور جي زندگيءَ ۾ اُها اهميت نہ رهي آهي. اُما اِها چوٽ سهي نہ سگهي. هنن ٻنهي ڇا گُڏي گُڏيءَ راند ڀئي ڪئي؟ يا درياهہ ڪناري واريءَ جو گهر ڀئي ٺاهيو؟ ڪنهن طوفاني جهونڪي لڳڻ سبب واريءَ جو گهر ڍهڻ لڳو. ايشور اِها ڳالهہ مڃي ورتي پر اُما کي طوفان نظر ئي نہ ڀئي آيو.

ايشور کي انيوَ اِهو ٻہ سيکاريو تہ ڀئسو هجڻ سان حياتيءَ ۾ سُک ٿو ملي، سماج ۾ مانُ ٿو ملي. سُکي گهر گرهستي وسائڻ لاءِ ٻہ تہ ڀئسو کپي.

ايشور ٻيءَ ترپ تان واپس دبئيءَ پهتو تہ جلدي کيس اُما جو خط مليو. لکيو هئائين:

"ايشور،

مان تہ توکي سڃاڻي ئي نہ ٿي سگهان. ڪيڏانهن ويو منهنجو ايشور جنهن لاءِ دنيا ۾ قيمتيءَ ۾ قيمتي وستو هُئي، اسان جو پيار.

ڀئسي جو پڙ ڳورو ڪيئن ٿي ويو ڙي،

هيءَ ئئين تارازي تو ڪٽان آندي؟

ـ اُما"

رڳو تنهنجي اُما... هر وقت تنهنجي اُما....
سدائين تنهنجي اُما... اهڙي ڪنهن به نموني نه لکي خط جي پڇاڙي ۾ لکيل هو اُما ۽ بس.

ايشور کي هن ڏاريائپ ۽ دُوريءَ ڪٿنچيءَ مثل ڪٽيو. هو اُما جا اڇيان خط پڙهڻ وينو. جڏهن هو پهرينءَ ٽرپ تي آيو هو تڏهن اُما کيس اِلاهي خط لکيا هئا. ايشور اُهي خط سنيالي رکيا هئا.

'منهنجا ايشور.... منهنجي ساهه جي سونهن... منهنجي من جي مورت.... منهنجي سپنن جي صورت.

روز ملندا هئاسين هاڻي ڏينهن نه، مهينا نه، سال ٿا گذري وڃن. اُساتيل اکين مٿان چپر ڳورا ٿا لڳن. ۽رن جي وارن ۾ ڪهرائي اچي ويئي آهي. اکين جون ماڻڪيون ڇُرن پُرن ٿيون يا هڪ هنڌ بيهي ويئون آهن، ڪو پتو ڪونهي....

بس بس وڌيڪ اهڙو ڪجهه نه... تون منهنجو فڪر نه ڪج مان تنهنجن خطن لاءِ واجهائيندي آهيان ۽ تنهنجي اچڻ جو انتظار ڪندي وقت پيئي گذاريان... تنهنجي اِتي نوڪري ڪيئن پيئي هلي؟ ڪي نوان دوست ڪي نوان واقفڪار مليا آهن؟ خوش رهجانءِ.

باءِ.

دُور نه آهيان مان.

تنهنجي
اُما'

ايشور اُما جا ٻه ٽي خط پڙهڻ بعد آسمان ڏانهن نهاريو هو. دبئيءَ جو آسمان به ههڙو ئي آهي بمبئيءَ جهڙو... اُن رات چنڊ نه هو. آسمان ۾! ايشور خط رکي وهاڻي ۾ منهن لڪائي سوچيو هو چا چنڊ تارن بنا ڪارو اُپ ئي رهجي ويئي زندگي منهنجي؟

ايتري ۾ سندس ڪمري ۾ رهندڙ اسٽاف جو ٻيو ساٿي اچي ويو. ايشور سپ اُما جا خط وهاڻي هيٺان رکي، وهاڻي تي ڪنڌ رکي سُمهي پيو هو. اڇ ڪيس ڏاڍي ننڍ اچي رهي آهي.....

ايشور کي اِهو سکون ضرور هو ته پنهنجي ڪٽنبي آرٽڪ بهتريءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. پاڻ پاڻيءَ سندس لاءِ توڙي وچين پاڻ، اميت لاءِ سڀ ڪجهہ ڪيو هو جيڪو جيڪر ماڻ پيءُ ڪن. مان به هنن ڏانهن پنهنجا سڀ فرض پورا ڪري پوءِ پنهنجي شاديءَ لاءِ سوچيندس.

اُما جو اِهو سُجهاءُ به ايشور قبول نہ ڪيو هو ته هو شادي ڪري اُما کي پارت ۾ ئي پاڻ پاڻيءَ وٽ ڇڏي وڃي. ڪي مجبوريون ڳُجهيون به ٽيندیون آهن. ايشور ڪيئن ٻڌائي اُما کي ته سندس پاڻي سڏي آهي ته تمام سڏي آهي پر جي بگڙي ته اڳلي کي ڇٽي ڇڏيندي اِهو ئي سبب هو جو اميت ساٽن گڏ رهي نہ سگهيو. پاڻي پنهنجي ڏيراٽيءَ سرلا کي پانئيندي به گهٽو ئي هئي پر ڪڏهن من خراب ٽيس ته اهڙيون حرڪتون ڪندي جو سرلا جو ساهہ مُنجهائي ڇڏيندي هئي. ايشور کي هڪ واقعو ته ڪڏهن نہ وسرندو آهي.

سرلا ۽ اميت ڪنهن پروگرام تي وڃڻا هئا. سرلا آفيس مان ڪلاڪ سويل موڪل وٺي گهر سنيرڻ لاءِ آئي هئي. سرلا کي جيڪا ساڙهي پائڻي هئي، اُڻ جو بلائوز ڪيس ليپي ئي نہ هن پنهنجو سڄو ڪپڙ ڳولهيو. ميرن ڪپڙن کي اُٿلايو پُٿلايو. بالڪنيءَ ۾ نوڙيءَ تي سُڪندڙ ڪپڙا جاچيائين پر ڪيس بلائوز چو ٿو ليپي. هن روئٿهار کي ٿي پاڻيءَ کان پڇيو "ڪٿي ڏٺو اٿوَ بلائوز توهان؟ توهان جي ڪپڙن ۾ ته نہ اچي ويو آهي!"

پاڻيءَ هن کي اهڙي ٻڌائي جو عجب پيو لڳي. هيءَ ساڳي پاڻي آهي جيڪا ننڍي ڏيراٽيءَ تان اول گهول ويندي آهي. ڪيس چيائين، "مان چور آهيان چا جو تنهنجو بلائوز ڪٽي پنهنجي ڪپڙ ۾ رکنديس؟ تنهنجي سڄو ڏينهن ته نفري ٿي ڪريان. صبح جو لنچ جو ڏهو هٿ ۾ ڪپيئي. شام جو مهاراٽي آفيس مان اچي ته چانهہ جو ڪوپ ڪپيس. ڪير هجي نہ هجي تنهنجي لاءِ پئدا ڪرٽو پوي. هاڻي تنهنجي ساڙهين جا بلائوز به مان سنپاليان. نوڪري ڪري ڪو مون تي ٿي مهرباني ڪرين چا؟"

سرلا اوچنگارون ڏيئي رنو هو. هن کان پروگرام تي وڃڻ ته پڳو ئي نا هن اميت کي فون ڪري چيو "مان نہ ٿي اچان. طبيعت ۾ مزو ڪونهي. تون پلي پروگرام ڏسي اچ."

ان واقعي سرلا کي ٽوڙي ڇڏيو. خاص ڪري جڏهن اُهو بلائوز لڏو پاڻيءَ جي ڪٻڙ مان. تڏهن سرلا جو من ائين ڪڙهيو جيئن چانهہ جو پاڻي

گئس تي ڪڙهندو آهي. هڪ ڏينهن سرلا ننڍي ڏير ايشور سان چُلي هئي. ٻڌايو هئائينس تہ اسين جاءِ ڳولهي رهيا آهيون. اسين الڳ رهنداسين.

ائين هو الڳ ٿي ويا. هنن بلڪل سادو گهر ورتو هو. ڪوليوادا جي سنڈ سيدو سُمتي نگر ۾ بئرڪ ٽائيپ گهر. کين ڏهن هزارن ۾ مليو. سرلا پاڻي گهر ۾ پگهار نہ ڏيندي هئي. هن پنهنجي پگهار مان ٿورا ٿورا پئسا بچائي بئنڪ ۾ جمع ڪيا هئا.

ايشور اهي سڀ گهرو ڀالهيون اُما کي ڪيئن ٻڌائي؟ هواِهو سوچي ٻہ نہ پئي سگهيو تہ اُما سان پرٽجي پوءِ ڪيس پاءُ پاڻيءَ جي حوالي ڪري وڃي. پاءُ تہ بلڪل سادو هو پر اُما جيڪڏهن پاڻيءَ سان گذران نہ ڪري سگهي تہ؟

اڄ جئہ هند ڪاليج جي عمارت جي باهرين ڏاڪن تي ويهي ايشور تڏهن جون ڀالهيون ياد ڪري رهيو آهي، جڏهن هو ڪرلا ۾ رهندا هئا. ڪرلا اوپر ۾ اسٽيشن جي ويجهو ئي هائوسنگ بورڊ جي ڪالوني آهي، نهرو نگر. نهرو نگر جي ڇهين نمبر بلڊنگ ۾ گرائونڈ فلور تي سندن گهر هو. گهر ۾ هڪ ڪمرو هڪ بالڪني جنهن کي ڊِڪي ڪمرو ٻڌايو ويو هو. هڪ رڌڻو ۽ هڪ باٿ روم. در کلي سڌو ڪمري ۾. اُتي الڳ الڳ ٽي سيٽيون ديوارن لڳ پيون هونديون هيون. اُهي ٽيئي باڪس سيٽيون هيون. هڪ سيٽي پاءُ جي، هڪ پاڻيءَ جي، هڪ ايشور جي. هو پنهنجو سمورو سامان پنهنجي سيٽيءَ جي باڪس ۾ رکندا هئا. ڪپڙ وغيره رکڻ جي نہ جاءِ هئي نہ ڪپڙ خريدڻ لاءِ پئسا هئا. اميت ۽ سرلا جڏهن هت رهندا هئا، تڏهن بالڪني ـ ڪم بيڊ روم هنن جو هو. اڄ ٻہ ايشور کي ڪُرلا وارو گهر اکين آڏو آيو تہ کيس چڪ ٿي محسوس ٿئي. هو حياتيءَ جا سترهن سال اُن گهر ۾ رهيو. هن جي اُما سان ويجهڙائي ٻہ شايد ڪرلا ۾ رهڻ ڪري ٿي. اُما گهاٽڪوپر ۾ رهندي هئي، هوءَ ڪاليج وڃڻ لاءِ جيڪا ترين گهاٽڪوپر مان پڪڙيندي هئي، ساڳي ترين ايشور ڪرلا تان پڪڙيندو هو. وي ٽي تي ترين مان لهي، ايشور ۽ اُما ٻئي چرچگيٽ تائين ڀالهيون ڪندا، وڃي جئہ هند ڪاليج پهچندا هئا.

پهريون دفعو جڏهن اُما، ايشور جي گهر آئي هئي، تڏهن هو اندر ۾ لڇي ٽي رهيو هو. هن اُما کي ٻڌايو هو ته هو پوريءَ سوريءَ وارا آهن اِن حد تائين جو گهر ۾ کاڌي جي ميز به نه هئي. پاپي ماني پرچي ته هر کو رڌي مان ڪٽي ڪٽي نه ڪٽي کائي يا وڌ ۾ وڌ پهرئين ڪمري ۾ پٽ تي چٽائي وڇائي سپ گڏجي ويهي اُن تي کائين. هڪ تمام ننڍڙي ٽپائي وٽن هئي. پاپي اُها ٽپائي سيري اُما جي اڳيان رکي، پوءِ ان تي چوڙو ـ بسڪيٽ وغيره رکيا هئائين. چانهه به ناهي هئي پاپيءَ.

اُما ڏٺو ته چانهه جو ڪوپ رکڻ لاءِ ٽپائيءَ تي جڳهه نه هئي. هن پاپيءَ کان چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ وٺندي چيو هو "توهان چو تڪليف ڪئي، مون کي چئو ها، مان چانهه ناهيان ها."

پاپيءَ چيو هوس، "اڄ ته منهنجي هٿ جي نهيل چانهه پي. جڏهن هن گهر ۾ ايندينءَ، تڏهن چانهه ناهجانءِ."

اُما جو منهن لڄ وڇان لال ٿي ويو هو. اُما جي ڪڪ رنگيءَ چمڙيءَ مٿان اُها لالاڻ ايشور هاڻي به ڏسي سگهي ٿو. هو اُن لالاڻ کي ڇُهي به سگهيو پئي، من سان! ايشور هميشه اُما کي چيڙائيندو هو. هڪ ڏينهن ٻئي مرين ڊرائيو تي ويٺا هئا ته اوچتو ايشور چيو هو "اُما! متي ڏس! هُن ڪڪر مٿان سُرخي پيئي چانئجي. بلڪل اِن طرح تنهنجا ڳل سرخ ٿي ويا هئا، جڏهن پاپيءَ توکي چيو هو اسان جي گهر ۾ ايندينءَ، تڏهن اچي چانهه ناهجانءِ. خبر اٿيئي مون کي اُن مهل ڪهڙو خيال آيو هو؟"

"ڪهڙو؟"

"اِهو ته جيسين تون اسان جي گهر اچين، تيسين تنهنجي ڳلن جي اِها لڄ واري لالائي ڪٽي پاڻ وٽ رکي ڇڏيان."

خوب ٺهڪ ڏيئي ڪليا هئا ٻيئي.

ايشور چاهي ٿو جيڪر مرين ڊرائيو تي وڃان. اُهي پٿر ڳولهيان جن تي اسان گهٽي محنت ڪري پنهنجا نالا اُڪيريا هئا: ايشور ـ اُما. شايد اُهي نالا ميسارجي به ويا هجن!

ايشور واڇ ۾ وقت ڏنو. سادا اٺ ٽا لڳن. ڪاليج جي سامهون ۽ آس پاس جيڪي عمارتون آهن، تن جي سيني گهرن ۾ بتيون ٻري چڪيون آهن. هاڻي گهر وڃڻ گهرجي. هو ڊاڪ تان اُتي پنيان پئنٽ چنڊي رهيو هو

ته سامهون ڏرمونءَ کي ايندو ڏنائين. هن جي هلڻ جو ڍنگ نرالو هو. هُو لڏي لمي رهيو هو. ايشور جي ويجهو پهچي چيائين:

"صاحبا معاف ڪجو. ويس پاٽي پيئڻ پر ڪنتريءَ جي ٻاڙ لڳي. سو ڏُڪ چاڙهيم. مون کي سُنو شراب ڪونهي جو توهان کي آڇي سگهان. صاحبا توهان ڪنتري..."

ايشور کيس وچ ۾ ئي ڪٽي چيو "نہ ڏرمون نہ. اصل نہ. تنهنجي آڇ لاءِ مهرباني."

ايشور کي اُڇ لڳي هئي الائي نہ. پر ڏرمونءَ جي دل رکڻ لاءِ چيائين، "چگو پاٽيءَ جو گلاس پيار."

ڏرمون پويان پير ڪري ويو. پاٽيءَ جو گلاس ايشور کي ڏيندي چيائين، "صاحبا پاٽي پي پوءِ ٻہ منٽ هن ڏاڪڻ تي ويهو. صرف ٻہ منٽ. مون نموءَ جو فوٽو آندو آهي توهان کي ڏيکارڻ لاءِ. هان ونو هيءَ تارچ ٻاري فوٽو ڏسو."

ايشور پاٽيءَ جو گلاس خالي ڪري، ڏاڪي تي ويهي رهيو. ڪاليج جي ڪمپائونڈ جون بتيون ٻري رهيون هيون پر روشني ڏيمي هئي. ايشور هڪ هٿ ۾ فوٽو جهليو ٻئي هٿ ۾ تارچ. ايشور فوٽو ڏسڻ ۾ محو هو. ڏرمون ڳالهائيندو رهيو. چوي: "سچ ٻڌايو آهي نہ پريءَ جو ٻچو. توهان کي فرشتو ڪانہ ٿي لڳي منهن مان؟"

ايشور فوٽو ڏسندو ئي رهجي ويو. سونهن تہ هئي ئي هئي پر ٻيو ٻہ ڪجهہ هو. دل گهائيندڙ عاجز اکيون. جڙ ڪجهہ ڳولهين ٻيئون، ڪجهہ تلاشين ٻيئون، ڪنن ۾ ننڍڙيون ڦليون ٻيئون هئس، اڇن پکراجن واريون. نڪ، ڪن ڪاڏي زيبدار. اهڙو اُجلو منهن، ماڻهپو پيو بکي. حق تي ڏرمون هن کي ڪنول گل سان ٻيٽيو.

"هيڏي ملائڪ کي ڪهڙي بدنصيب ريٽيو؟" ايشور کان دانهن نڪري ويئي.

"صاحبا قسمت بيداد ڪيو. هريش تہ ڪيس بيحد چاهيندو هو. بس نہ مرضي هئي تہ هريش جي پيءُ جي. نموءَ جو پيءُ ٻہ راضي نہ هو. هُن کي پنهنجي زندگيءَ مان سبق مليو هو تہ شاهوڪار ماڻهو سُڻا نہ ٿيندا آهن. هن جا ساهرا سنڌي هئا. تمام ڏنوان ماڻهو هئا."

"سڀ شاهوڪار سنڌي خراب نہ ٿيندا آهن."

"نہ صاحب! سڀ پئسي وارا ٻي دل نہ ٿيندا آهن. مون ڏٺي شاهوڪار ۾ دل واري سنڌ. هريش جي ماءُ. جڏهن نموءَ جو آخرين سنسڪار ٿي رهيو هو تڏهن هريش سان گڏ هريش جي ماءُ به آئي هئي اُتي. پئسو هن جي پيرن ۾ پيو آهي پر اهڙي نرم دل مائي جو نموءَ جو مرتڪ سرير ڏسي دل ڦاٽي پيس. ايترو رُني جو ڪيترا ماٺهو پڇڙ لڳا ته هيءَ نموءَ جي ڪير ٿئي؟

برسات جي وسڪار اچي وئي. آسمان چا نموءَ جي ڳالهه ٻڌي روئڻ لڳو؟ آسمان مان چنڊ تارا غائب ٿي ويا. ڪارن ڪڪرن جي ڊڪ ڊوڙ ڪنوڙ. ڪن پل ۾ اهڙو زوردار وسڪارو آيو جو جئه هند ڪاليج جي عمارت سڄي ڏوپجي هڪ نئون روپ اختيار ڪيو. ڪمپائونڊ ۾ پوکيل ٻوٽن تي مينهن ڦڙا ٻهڪڻ لڳا.

ڏرمون ڊڪندو گيٽ کي ڪلف لڳائي آيو. پوءِ ايشور کي هٿ کان ڇڪيندو پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ وٺي آيو. ڪاليج جي عاليشان عمارت پٽيان هڪ ننڍڙو گهر! ايشور واڙو ٿي ويو. هيتري ننڍڙي گهر ۾ ڪوئي ڪيئن رهي سگهي؟

ڏرمونءَ چيو "سنڌي سائين! مان هڪڙو ئي ته آهيان. چڙو سِر. ٻار ٻچا سڀ ڳوٺ ۾. ڏهن سالن ۾ هڪڙو دفعو زال ٻارن کي بمبئي گهمائڻ لاءِ گهرائيندو آهيان. اُهي ٿورا ڏينهن ڪاليج جي مئنيجمينٽ سهوليت ڏيندي آهي. ڪڏهن ڪڏ وارو ڪمرو سُمهڻ لاءِ ڏين ته ڪڏهن هاسٽل ۾ ڪو ڪمرو خالي هجي ته ڏين. پٽيان بي روڊ تي هاسٽل آهي."

ايشور ڪنڌ ڏوٽي ڇاڙايو ته ڪيس خبر آهي.

ايشور جي موبائيل تي گهنٽي وڄي. هو سمجهي ويو سندس پتني سرسوتي هوندي.

"ڪٿي آهين؟" سرسوتيءَ پڇيو.

"تنهنجيءَ دل ۾." ايشور ڪلي چيو.

"مذاق ڇڏ". سرسوتيءَ خفي ٿيندي چيو. "برسات ڪيڏي پيئي پوي. يڪدم ٽئڪسي ڪري هليو اچ."

"ڪيئن ڳولهيان ڪيئن؟ مينهن گهٽ ٿئي ته نڪران، چرچگيٽ تي هڪ جهونو دوست ملي ويو گهر وٺي آيو آهي، گهر پهچڻ ۾ دير ٿئي ته چنتا نه ڪجانءِ، هتي سُکيو ويٺو آهيان."

سرسوتي ڏاڍي ڪاوڙجي ويئي. فون تي چوي به چا؟ هيترو دير سان چرچگيٽ وڃڻ جو ضرور کهڙو هوس. جيڪڏهن برسات هن طرح وسندي رهندي ته ڪيئن ايندو گهر؟ ڪٽي ڪائيندو ڪٽي رات ٽڪندو؟ بلڊ پريشر جي گوري وڻڻ ياد ايندس الائي نه. اهڙو کهڙو دوست اٽس جنهن کي مان نه سڃاڻان! سرسوتي سوچي سوچي پريشان ٿي ويئي.

شڪر آهي جو گهر اسٽيشن جي ويجهو آهي. رڳو ٽرين هلندي هجي ۽ باندرا اسٽيشن تي پهچي وڃي ته پوءِ ٻن منٽن ۾ گهر پهچي ويندو. سرسوتي چوماسي ۾ هميشہ اهو ويچار ڪندي آهي ته هتي باندرا ۾ اسڪول سُڻا آهن. ٻار بمبئيءَ جي ٽرئفڪ ۾ ٽرينن، بسين جي ڏڪن ڪان بچي ٻيا. سولائيءَ سان پڙهيا. هاڻي ڪاليج ٿا پڙهن ته ڪاليج به سڌ پنڌ تي. ٽن رومن ۾ هال وارو هي گهر ڪيس وردان لڳندو آهي. بلڊنگ جو نالو آهي پريمر - نواس.

برسات جو وسڪارو پهرين کان تيز ٿي ويو. سرسوتي اُٺي در دريون بند ڪيا. پوءِ به وينٽيليٽرس مان ڏڙو ڏڙو پاڻيءَ جو گهر ۾ اچي رهيو هو. اوچتو گهوگهاٽ ڪندڙ هوا ۽ برسات جي پاڻيءَ جون جڙ ڇپون ڪرندیون هجن. اُنهن آوازن ماحول ۾ سيسرات پئدا ڪري ڇڏيو.

سرسوتيءَ وري ايشور کي فون ڪيو.

ايشور چيو "سسي! مان بلڪل صحيح سلامت آهيان. دوست جي گهر مان نڪرندس ئي ڪونہ. اجايو رستي تي اٽڪي پوان، تنهن کان هتي ئي ويٺو آهيان، جيسين برسات جو زور گهٽجي ۽ خبر پوي ته ٽرينون هلن ٿيون يا نہ. ٻيو ٻڌا! تون ۽ ٻار ماني کائي بي فڪر ٿي سُمهي پئو. منهنجي دوست مون کي ماني کارائي آهي."

ايشور کي ڏرمون چوڪيدار ٻاجهريءَ جو ڊوڊو پچائي ڏنو هو. ڊوڊي سان ڪچو بصر، سالڻ مرچ ۽ آچار جي ڏري به ڏني هئائين. ايشور لاءِ سچ ته هن قسر جي روٽي هڪ لذيذ طعام هو. هن ڪڏهن به ههڙي ماني نه کاڌي

هئي. ايشور روتي کائڻ بعدڪٽ تي ويهندي ڏرمونءَ کان پڇي ويٺو "توکي هيڏڙي ننڍڙي گهر ۾ هوست ڪانه محسوس ٿئي؟"

"نه سائين، هِري ويو آهيان. مون وٽ ڪير اچي وڃي ڪونه. اڄ الائي گهڻي وقت کان پوءِ توهين آيا آهيو. جڏهن نمو حيات هئي، اُها منهنجيءَ هن ڪوٺيءَ ۾ ايندي هئي، اِن ئي ڪٽ تي اچي ويهندي هئي، ۽ ٽي دفعا هريش به آيو آهي، اِتي ئي اچي ويهندو آهي."

ايشور لاءِ هريش آئينو بڻجي ويو آهي. هريش کي ڏسڻ کان سواءِ هو پاڻ کي اُن آئيني ۾ پرکڻ ٿو چاهي. اُما کان جدا ٿيس اُن لاءِ تلاهي ڪير آهي. مان يا حالتون؟

هو ڏرمونءَ کان پڇي ئي ويٺو "ڏرمون! تنهنجي خيال ۾ هريش ۽ نمو جي پيار جي ناڪاميءَ لاءِ ڪير ذميوار هو؟"

"هنن جي قسمت ۾ جدائي لکيل هئي، ٻنهين پريم ته سچو ڪيو."

"هريش شادي ڪئي آهي؟"

"ها سائين." ڏرمون پٽ تي ديوار کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو آسائش لاءِ پٺيءَ کي ٽورو سوري پوري وري سڌو ويهي چيائين، "شادي ڪيئن نه ڪندو؟ وين پٽيان ڪير ويو آهي چا؟ نموءَ جي لاڏاڻي کان پوءِ ٻه سال ڪن ته ڏاڍو اُداس هو. جنهن ڏينهن مون کي شاديءَ جو ڪارڊ ڏيڻ آيو تنهن ڏينهن به چيائين، "سچ ته شاديءَ لاءِ من نه ٿو مڃي پر منهنجي انڪار ڪري ماءُ پيءُ ڏاڍا ڏکي ٿا ٿين. نيٺ 'ها' ڪرڻي پيئي."

ڏرمونءَ پن جي ٻيڙي ڏکائي هئي. اُن مان ڦوڪون ڏيئي ڳالهه ڪيائين، "مون چيو مانس شادي ڪرڻ ضروري آهي، پنهنجيءَ پتنيءَ کي سُکيو رکج، مان توکي هاڻي ئي آسيس ٿو ڪريان. مان شاديءَ ۾ شريڪ ٿي نه سگهندس."

مون کي گهڻو زور ڪيائين پر ڪيئن وڃان ها... ويڏيءَ تي هريش سان نموءَ بجاءِ ٻي نينگر ڏسي مان ته روئي پوان ها!

ڏرمونءَ کي ڪنٽريءَ جو نشو هو. هن جي آواز ۾ ٽوري لرزش هئي. هو پنهنجي ڪنول گل جهڙي ڏيءَ کي ياد ڪري جهُري رهيو هو. هن ايشور اڳيان پنهنجو اندر اوتي چڏيو. هن لاءِ نه نمو ماضيءَ جو باب بڻي هئي نه هن جو موت هو قبولي سگهيو هو. جيتوڻيڪ هو نموءَ جي سَر تي ويو هو. شمشان

تائين بہ ويو هو. باهہ جي ڇيين نموءَ جي سرير کي پسر ڪيو سو بہ هن اکين سان ڏٺو هو.

ڏرمون، نموءَ جي آخرين سفر جو ذڪر ڪندي ايشور کي ٻڌايو:

"سائين! آخرين سنسڪار وقت گهٽائي نموءَ جا سُڀاتل، سنهٻندي ۽ ساهيڙيون اچي گڏ ٿيا هئا. پاڙي جا سڀ هار بہ اچي مڙيا. هوءَ هارن جي تہ خاص مائٽياڻي هئي. اُن وقت نموءَ جي گهر ۾ ڪي مهمان رهيل هئا. هو بروچ کان آيل هئا. اُنهن ۾ هڪ نوجوان بہ هو جيڪو بيحد مايوس لڳي رهيو هو. هريش اُن کان پڇيو... توهان نموءَ وارن جا رشتيدار آهيو؟ نمو رشتي ۾ توهان جي ڪير لڳندي هئي؟

اُن نوجوان وراڻيو "She was my fiancé" اُن مهل توهين هريش جو منهن ڏسو ها، سائين! وس پڇيس ها تہ اُن نوجوان کي ٿونشو هٽي ڪيڊي ها. چو ٿو چوي هي شخص ائين؟ ڇا صرف ان ڪري، ڇاڪاڻ تہ نموءَ جي پيءُ هنن سان مٽي مائٽيءَ جي ڀالهہ هلائي هوندي؟ مائٽي هلڻ جي ڪري ڇا نِمو هن جي future wife ٽي پيئي؟ نموءَ ڇا رشتو قبول ڪيو هو؟ اها مائٽي اِهو رشتو نڪرائڻ لاءِ ئي تہ شايد هن آپگهات ڪري ڇڏيو. نمو حيات هجي ها تہ منهنجي هجي ها صرف منهنجي، نہ هوءَ مون کي ڇڏي ها نہ مان هن کي ڇڏيان ها.

هريش جون اِهي ڀالهيون ٻڌي ڏرمونءَ کي ڀالهہ سمجهہ ۾ اچڻ لڳي هئي تہ نموءَ جي اندر ۾ ڪهڙي پيڙا، ڪهڙيءَ گهبراهٽ پئدا ٿي هوندي، جيڪي مهمان وٽن رهيل هئا، نموءَ جن جا ڏورانهان مائٽ، اُنهن ۾ هڪ نوجوان نموءَ جي رشتي لاءِ آسائتو هو. نموءَ جي پيءُ کي بہ اِهو رشتو صحيح لڳو هو. ڏرمونءَ هي احوال هريش وٽان ئي معلوم ڪيو هو. سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ، سمجهڻ کان پوءِ بہ هن هريش کي سُڻي صلاح ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهيو هو. هريش جي شاديءَ جو ڪارڊ وٽڻ مهل ڪيس ائين ئي چيو هو "جيڪي قدرت کي منظور هو اُهو ٿي ويو. پنهنجيءَ پتنيءَ کي پرپور پيار ڏجانءِ، متان ڪوتاهي ڪرين."

"اهو ئي فڪر اٿم ڏرمون چاچا! ڪٿي فرض ۾ گسان نہ. توهين ٻڌايو نمو هڪ ڪن لاءِ بہ وسرندي مون کان؟"

"نموءَ کي ياد ڪري ئي پنهنجي پتنيءَ سان سچو رهج."

ڏرمونءَ چيو "هريش! توکي خبر آهي اِها نمو ئي هئي جنهن مون کي پتي پتنيءَ جي رشتي جو ملهه سمجهايو. هڪ دفعي منهنجي پتني بيمار ٿي پيئي. مون کالیج مان قرض کٹي ڳوٺ پٹسا موکليا. هن جي دوا درمل لاءِ پر نمو چوي تنهنجي پتنيءَ کي رکو پٹسا ۽ علاج ٹيڪ نه ڪندا. آبا منهنجا. تون وچ ڳوٺ. ۽ ڏينهن ئي ٹي اچ. مون نه پئي مڃيو ته پاڻ وڃي مون لاءِ ريل جي اوٺ موٺ جي ٹڪيٽ ڪيائي آئي."

ڏرمون بروچ مان ٹي موٹيو ته نموءَ جي ڏاڍي شڪرگذاري مڃيائين. ڪيس چيائين، "ڈيءَ! تنهنجي ڳالهه سورهن آنا سچي هئي. مان ويس ته منهنجي زال اهڙي سَرهي ٹي جڙ بيمار هئي ڪانه" ڪيس علاج ته ۽ مهينا ڪن ڪرٹو پيو هو پر حال مڙس آئي اهڙي تڙي پيئي جو هن کي چاق ٹيڻ لاءِ گهٹو پل ملي ويو. اُن واقعي بعد ڏرمون پنهنجي ۽ زال جي رشتي ۾ هڪ نواڻ ۽ تازگي محسوس ڪرڻ لڳو هو.

برسات جو زور گهٹجڻ بدران وڌي رهيو هو. ايشور کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هو کهڙي نموني ۽ ڪيڏي مهل گهر پهچندو. شهر ۾ مسافري ڪرڻ لاءِ کوبه واهڻ نه آهي. ٹي. وي تي نيوز اچي رهي آهي ته ٹرينون، بسيون، آٹو رڪشا، ٹئڪسي ڪجهه به نه ٹو هلي. بمبئيءَ جو ڪاروبار ئي رُڪجي ويو آهي.

ڏرمون ٹڈ سبب پاڻ کي چادر ۾ سوڙهو ڪندي چوي ٹو "قدرت سان ڪير پڄي؟ سياٹي آفيسن ۾ ڪير نه پهچي سگهندو. ڈنڈا ٹپ، ڈاڍو نقصان ٹيندو. وڏي ڳالهه ته جيڪي ماڻهو اڄ گهر نه پهچي سگهيا هوندا ۽ رستي تي اٹڪيل هوندا، تن جي حالت خراب هوندي."

"اُنهن مان هڪ مان به آهيان پر منهنجي حالت خراب نه آهي."

ڏرمون چوي ٹو "سائين! مون غريب وٹ توهين ڏکيا ته ٹيا آهيو هن ڪٹ تي سُمهڻ ۾ توهان کي تڪليف ته نٹي ٹئي؟"

"اصل نه، ڏرمون! مان ته سُکيو آهيان. ڏکيو ته تون آهين پنهنجي ئي گهر ۾. ڪروندڙو ٹيو زمين تي چٹائي وڇائي سُمهيو آهين."

"مان توهان سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ اهڙو محو ٹي ويو آهيان جو ڪنهن ڳالهه جي سمڪ ئي نه ٹي پويم."

"سائين! توهان کان هڪ ڳالهه پڇان؟ توهين چئو ٿا ڪڏهن ڪڏهن ڪاليج جي ڏاڪن تي اچي پندرهن ويهه منٽ ويهندا آهيو. اُن پٺيان ڪهڙو مطلب آهي؟"

ڪوئيءَ ۾ زيرو بلب ٻري رهيو هو. ايشور اُن معمولي روشنيءَ ۾ پنهنجو پاڇو پٽ تي ڏسي گهبرائجي ويو. هو چو اچي ڪاليج جي ڏاڪن تي ويهندو آهي؟ اُما کان پنهنجو ڏوهه بخشائڻ لاءِ؟ ڪيس ڪهڙو سڪون ٿو ملي؟ يا هنن ڏاڪن تي ويهي هوا۾ئي سوال پاڻ کان پڇندو آهي ته سندن قصي ۾ جدائيءَ لاءِ ذميوار ڪير آهي. ايشور پاڻ، اُما؟ يا حالتون؟

ايشور ستٽيهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي. جيڪڏهن اُما کي ترسائي ها ته هوءَ تيسين چوٽيهن سالن جي ٿي وڃي ها. اِهو ڇا واجب هو؟ اُما کي اِها به ته خبر نه هئي ته ايشور کيس پاڻ پاڻيءَ وٺ ڇڏي وڃڻ کان ڇو ٿو ٿهي؟ ايشور جون گهرُو حالتون ۽ پاڻيءَ جو ڏڪيو سپاڻ، اهو سڀ ايشور جو شخصي معاملو هو.

اڄ دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ايشور کي پاڻيءَ بابت ڏرمونءَ سان ڪُليو ڳالهائڻ ۾ ڪو سنڪوچ نه ٿيو. هن سالن جا سال اهو بوجھ ڍوبو هو. ڏرمون پلي جئه هند ڪاليج جو چوڪيدار آهي پر ايشور کيس پنهنجو متر مڃي چڪو آهي.

هن ڏرمونءَ کي چيو "ڏرمون! جڏهن منهنجو وچون پاڻ آميت ۽ زالس سرلا الڳ ٿيا هئا، تڏهن پاڻيءَ ايڏو رُنو هو جو جنهن ڏٺو تنهن جي دل گائون مائون ٿي ويئي. پاڻي، سرلا ـ پنهنجي ننڍي ڏيراڻيءَ جي پيرن تي ڪرڻ کان به نه هٽڪي. هن جا پير پڪڑي چيائين، 'نه وڃ. مان توهان کان سواءِ ڪانه رهي سگهنديس. منهنجو ساهه توهان ۾ اٽڪيو رهندو. مون کي ننڍ ڪانه ايندي. ماني نه ڳيسندي. مان ڪڙهي چانور رڌيندیس ته سرلا! تون جيڪا سُرڪيون پري منهنجي رڌل ڪڙهي پيئندي آهين. سا نه هوندينءَ ته مون کي ڪڙهي رڌڻ زهر ٿي لڳندي...'

به ڏينهن سرلا ۽ اميت رُڪجي ويا. اُن بعد پاڻيءَ کي سمجهائي بُجهائي نڪري ويا. وڃي پنهنجي ڪوليوادا واري گهر ۾ رهيا.

"ايڏا تائين اُتي ئي رهندا آهن؟"

"نہ، هاڻي مهيم ۾ رهندا آهن." ايشور چيو.
"مان باندرا ۾ پاڻ پاڻي کار ۾ رهندا هئا. هاڻي ته اُتي ڪير آهي ڪونہ"
ايشور وڌيڪ چيو "اميت کي مهيم ۾ گهر ونڻ لاءِ مون نہ صرف همٽايو پر اڌو اڌ رقم بہ ڏنم. مون کي اميت جو سنڌ سيوا سمتي نگر واري گهر ۾ رهڻ ڏاڍو ڪٺڪندو هو. هڪ ته اُتي گندگي هئي ٻيو ته اَميت ۽ سرلا جي آفيس وڃڻ کان پوءِ منهنجا ٻئي پائٽيا اسڪول بعد سڄو ڏينهن چوڪرن سان پيا رُلندا هئا... مون کان سَٺو نہ ويندو هو."

موبائيل جي گهنٽي وڳي. ايشور کڻندي ئي چيو "سي! توکي ننڍ نہ ٿي اچي نہ؟ مون کي بہ نہ ٿي اچي. دوست سان ڳالهيون ڪري وقت پيو گذاريان."
فون مان ٺهڪ ٻڌڻ ۾ آيو. ايشور جي ڏيءُ هئي لينا. چوي ٿي. "پپا! ممیءَ کي ننڍ اچي ويئي آهي. توهين بہ دوست سان ڳالهائڻ بند ڪري اکيون ٻوٽي سُمهي پئو جيئن اک ڪليوَ دوست جي گهر مان نڪري، ٽئڪسيءَ ۾ ويهي گهر هليا اچو."
"لينا مينهن بند ٿئي ته جيڪر هينئر ئي نڪري پوان."
"مينهن نہ بند ٿيڻ جو قسم کاڌو آهي. رکي رکي اهڙو زور سان آسمان ٿو گرجي جو گهري ننڍ بہ ڪلي ٿي پوي."
لينا ڪلندي گڊ نائيٽ چئي فون رکي ڇڏيو. ڪجهہ دير تائين ايشور پنهنجي ڏيءُ جي ڪل جي آواز ۾ ڪوهيل رهيو...

ايشور کي وقت جو ڏيان ئي نہ رهيو هو. هو ڏرمونءَ کي ٻڌائي رهيو آهي، ڪنهن مهل اُما بابت ته ڪنهن مهل سرسوتيءَ بابت.
پنهنجيءَ پتنيءَ لاءِ ايشور کي گهٽو آدر آهي. هوءَ سندن ڪرلا واري گهر جي پرسان رهندي هئي. نهرو نگر ۾ ئي. هو جڏهن دبئيءَ مان ٽين ٽرپ تان موٽيو تڏهن ڪيس شادي ڪرڻ جو اِرادو هو. دبئيءَ ۾ سيٽين ساٺس واعدو ڪيو هو ته، جيڪڏهن شادي ڪري موٽندو ته هو ڪيس زال جي ويزا ۽ فئملي ڪوارٽر ڏيندا. ايشور هڪ ئي سيٽ وٽ لڳاتار تيرهن سالن کان نوڪري ڪئي هئي. ايمانداريءَ سان پورهيو ڪري هن سيٽين جي دل ۾ جاءِ جوڙي ورتي هئي. جيتوٽيڪ اُن جي قيمت ڳري چُڪائي هئائين. پهريون دفعو آيو هو ته ڇيرو جوان هو. ڦوهہ جواني هئس اُها ڪسڪو ڪائي

ويئي. شادي ڪرڻ وقت هو ۽ مرد ماڻهو لڳي رهيو هو اکين هيڻان سياه داغ، ڪاڏي لڙکيل، وار گڏيل لوڻ ۽ ڪاري مرچ وانگر!

ايشور جي واتان سرسوتيءَ جو نالو ٻڌي ئي پاپي سراپجي ويئي. چيو هئائين، "تون اِن ڏڳهه سان شادي ڪندين؟ تون آهين پنج پنج هوءَ اٺئي پنج اٺ."

"خبر اٿم پاپي!" ايشور چيو هو "تون ئي ته ٻڌائيندي آهين ته ٻيگهه پنج اٺ هڻڻ ڪري هن جي ڪٽي شادي نه ٿي ٿئي. مائٽ ويچارا ڪوشش ڪري ٿڪا آهن."

"توکي خبر به آهي پوءِ تون هن لاءِ چو ٿو چوين؟ ماڻهو ڪلائڻا اٿئي."

"ماڻهو ڪلن ته اُڪوئي ڪلن. مان پنهنجي من جي ڳالهه ٻڌندس. مون کي هن ۾ ڪابه خامي نه ٿي نظر اچي. ٻيگهه ويڪر شڪل شبيهه ته قدرت وٽان ٿي ملي. اِن ۾ سرسوتيءَ جو ڪو ڏوهه آهي چا؟"

پاپي ڏاڍي ڪاوڙي هئي. اِن حد تائين هن ايشور کي سرسوتيءَ جي ڳالهه تان ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي جو اُما جو به نالو ورتائين. چيو هئائين، "اُما جو ته سوچ، هوءَ ڪيئن آهي سنهڙي، سُهندڙي، خاص ڳڳوان جوڙيو اٿس. هوءَ توکي سرسوتيءَ سان ڏسندي ته چا سوچيندي..."

ايشور ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو هو. هڪ ته اُما جي گڏجڻ جو ڪو ٿورو به آسرو نه هو. هوءَ ولائت هلي ويئي آهي. مليشيا وڃي وسائي اٽائين. پر جي پارت ۾ اچي ۽ اتفاق سان ايشور کي رستي پنڌ گڏجي به وڃي ته چا ٿيندو؟ ايشور تي قياس ڪائيندي؟ يا دُکي ٿيندي ته ايشور چو هيڏي ڏکي چوکريءَ سان شادي ڪئي آهي؟

دُکي ته ايشور ٿيو هو. جڏهن اُما جي ڪنهن پَرينءَ مائٽياڻيءَ ايشور کي اُما جو گهوٽ سان گڏ فوٽو ڏيکاريو هو. اُما جو گهوٽ عمر ۾ ڪانئس ڇڪو وڏو لڳي رهيو هو. تنهن سواءِ ڪارڙو منهن تي ماتا جا سينئرا... اُما جي مائٽن هڪ پئسوڏنو ٻيو پنهنجي مجبوري ڏني. اُما جي جتي به مائٽي هلي اُتي ڦيٽارو پوي. اِها ڳالهه ته نڪري ئي نڪري: اُما جو افيئر هو نه. پڪ ٿي پيئي هئي. چوڪري دوکو ڏنو ويچاريءَ کي. چوڪرو دٻئيءَ هليو ويو.

اُما پنهنجي راءِ ته ڪُچلي ڇڏي هئي.

ايشور کي به ستون لکيون هئائين:

"پرائي ٽي رهي آهيان. هونءَ بہ تو لاءِ پنهنجي هئس ئي ڪٽي؟ تنهنجي هجان ها تہ تون ڇڏين ها چا مون کي؟ هاڻي تہ تنهنجي منهنجي، پنهنجي پرائي جي ڪهاڻي ئي ختم ٿي ويئي...."

تنهنجي هجان ها تہ تون ڇڏين ها چا مون کي؟ اُما جا اهي لفظ ايشور کي مُنجهائيندا آهن. هوءَ اِهو ئي چوندي رهي آهي تہ ايشور ڪيس چاهيو ئي ڪونہ هو. ايشور کي لڳندو آهي تہ اُما ساڻس انصاف نہ ڪيو. جيسين دبئيءَ جو چڪر چالو نہ ٿيو تيسين تہ سڀ ڪجهہ طئي هو. بن سالن کان پوءِ ايشور کي پروموشن ملڻ وارو هو. هو صرف اُن لاءِ ترسيل هو. بہ سئو پگهار ۾ بہ واڌ ٿيڻي هئي. اُن بعد شادي.. پر اُن وچ ۾ آئي دبئيءَ جي نوڪريءَ جي آڇ. ايشور دبئي وڃڻ جو وجهہ ڇڏي نہ سگهيو. اِهو سندس ڏوهہ هو مجبوري نہ هئي؟

ڏرمونءَ کي جهوتو اچي ويو هو.

ايشور گهٽي ڪوشش جي باوجود بہ ننڊ ڪري نہ سگهيو. سندس گهر ۾ ڏيڍس لينا بہ جاڳي رهي هئي. هن ٻيهر فون ڪيو. چيائين، "پپا! ممي ۽ راهول ٻنهي کي ننڊ اچي ويئي آهي. مون کي لڳي پيو توهان کي ننڊ نہ ٿي اچي. پر هاڻي سُمهڻ جي ڪوشش ڪريو."

اڄ سالن بعد ايشور پنهنجيءَ پتنيءَ سرسوتيءَ ۽ هارن کان سواءِ ڪٽي رات رهيو آهي. هو سرسوتيءَ کان دور ڪنهن بستري تي سُمهيو پيو آهي پر عجب آهي جو ڪيس سرسوتيءَ کان وڌيڪ ياد اچي رهي آهي. هڪ پاپيءَ جي ۽ ٻيو اُما جي.

ايشور يادگيرين ۾ ڪوهجي ڪُرلا واري گهر ۾ وڃي پهتو. پهرئين ڪمري ۾ سيٽيءَ تي ليٽيو پيو آهي. هن کي مُدي جو تپ ٿي پيو هو. پاپيءَ جو اهڙو سُڪ ڏٺي پيو جو ايشور جي دوا درمل... ميوي جي رس سوپ، پت.. ڪڙهيل ۽ چٽيل پاٽي... سڄو ڏينهن ايشور جي سار سنيال لهڻ ۾ پوري هئي. ٻين لاءِ ماني رڌڻ جو وقت الائي ڪٽان آٽيندي هئي. رات جي وقت بہ گهٽي دير تائين ايشور جي بستري ۾ رسان ڪرسيءَ تي ويٺي هوندي هئي. پاپيءَ کي شاديءَ ۾ مليون بہ تہ اِهي ذميواريون نہ. هونءَ ساهرا ڀُهہ ڳڻا پائيندا آهن. چار چمڪندڙ ڏريءَ جا وڳا ٺهرائيندا آهن. پر هتي سَسُ سهرو تہ هٿا ڪين، پاءُ جي شادي مامن مامين ڪرائي. پونا جي پر ۾ پمپريءَ جي ڳوٺ مان هڪ

غريب گهر جي چوڪريءَ سان پاڻ جي شادي ڪرائي. مامن مامين سُک جو ساهه ڪنيو. هنن جي جوابداري پوري ٿي. هنن جو فڪر هڪ ئي هو ڪا اهڙي چوڪري ملي جيڪا اچي گهر جهلي. پاڻ جي رضامندي پڇڻ جي ضرورت ئي نه سمجهيائون. گهر جهلڻ لاءِ هڪ عورت گهر ۾ ڪپندي هئي بس! گهر ته پاڻيءَ خوب جهليو هو. گهر جي هر هڪ ذميواري کٽي ورتائين. ڏيرن اميت ۽ ايشور کي سنياڻ ۾ پاڻيءَ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. پر پاڻيءَ کي ڇا مليو؟

نه ڄاڻ پاڻ پنهنجيءَ پتنيءَ کي اُهو پيار ڏنو يا نه. جيڪو هڪ پتنيءَ کي ملڻ گهرجي. پاڻي ڇو سدائين اُجايل لڳندي هئي؟ جڏهن ڪاوڙ ڪندي هئي، تڏهن اِئين محسوس ٿيندو هو جڙ ڪير اُڄ ۾ مري رهيو آهي. پاڻيءَ لاءِ پيو رڙيون ڪري.

ايشور اڳيان پاڻ ڄڻ جيئرو جاڳندو اچي بيٺو. سوا پنج فٽو شخص، گوري چمڙي، پورو سارو بدن. اُهو ئي پاوَ هيڻ ڇهرو. پتلي جي منهن ۾ به ڪي پاوَ نظر ايندا آهن. پاڻ اصل جهڙو نڪر. هو پاڻ حالتن جي چڪيءَ ۾ پيسيل انسان هو. ايشور کي پاڻ تي قياس اچڻ لڳو. پاڻ پاڻيءَ جو پاڻ ۾ زال مڙس جو رشتو جڙي سگهيو يا نه. سو ڪنهن پُڇيو ڪائنس؟ ڪير هو هنن جي دڪ ۾ پاگي پائي؟ هو ته سيني جي دڪ ۾ پاگي پائي هئا.

پاڻ پاڻيءَ کي ٻار ڇو نه ٿيو؟

ڪنهن ڪين ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي صلاح ڇو نه ڏني؟ ماما، مامين.. ٻيا به ڪيترا رشتيدار آهن. ڪڏهن ڪڏهن اچي پر گهٽ ٿيندا هئا. پاڻيءَ جي پيڪن مان، پمپريءَ مان به ڪنهن مهل مهمان پيا ايندا هئا... پاڻيءَ جو ڪوبه سوٽ، ماسات، ماروٽ جيڪو به بمبئيءَ ۾ ايندو هو سو پاڻيءَ وٽ قيرو پائيندو هو. هڪ ويلو ماني ته ڌڏل هوندي هئن. باقي رات رهڻ لاءِ پاڻي ڪنهن کي به آڇ ڪانه ڪندي هئي. انهن مهمانن کي ڪٽي سُمهاري؟

اَميت ۽ سرلا جي الڳ ٿي وڃڻ کان پوءِ اُهو بالڪني ڪم بيڊ روم وارو ڪمرو پاڻ پاڻيءَ کي نصيب ٿيو جيتوڻيڪ پهريان به ته ڏينهن پاڻي روئڻ ۾ پوري هئي. بالڪنيءَ ۾ وڃي سُمهڻ جي ڳالهه هن کي چوي ڪير؟ پوءِ ڏيري ڏيري پاڻي سنوت ۾ آئي.

ڏرمون سامهون بيهي پڇي رهيو آهي، "سائين! بات روم ۾ وڃڻو اٿو؟ اُهو ٻاهر آهي. ڪوڻيءَ جي پڻيان."

"توکي ننڊ هئي مان اُن مهل ٿي آيو هوس، ڏرمون!"

ڏرمون بات روم مان واپس اچي پنهنجي گاديلي تي ٽانئيڪو ٿي ويٺو. هو سوچي ٿو هاٿي وري ننڊ الائي ايندي يا نہ. رات ڪيئن گذرندي؟

ڳالهائڻ سانگي ايشور کي چوي ٿو، "سائين، ڏاڍو مينهن پيو آهي. ڪاليج جو ڪمپائونڊ درياهہ ٿي ويو آهي. وڏ ڏڙو پيو وسي. سپاٽي تہ ڪاليج ڪُلي نہ سگهندو."

ايشور ڪجهہ وراٽي، تنهن کان اڳ ڏڙامر سان ڪجهہ چٽ مٽان ڪرڻ جو آواز ٻيو. ڪرن جي گجگوڙ مينهن جا ڦڙا نہ پر ڳڙا ڪري رهيا هئا چتين ٿي. اِئين پئي لڳو جڻ جاين جڳيهن مٽان پٿر وسي رهيا آهن.

ايشور وڏيڪ ڪروندڙو ٿي بستري تي ليٽي پيو. هن کي سيءُ ڏاڍو ستائي رهيو هو.

ڏرمونءَ هڪ مگ ڪٽي ايشور مٽان وجهندي چيو "سائين هيو ڪجهہ ڪينهيم جو توهان کي اوڍڻ لاءِ ڏيان. هيءُ مگ بہ هلڪڙي آهي. توهين ڏاڍا ڏکيا ٿي پيا آهيو."

"ڏرمون! سوچ تہ جيڪڏهن رستي ۾ اٽڪي پوان ها تہ لوئر پريل يا دادر جي ڪنهن ريلوي اسٽيشن تي ماڻهن جي ٻيڙ وچ ۾ پيو چيڄان ها. اُتي مگ ڪٽان اڇي ها؟ ماڻهن جون ٽوننيون پيون لڳن ها ۽ پير پيا چيڄن ها."

ڏرمونءَ جي من ۾ ياءُ يايي نالي بہ پراٽي وسي ويا هئا. نہ ڏنل نہ وائنل. پوءِ بہ هنن بابت اڃا وڏيڪ جاڻڻ لاءِ چاهنا ڏرمونءَ کان چوايو "توهين شاديءَ بعد ياءُ ياييءَ سان رهيا؟"

ايشور وراٽيو "نہ رهي سگهيس، ڪيترا سال تہ ڊُبئيءَ ۾ هوس. سرسوتي بہ مون سان اُتي هئي، ٻئي ٻار بہ اُتي جنميا، سرسوتي بہ نوڪري ڪندي هئي. دبئيءَ جي ڪمائيءَ مان ئي باندرا وارو گهر ۽ دڪان وٺي ڇڏيو هوم. موڪلن ۾ دبئيءَ مان هتي ايندا هئاسين تہ هفتو ڪن ياييءَ وٽ ضرور رهندا هئاسين، ڪار واري گهر ۾. اسان ياءُ ياييءَ کي گهٽي منٽ ڪري ڪُرلا واري جاءِ ڇڏائي. اَميت ۽ مون گڏجي ڪار جي هائوسنگ بورڊ ڪالونيءَ ۾ ياءُ ياييءَ لاءِ گهر ورتو. اها وڏي سهوليت ٿي پيئي. ياءُ ياييءَ کي، اَميت توٽي مان

ٻئي نزديڪ هئاسين.... اُن وقت تائين سڀ ٺيڪ هو. ابي جي رت جي خوشبوءِ هئي رشتن ۾. اُن کان ڪجهه وقت پوءِ اميت کي خبر ناهي ڇا ٿيو.. هُو هن طرح دور ٿيندو ويو."

ايشور ٿڏو ساهه ڀري چپ ٿي ويو. هن پاسو ورايو ته ڏرمون ٽپ ڏيئي اُن پاسي آڇي پٽ تي وينو جنهن پاسي ايشور منهن ڪيو هو.

ايشور چيس، "ٽڏي پٽ تي نه ويهه. سيءَ جي جهاڙ نه لڳي وڃيئي. هُتي گاديلي تي وڃي ويهه."

"اُتان توهان جو منهن ڏسي نه سگهندس. ڳالهائڻ ۾ مزو نه ايندو. توهان منهنجو خيال نه ڪريو. مان هتي ٺيڪ وينو آهيان."

"نه ڏرمون.... اڇ پلا مٿي پلنگ تي اڇي ويهه." ايشور پرپرو سرڪي ڏرمونءَ لاءِ جاءِ ٺاهي.

"اڇ ڏرمون، حجاب نه ڪر، گهر تنهنجو آهي ۽ تون ئي اڇي تڪليف ۾ پيو آهين، منهنجي ڪري."

ڏرمون هٽڪندي پلنگ تي ويهندي چيو "مان توهان جي جيس نه آهيان."

ايشور اوباسي ڏيندي چيو "ڪير ڪنهن کان گهٽ ڪونهي."

ڏرمونءَ کي نمو ياد آئي. هوءَ به چوندي هئي، ڏرمون ڪاڪا! شاهوڪار غريب، اوچ نيچ، پنهنجو پرائو... اِهي سڀ ڳالهيون اجايون آهن. اسين سڀ سمان آهيون. سيني ۾ گڙ به آهن، اوگڙ به آهن. ههڙي سياڻي چوڪريءَ کي پڳوان گهرائي ورتو. ڏرمونءَ جي دڪ جو ڪو ڇيهه ئي نه هو. هينئون ڏارون ٿي ويو هوس. ڏرمونءَ جي حياتيءَ ۾ نمو هڪ نه سوين ڏيئا ٻاري ويئي هئي. جيڪڏهن نموءَ سان نه ملان ها ته حياتي اونده ۾ ٽاڏوڙا هڻندي گذري ها. ڏرمونءَ حياتيءَ جو هڪ اهم باب ايشور اڳيان کولي رکيو. ٻڌايائين: منهنجي ڏيءَ بروچ ۾ مئٽرڪ تائين پڙهي. منهنجي زال چوي ته هاڻي هن کي شادي ڪراءِ. مان جو هتي ڪاليج ۾ ٿو نوڪري ڪريان سو مون کي شوق ته منهنجي ڏيءُ ڪاليج پڙهي. پڙهيل ڳڙهيل چوڪرين جي اُٽڪي ويهڻي، سمجهه سوچ، سڀ نرالو ٿو ٿئي. مون زال جي ڳالهه ريٽي ڏيءُ کي ڪاليج پڙهڻ لاءِ موڪليو. اُتي هن جو هڪ مسلم چوڪري سان پيار ٿي ويو."

ايشور بستري تي اُٿي وينو. ڏرمون ڏيءَ کي ڪاليج پڙهڻ لاءِ موڪليو ايستائين ته ڳالهه رواجي هئي پر ڏيڍس جو هڪ مسلمان سان پيار ٿيڻ... ڏرمون پاڻ ته پريم وواهه نه ڪيو آهي پر گهڻن ئي پيار ڪرڻ وارن سان واسطو پيو اٿس. نمو... ۽ هيءَ سندس پيٽ جائي.

ايشور انتظاريءَ وچان پڇيو "پوءِ ڇا ڪيو تو؟"

ڏرمونءَ جو آواز ئي نرالو ٿي ويو. هن چيو "مون کي نمو نه سمجهائي ها ته مان ناحق ڪري وجهان ها. ڏيءُ کي ماري ڪُٽي مڃايان ها. پنهنجي ذات جي ڪنهن چوڪري سان پرٽائي چڏيانس ها. پر نموءَ چيو:

"ڏرمون چاچا، ذات پات، ڏرم مذهب ۾ ڇا رکيو آهي. جيڪڏهن چوڪرو اشراف آهي ته توهين پرماتما تي رکي ڏيءُ کي هُن سان پرٽائي چڏيو."

ڏرمونءَ، نموءَ جي ڳالهه هينئين سان هنبائي. نموءَ کيس اهو به چيو: "چاچا! توهين بروچ جا آهيو. ڪبير جي ڳوٺ جا. ڪبير پنهنجن دوهن ۾ مذهبي پيد کي ميڙيو آهي ڇا؟" ڪبير جا به چار دوها به ٻڌايا هئائين:

پاءِ اوڙ ۽ پنک اوڙ ۽ اوُر رنگ رنگي،
جات پات نه لکئ ڪوئي پڳٽ پؤ پنگي.
ندي نالا ملي گنگا کهاويءَ گنگي،
سماني درياوءَ دريا پار نا لنگهي.

"ڪبير صحيح هو پر..."

ايشور دنيا داريءَ جي ڳالهه ڪئي. چيائين، "تنهنجي ته ڏاڏي نندا ٿي هوندي پنهنجي ذات وارن ۾. متن مائٽن...."

ڏرمونءَ چيو "وڏو طوفان اٿيو سائين! پر هڪ هئي نموءَ جي دُعا ۾ پرماتما جي ڀاجهه. سڀ خير سان ٿي گذريو. نائي اهڙو مليو اٿم جو شل جڳ کي ملي."

ڏرمونءَ جي ڳالهه ٻڌي ايشور کي پنهنجي سَسُ ياد آئي. هوءَ به ساڳيا ڏرمونءَ وارا لفظ سندس لاءِ چوندي آهي ته ايشور جهڙو نائي شل سڀني کي نصيب ٿئي. چوندي هئي منهنجي ڏيءُ سرسوتي هئي نِندِيل. مائٽين وارين وٽ مشهور ته اُٺ جيڏي ڏگهي چوڪري ڪير ڪٽندو؟ پر نِندِيل سرسوتيءَ کي ايشور چوندي چڏيو. پاڻ سرسوتيءَ جو هٿ گهرائين. ڏيتي ليتي به ڪانه ورتائين. شاديءَ کان پوءِ به هٿن ترين تي پيو هلائيس. راج پيئي ڪري."

سرسوتي راڄ ڪري رهي آهي، ايشور جي حياتيءَ تي، گهر تي، دل تي بہ؟ ها... ايشور پاڻ کي چوي ٿو اِهو سڀ آهي تہ ڪجهہ سال اڳ ان دل تي اُما جو راڄ هو. ايشور کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ سڀ ڇا آهي. ائين آهي ڇا تہ جيڪڏهن اُما منهنجي زندگيءَ ۾ نہ اچي ها تہ مان سرسوتيءَ کي وڌيڪ پيار ڏيئي سگهان ها؟... اُما منهنجو ماضي هئي. سرسوتي 'حال' آهي. جيئڻ تہ حال ۾ آهي نہ؟

ڏرمون پُڇي رهيو آهي، "سائين توهان پنهنجي ڏرمپتنيءَ کي اُما بابت ٻڌايو آهي؟"

ايشور پنهنجو مٿو هٿن سان ڏهائيندي چوي ٿو "ها ڏرمون، مون سرسوتيءَ کي سڀ ٻڌايو آهي. اُما جي باري ۾ ۽ پاپيءَ جي سياڻ جي باري ۾ بہ. جڏهن اُما سان پريت هئم تڏهن عمر هئي 25_26 سال. پاپيءَ جي سياڻ جي باري ۾ اُما کي ڪجهہ ٻڌائڻ معنيٰ گهر جي گلا ڪرڻ، پاپيءَ جي گهٽتائي ڪرڻ، ائين سمجهندو هوس. سرسوتيءَ سان شادي ڪرڻ وقت ستٽيهہ سال عمر هئم. ويچار بدلجي ويا هئا. سرسوتيءَ کي هر هڪ سچائيءَ کان واقف ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيم."

ڏرمونءَ ڏٺو تہ ايشور گهٽي دير کان مٿو آڳرين سان مهٽي رهيو آهي. هو ايشور جي سيرانديءَ اچي ويٺو. حب مان چيائين، "مان ٿو توهان جي مٿي کي زور ڏيان."

"نہ... نہ". ايشور اوباسيون ڏيندي وهاٽي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيو. هن جي گهٽي منع ڪرڻ تي بہ ڏرمون نہ مڙيو. ڪيس مٿي تي زور ڏيڻ شروع ڪيائين. ايشور کي لوندڙين ۾ ڏان ڏان ٿي رهي هئي. ڏرمونءَ جي زورن ڏيڻ سان ڏان ڏان گهٽجڻ لڳي. هن کي احساس ٿيڻ لڳو تہ جڻ ڏرمون سندس پنهنجو پاڻ هجي. وڏي پاڻ جي موت بعد ايشور کي من ۾ هڪ خال محسوس ٿيڻ لڳو هو ۽ اميت دليان دور ٿي ويو هو. ڏرمون، ايشور جي خالييپڻي کي ڪنهن حد تائين پري سگهيو هو.

ايشور کي جڏهن مُدي جو بخار ٿيو هو تڏهن پاپيءَ تہ پاڻ ماري هچا ڪئي هئي پر پاڻ صرف ڪم تي وڃڻ مهل ايشور جي سيٽيءَ سامهون ڪرسي وڃائي ۽ چار منٽ ويهندو هو. پوءِ چُپ چاپ ايشور جي مٿي تي هٿ رکي، آفيس هليو ويندو هو. وري آفيس مان موٽڻ وقت بہ بلڪل ساڳئي

نموني ۾ منٽ ويهي ايشور جي نرڙ تي يا وارن ۾ هٿ ڦيري پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندو هو. ياڻ جي هٿ جو اُهو سنيهه پريو ڇهاءُ وري ڪٽي مليو آهي؟ اڄ ڏرمونءَ جي هٿ جو پنهنجي متي تي ڇُهاءُ محسوس ڪري ايشور جڙ کا خوشبوءِ ماڻي رهيو آهي.

"هاڻي زور ڏيڻ بند ڪر. تون ۽ وهاڻو ڪٽي اڇ. منهنجي پر ۾ اڇي ليٽي پئ."

"نہ سائين ائين ڪيئن ٿيندو؟"

"ائين ٿيندو ڏرمون. جلدي وهاڻو ڪٽي اڇ."

رات جا ٽي بجا وقت ٿيو آهي. ڪوئيءَ جو در ته چا پر دري ۽ بند هئي تڏهن ۽ وينٽيليٽر مان گهوگهاٽ ڪندي هوا ڪوئيءَ ۾ اڇي رهي هئي. ايشور ۽ ڏرمون ٻئي هڪ ٻئي کي پٺي ڏيئي ليٽي پيا هئا. هنن کي پنهنجي مٿان اوڍڻ لاءِ جيڪي هٿ آيو هو سو وڌو هئائون. چادرون توال... ٻيا ۽ ڪپڙا لٽا ڪٽي پنهنجي مٿان وڌا هئائون... سيءُ پوءِ ۽ ڪين سيڪاتي ڇڏيو.

ايشور ۽ ڏرمونءَ جي نيٽن ۾ ننڊ ڪاند هئي. ٻنهين پاسو ورائي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيو. هنن جي اندر ۾ اُٿل پٿل هئي. ذهن ۾ ويچارن جي ڊڪ ڊوڙ هڪ هو برسات جو ڪڙڪاٽ ڪندڙ آواز ٻيو هو سنڌن اندر جو شور!

هنن جي گفتگو وري شروع ٿي ويئي.

ڏرمون پڇيو "توهان جا ياڻ پايي توهان جي ڏرمپتنيءَ مان راضي هئا؟ هِن ۽ ڪين قرب عزت ڏنو؟"

"سرسوتيءَ ٻنهي ياڻ پاييءَ کي قرب عزت ڏنو. هوءَ سنڌن وڏپڻ پرکي ويئي، پوءِ ۽ پاييءَ جي غصي جو شڪار ڪير نہ ٿئي اهو ته ٿيڻو ئي نہ هو."

"پر گڏ ته رهيا ڪين...."

"ڊيئيءَ مان موڪلن ۾ ايندا هئاسين ته هفتو ڪن ٻارن سوڌا ياڻ پاييءَ وٽ رهندا هئاسين. اُهو گهر ته هيڊ ڪوارٽر هو نہ.. هڪ دفعي اُتي ٽڪيل هئاسين ته اسان جو دوستن سان پڪنڪ جو پروگرام رڦجي ويو. سڀ جوڙا ٽي وڃي رهيا هئا. سيڪو ٻارن کي ڏاڏاڻن يا نانائن ڇڏي ٻئي هليو. مان ۾

سرسوتي بہ ہارن کي پاپيءَ وٽ چڏي وڃڻ لاءِ سنيريا سين. سرسوتي پڪنڪ واري ڏينهن سويليرو اُٿي دال پکوان تيار ڪرڻ لڳي. سمجهيائين تہ ہار خوش ٿيندا تہ ممي اسان لاءِ من پسند نيرن ناهي ويئي آهي. بس پاپي جو ڏمريل سرسوتيءَ جو تہ ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو. پاپيءَ چيس سو مان ڪاڪ ہارن کي دال پکوان ناهي ڏيندیس ائين نہ؟ مڙسنهن کي ڪنهن پاليو وڏو ڪيو؟ باقي اُن جي ہڇن کي ڪاڪ سنياليندیس. چو تہ اُهي تنهنجي پيٽ مان نڪتا آهن. پيڪن مان ڪٽي آئي آهين چا ہار جو اِهي ناڪ ٽي ڪرين؟"

سرسوتي اهڙي ڪُڇي جهڙي پٽ. ايشور پنهنجيءَ زال جي گهٽي مهرباني ميچي هئي. جيڪڏهن هوءَ کا سمجهاڻي ڏئي ها يا روسامو ڪري ها تہ پڪنڪ مان ہ پڪنڪون ٽي وڃن ها. ايشور ڪيس پڪنڪ تي ڪن ۾ چيو هو "اڄ تو وڏو امتحان پاس ڪيو آهي. پاپيءَ جو چيو درگذر ڪيو اٽيئي."

هڪ ہي ہ ڀالهہ ايشور کي ياد آئي. هڪ دفعي هو پاءُ پاپيءَ وٽ ٽکيل هئا تہ پاڻ ۾ سُس پُس ۾ ڀالهيون ڪندي. هنن هڪ ہئي کي I love you لفظ چيا... ٿوريءَ دير کان پوءِ سرسوتي رڌڻي ۾ ويئي پاپيءَ کي ڪم ڪار ۾ هٽ ونائڻ لاءِ تہ پاپي چيس. "هاڻي گهڻو ٿيو. وڃ وڃي مڙس کي چئہ Love you وري هو تنهنجو گولو غلام توکي چوي Love you. توهان مان چا سرندو؟ توهان کو گهر جو ڪم ڪندا؟ پنهنجن ڪيجن مان واندا هجو تڏهن نہ."

سرسوتي اُن ڏينهن سچ پچ ڍهي پيئي. هن جو موڊ ڏاڍو خراب ٿي ويو. سڄو ڏينهن لٽل منهن ڪٽي لاچار هلي چلي. ڪو بکيڙو ڪونہ ڪيائين پر سندس وهنوار مان ہُوست ظاهر هئي.

پاپيءَ کي ڪهڙي تڪليف ٿي جيڪڏهن ايشور ۽ سرسوتيءَ هڪ ہئي کي Love you لفظن سان نوازيو. زال مڙس آهن. ايشور سمجهي نہ سگهيو هو. اڄ اُهو واقعو ياد ايندي پاپيءَ جو اُهو روپ ڪيس منجهائيندڙ نہ ٿو لڳي. وقت ڪيس ڏيري ڏيري سمجهائي چڏيو آهي تہ اُها ہ هڪ اُجڙيل دل جي دانهن هئي. پاپيءَ کي تہ اهي لفظ پاءُ ڪڏهن چيا نہ هوندا. هن جا ڪن ترسيا هوندا تہ پاءُ ڪڏهن اکيون اکين ۾ وجهي ڪيس ڪن ۾ چوي Love you.

سرسوتي، پاپيءَ وٽ رهڻ کان ڪيبائڻ لڳي. ڪيس پاءُ لاءِ گهٽو سنيهه آدر هو. هوس ته پاپيءَ لاءِ به ايتريءَ حد تائين جو هنن ٻنهين کي پوڄا لائق ميجيندي هئي پر پاپيءَ وٽ رهڻ کان ڇرڪندي هئي. سرسوتي پاءُ کي پنهنجو وڏو ڏير نه پنهنجو سڳو پاءُ ڪري ميجيندي هئي. اِن قسم جي سنهڙ جو سلو ڪيئن پوکجي پيو ڪير ڄاڻي؟ سرسوتي پاءُ کي پيرين پوندي هئي ته هو اڌ مرئي سندس هٿ جهلي ڪيس مٿي تي هٿ رکندو هو. چوندو ڪجهه به نه هو. سرسوتي هڪ دفعي دبئيءَ مان پاءُ لاءِ تمام سُٺي اُڇي واڇ وٺي آئي 'ريماندويل'. اُها واڇ جنهن ڏينهن پاءُ پاتي تنهن ڏينهن سرسوتيءَ جي منهن مان سج وانگر تروررا نڪتا هئا. پاپيءَ لاءِ پاءُ کان اڳ ئي واڇ آندي هئائين پر پاپيءَ وٽ مهل ڏرپٽ ٻڌايس، "چار پئسا بچائيندا به يا رڳو تحفا آڻڻ ۾ پئسا پورا ڪندا پوءِ هتي اچي جهانجهه وڄائيندا؟"

ايشور جو ڪونگهرو ٻڌي ڏرمونءَ سُک جو ساهه ڪنيو. ڏرمونءَ بي فڪرو ٿي پاسو ورائي سُمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر هڪ عجب ڪيس ويڑهي ويو آهي. ايشور نالي هڪ اجنبي شخص منهنجي بستري تي منهنجي پر ۾ سُمهيو پيو آهي. اجنبي پر پاءُ جهڙو پنهنجو. ڏرمونءَ ته سمجهيو ته ڪنتري ڏوگهي، ڏوڏو ٽڦي ڪائي سُمهي پوندس اڪيلو... ايشور کي به خبر ڪٿي هئي ته هو ڪنهن ڏينهن ڏرمونءَ وٽ رات رهندو! ڏرمونءَ کي اِن اتفاق تان وڌيڪ عجب لڳندو آهي ته جنهن ڏينهن نموءَ پني ٽڪريءَ تي ڪا ضروري ڳالهه لکي مون کي ڏني هريش کي پهچائڻ لاءِ اُن ئي ساڳئي ڏينهن، هريش جو نانو چو گذاري ويو جو ڪيس دهليءَ وڃڻو پيو. نمو فون تي چو نه ملي سگهي؟ ٻڌايو هئائين ته دهليءَ مان فون ڪيائين ته هر پيري نموءَ جي پيءُ پئي ڪنيو ۽ هريش فون رکي پيو چڏي. هو هفتي بعد دهليءَ مان واپس آيو. اُن ئي ڏينهن نمو گذاري ويئي! قدرت هي کهڙو کيل کيليو؟ ڪنهن کي ڏوهه ڏجي؟ نموءَ کي به ڏوهي نه ٿو ٺهرائي سگهجي. نه ڄاڻ مٽس کهڙي هري آئي هئي... شايد سندس پيءُ مڱڻو طئ ڪرڻ وارو هو. نمو پنهنجيءَ ماءُ کان پوءِ پيءُ کي ائين سنياليو هو جڙ پاڻ هن جي ماءُ آهي. هوءَ هڪ ننڍڙي ماءُ بڻجي ويئي هئي. پيءُ جي هر هڪ ضرورت جو خيال رکندي هئي. پيءُ جي هر هڪ شيءِ ٽائيڪي رکندي هئي. ڏاڙهيءَ جو سامان،

ڪپڙا، دوائون، بئنڪ جا ڪاغذ، خط پٽ، چمپل بوٽ، جوراب رومال، اک چنپ ۾ پيءُ کي ڪڍي ڏيندي هئي. گر گام ۾ سندن ٻن ڪمرن وارو گهر صاف صفائيءَ ۾ سنجت سهيڙ جي ڪري جڙ ڪشادو لڳندو هو. ماءُ جي هوندي ئي هن گهر جي هر شيءِ ٽائنيڪي رکڻ جي عادت پرائي هئي. نہ سِکي هئي تہ رڌڻ. ڪيس رڌڻ لاءِ چاهہ نہ هو. ماءُ جي گذرڻ کان پوءِ هنن رڌڻ لاءِ هڪ گجراتي مائي رکي هئي. نموءَ جو پيءُ گجراتي آهي. ڪيس گجراتي کاڌي لاءِ سياويڪ پسندي وڌيڪ آهي.

نموءَ جي ماءُ سنڌياڻي هئي. هن جا ناناڻا واربن روڊ تي رهندا آهن. هن جي ماءُ پيءُ جي پيار جي شادي هئي، ان ڪري نموءَ هڪ سنڌي چوڪري تي هرڪ هاريو تہ ڪيس ٽورڙو بہ پَوَ نہ هو تہ مائٽ مخالفت ڪندا. ماءُ رهي ڪانہ پيءُ اعتراض ورتو تہ اِن ڳالهہ تي، نہ تہ هريش هڪ سنڌي چوڪرو آهي، پر ان تي تہ هريش وارن وٽ اڃاسو پئسو آهي. هو دلي طرح بہ اڃاسا هوندا. دل تہ هنن وٽ ٿيندي ڪانهي.

ڏرمونءَ هڪ ڏينهن همٽ ڪري نموءَ جي پيءُ کي سمجهائڻ خاطر چيو هو "ٿي سگهي ٿو هريش جا مائٽ دل وارا ماڻهو هجن، توهان جي هنن لاءِ راءِ غلط بہ ٿي سگهي ٿي."

نموءَ جي پيءُ چيو "اري ڏرمون! مون گهڻا سال پنهنجن ساهرن سان نباهيو؟ ايڪٽيهہ سال. نموءَ جي ماءُ هر مهيني مون کي وٽن هلڻ لاءِ زور پريندي هئي. پاڻ تہ ويندي رهندي هئي. مان سندس خوشيءَ خاطر هر مهيني ساهرين ويندو هوس. هڪ دفعو بہ هنن مون کي اِهو احساس نہ ڏنو تہ مان سندن نائي آهيان. بس هنن جي ڏيءُ جو مڙس آهيان. ۾ سبب ڪهڙو هو؟ اهو ئي تہ هو ڪروڙ پتي آهن ۾ مان هڪ غريب ماڻهو آهيان. معمولي نوڪري اٿم هڪ خانگي ڪمپنيءَ ۾."

نموءَ جو پيءُ ۾ ڏرمون پاڻ ۾ گجراتيءَ ۾ ڳالهائيندا هئا. ٻئي بروچ جا ويڙل آهن پر هنن جي واقفيت ڪونواسي هڻڻ سبب نہ ٿي. هنن جو پاڻ ۾ رشتو نموءَ جي ڪري جُڙيو. وڌيڪ پنهنجائپ جو ڪارڻ هو ساڳي ماتر ياشا. گجراتي ٻوليءَ ۾ پاڻ ۾ ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ ۾ اٽڪ ئي نہ ٿيندي هئي. نموءَ جي پيءُ شخصي آزمودو ڏرمونءَ کي ٻڌايو. چيائينس:

"منهنجن ساهرن جيڪو مون کي تڃ هڻڻ جو احساس ڏنو اُهو پالي جيان من ۾ ٽنبيو پيو آهي. اُهو ڪيترو ڪشندائي آهي. تون چاهين ٿو

هريش جا مائٽ ٻه منهنجي ڏيءَ کي پنهنجي نُنهن جو درجو نه ڏين، صرف پنهنجي پٽ جي پتني ڪري ليکين، جنهن کي پنهنجي خاندان ۾ داخلا ڏيئي هنن مٿس احسان ڪيو آهي؟"

اچانڪ وڃ جي ڪري هڪ روشنيءَ جي ليڪ ڏرمونءَ جي ڪوٺيءَ ۾ ڪاهي آئي. اُها ليڪ واري روشني آرتيءَ واري ٽالهيءَ تي پئجي الوپ ٿي ويئي. آرتيءَ جي ٽالهيءَ تي نظر پوندي ڏرمونءَ کي ياد آيو ته اڄ ايشور سان ڳالهيون ڪرڻ جي مَؤ ۾ هو آرتي ڪرڻ ڀُلجي ويو آهي. اڄ پهريون دفعو هن آرتيءَ جو نيم ٽوڙيو آهي. هن آرتيءَ جي ٽالهيءَ سان گڏ ڏرمونءَ جي زندگيءَ ۾ آيل ڏوڪڙ جي ڪهاڻي جڙيل آهي.

اُها ڏوڪڙ جڏهن هند ڪالیج جا ۽ ڏرمونءَ جا ڪپڙا ڏوئيندي هئي. ڏرمونءَ جي ڪپڙن ڏوڪڙ جو خرچ ٻه ڪاليج جي بلي هو. الائي ڪيئن ٿيو ائين. چا ٿيو ۽ چو ٿيو ائين جو ڏرمون اُن ڏوڪڙ سان اُلجهي پيو هو. ٻنهي جاتو ٿي ته عارضي سنبنڌ آهي. ان جي ڪا اڳياڙي پچاڙي ڪانهي. پر پچاڙي تمام تکڙي اچي ويئي. هڪڙي ڏينهن نموءَ کي، ڏرمونءَ ۾ ڪو تکڙو ڪم پئجي ويو. هن جو پنهنجي پيءُ سان اوچتو بمبئيءَ کان ٻاهر وڃڻ جو پروگرام ٺهي ويو هو. هوءَ هريش کي چتائي نه سگهي هئي. هن جي پريُٽ هريش کيس جڏهن هند ڪاليج جي ڏاڪن تي نه ڏسي پريشان ٿيندو. اِن لاءِ نموءَ ضروري سمجهيو ته ڏرمون چاچا کي هريش لاءِ ٻه اکر لکي ڏيئي وڃي. اُن وقت رات جا ساڍا اٺ بجا وقت ٿيو هو. ڏرمونءَ جي ڪوٺيءَ جو در زور زور سان کڙڪيو هو. ڏرمون ڪافي دير تائين در کولي نه سگهيو هو. آخر جڏهن کوليائين تڏهن ڪنڌ هيٺ هوندي ئي نموءَ کان هريش لاءِ لکيل پني ٽکري ورتي هٿائين. چيو هٿائين، "تون پڪ رک مان صبح جو سويل ئي جيئن ڏهين بجي ڏاري هريش ڪاليج ۾ گهڙندو. تيئن کيس ڏيئي چڏيندس."

واپس ويندي نموءَ ڪوٺيءَ ۾ ويٺل ڏوڪڙ کي ڏسي ورتو هو.

بمبئيءَ واپس اچڻ شرط نمو جڏهن هند ڪاليج ۾ آئي. ڏرمونءَ جي ڪوٺيءَ ٻاهران بيهي سڏ ڪيائين، "ابا منهنجا" ڏرمون تکڙو در کولي ٻاهر آيو. چيائين:

"تون اچي ويئينءَ. هريش تو لاءِ روز پچا ڪندو آهي."

"ابا! هريش سان اڄ ئي گڏجنديس پر هينئر مان توهان سان ملڻ آئي آهيان. مان جڏهن هت هريش لاءِ نيا پور رکڻ آيس، توهان جي ڪمري ۾ ڪا عورت موجود هئي. ڪير آهي هوءَ؟"

ڏرمونءَ جي پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. هو ڇا چوي؟ جواب ڏيڻ خاطر چيائين، "هوءَ ڏوڀڻ آهي. ڪالهج جا ۽ منهنجا ڪپڙا ڏوئيندي آهي."

"ابا منهنجا! هوءَ هاڻي هن ڪوٺيءَ ۾ پير نه پائيندي. هيءَ ڪوٺي منهنجي امڙ جي آهي. امڙ بروچ ۾ صبح سويرو پنجين بجي کان گهر جي پورهئي ۾ پوي. رات جو دير سان فارغ ٿي ٿئي. گهر جو دک سُک، کُٽي وڌي سڀ هن جو ڏمو گهر جي هر پاتيءَ جي هڪل حجت هن مٿان. امڙ ڳهي وهي ۽ اَبي جو نام جپي، ۽ اَبو هت چوڪيداري ڪري چار ڏوڪڙ ڪيس موڪلي بس! ايترو لهڻي صرف هوءَ امڙ؟"

ڏرمونءَ جو ڪنڈ هيٺ ٿيو سو اُن وقت کڄيو ئي ڪين.

نمو به روئندي سڏڪندي هلي ويئي. هوءَ ٻئي ڏينهن آئي تہ اِها ٽالهي کڻي آئي. آرتيءَ واري ٽالهي. ڏرمونءَ کي هٽ ۾ ڏيئي چيائين، "هن ٽالهيءَ ۾ شام جو ڏيئو ٻارجو ابا. جوت مان امڙ جي پيار جي روشني جهٽجو. ڏٽيءَ جو نالو وٺجو. سڄي ڪوٺيءَ ۾ امڙ جو آواز گونجندو."

ڏرمونءَ جي ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڪاٺ جي تختي تي ٽالهي رکي آهي. اُن جي هيٺان هڪ ننڍڙو مندر اِستاپت ٿيل آهي. ماتا جي تصوير ۾ گڻيش جي مورتي براجمان آهي. ڏرمون جنهن مهل شام جو آرتي ڪندو آهي، تنهن مهل نموءَ جي چوڙ مطابق هو گويا پنهنجي پتنيءَ جو آواز ٻڌندو آهي. هوءَ به چوندي آهي:

"اوم جئہ جگديش هري..."

ايشور ڇرڪ پري ننڊ مان جاڳي ٻيو. هنڊ تي ويهي اوباسي ڏيندي چيائين، "ڏرمون! پاڻي ڪپي."

ڏرمونءَ جهٽ پاڻيءَ جو گلاس آڻي ڇيو. "سائين! ٺيڪ تہ آهيو نہ؟"

"نيڪ آهيان." پاٽيءَ جا به ٿي ڏڪ پيئڻ بعد ايشور چيو "سپني ۾ اُما کي ڏسڻ. ڏاڍو عجيب سپنو هو." ڏرمون سپني بابت ٻڌڻ لاءِ ايشور جي منهن ۾ نهارڻ لڳو.

ايشور چيو "ڏسڻ ۾ اُما ڪنهن ديس جي راڻي بڻي آهي. سونهري لهرائيندڙ لباس پيو اٿس. سڄي هيرن موتين سان جهنجهيل آهي. مستڪ تي مُڪٽ به اٿس. پنهنجي تخت تي براجمان پنهنجي پرجا ڏانهن نهاري رهي آهي. اُنهن ماڻهن منجهه مان به ويٺو آهيان. مون تي نظر ٽي پويس ته مسڪرائي پڇي ٽي ڪيئن ايشور سڃاڻين ٿو مون کي؟ مان راج راڻي آهيان. اٺاهه دولت اٿم. تو واري وات پڪڙي مان ڏني سون چانديءَ سان راند پيئي ڪريان."

"سپنو ته ڪو خوفناڪ نه آهي. توهين گهبرايل چو آهيو سائين!" ڏرمونءَ عجب ۽ انتظاريءَ مان پڇيو.

"گهبرايل نه آهيان پر ڏک ڏاڍو اٿم جو اُما سپني ۾ به مون کي ٽوڪي ويئي ته مان دولت جو پوڄاري آهيان."

ڏرمونءَ جي منهن مان ايترو نڪتو "هاڻي اِن ڳالهه تي سوچڻ ڇڏي ڏيو. گذري ويئي... اُما مئلهم جي پنهنجي نقطه نگاهه آهي."

"ڏرمون... پاپيءَ هڪ جملو چيو هو ته ڪنهن جي وهي وڃائڻ نيڪ نه آهي. اِها ڳالهه به صحيح آهي نه؟ ڪنهن کي شاديءَ لاءِ ڏهه يارهن سال ترسائڻ واجب آهي؟ مون ته اُما جي پلائي سوچي."

ڏرمون ڳالهه ڦيرڻ لاءِ چانهه ٺاهي کڻي آيو.

ايشور چانهه پيئندي چيو "هيڏي مهل اڌ رات جو چانهه پيئڻ جو مزو ئي اور آهي."

ايشور جو ڏرمونءَ جي رڌڻي ڏانهن ڏيان ويو. هو چانهه جو خالي ڪوپ رکڻ ويو ته ڏنائين پلنگ کان ٿورڙو پريرو پارٽيشن ڏنل آهي. اُن پارٽيشن پٽيان هڪ ميز رکيل آهي. اُن ميز جي مٿان ڪارو پٽر لڳرائي رڌڻو ٺاهي ڇڏيو آهي ڏرمونءَ.

ايشور دريءَ وٽ اچي ٻورو ٻاهر جو نظارو ڏسڻ خاطر دريءَ جي هڪ ڪڙي ٽو کولي. دريءَ جو هڪ تاڪ زور سان ٽڪاءُ ڪرڻ لڳو اُهو هڪ

تاڪ بند ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. جيسين دري بند ٿئي تيسين تيز هوا ڏوڪيندي ڪمري ۾ آئي ۽ ڪوٺيءَ کي ڀانوڀول ڪري ڇڏيائين. بلب ڪري اچي پٽ پيو ۽ ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. تختن تي رکيل ڪيترين ئي سنهين ٽُلهين چيزون پٽ ۾ ڪري پيون. نہ ڪريو تہ صرف هڪ ننڍو لوهہ جو ڪٻٽ. اُهو بہ ٿورو ڏڏيو پر ڪريو ڪين. ڀانوڀول ڪوٺيءَ جي سامان کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ ڏرمونءَ کي ڪلاڪ ڪن لڳي ويو. ايشور اچي ششدر ٿيو تہ هن کي دري کولڻ نہ ڪپندي هئي.

ايشور کي وري سپني واري اُما ياد اچڻ لڳي. هن سوچي سمجهي اُما کي ڇڏڻ جو قدم ڪنيو هو. پوءِ اڄ ڇو هُو اُداس ٿي رهيو آهي؟ هن کي ڏرمونءَ جو يا اُما جو سرٽيفڪيٽ ڇو کپي؟ ڪير ڪيس پيار ۾ بي وفا سمجهي. اهو هُو ڇو نہ پئي برداشت ڪري سگهيو؟

"توهان جي پاءُ پاپيءَ کي ڪار وارو گهر پسند هو يا ڪُرلا وارو گهر وڌيڪ وٺندو هون؟" ڏرمون پڇي ٿو.

"ڪار وارو گهر هر خيال کان بهتر هو. پر اسان سپني کي ڪُرلا واري گهر سان لڳاءُ هو. نهرو نگر واري اُن گهر ۾ اسان ڏاڍي مشڪل حياتي گذاري. پئسي جي سوڙهہ. جاءِ جي سوڙهہ. پر دلين ۾ سوڙهہ نہ هئي ۽ پاءُ پاپي تہ اُتي ڏاڍا خوش هئا جو اسين سڀ اُتي گڏ هئاسين. ڪار واري گهر ۾ پاءُ پاپي اڪيلا رهندا هئا... خلاصو گهر. سُني ايراضي تہ بہ اڪيلائي هنن لاءِ ماريندڙ هئي."

پاءُ کي هڪ وندر ضرور ملي ويئي. جڏ سڄي اُداسي پر ڪري اُڏامي ويس. هو ڪار ڪان پنڌ ئي پنڌ سانتا ڪروز اوپر ۾ اسٽيشن لڳ سيتا سنڌو پون ۾ هليو ويندو هو. ٻڌر ڏينهن شام جو ۽ آرتوار ڏينهن صبح جو. ٻڌر واريءَ چونڪيءَ ۾ ۽ آرتوار واري پروگرام ۾ ڪيترائي سنڌي راڳيندڙ شرڪت ڪندا هئا. ايشور ڪڏهن پاءُ کي ميوزڪ تي جهومندو نہ ڏٺو هو پر سيتا سنڌو پوَن ۾ سنڌي ڪلام ٻڌندي پاءُ موج ۾ اچي ويندو هو. استري

ڪلاڪارن ۾ پاڻ کي مسز چاولا جو ڳائڻ بيحد پسند هو. پاڻ هن کي ٻڌڻ لاءِ بيتاب رهندو هو. پاپي به ڪڏهن ڪڏهن اُتي ويندي هئي. اوچتو هن وڇڻ بند ڪري ڇڏيو پاڻ سان به وڙهڻ لڳي. چوي: آهي چا مسز چاولا جي ڳائڻ ۾ جو هيئن ديوانو ٿي پيو آهي. هڪ دفعي ته ايشور جي موجودگيءَ ۾ پاپيءَ پاڻ کي ائين به چيو "چا ڏنو اٿئي مسز چاولا ۾. شڪل ۾ چا مون کان سهڻي آهي؟ رهيو ڳائڻ ته. اهڙا به چار ڪلام مان به ڳائي ٿي سگهان. هر آرتوار تي ڏس ته پگهو ٻيڻو آهي. سيتا سِنڈو پون ۾. وري روٽي به اُتان کائي ٿو اچي. مان هتي اڪيلي ويٺي ڏوڙپايان ۽ روٽي به اڪيلي کان."

ايشور پاڻ پاپيءَ جا اهي مسئلا حل ڪرڻ کان قاصر هو. پارت ۾ ايندو به مهينو ڏيڍ هو. واپس دبئيءَ پهچي پنهنجي نوڪري ۽ گهر گرهست جي ڳالهين مان واندڪائي ڪانه هوندي هئس جو اهڙين ڳالهين جي چنتا ڪري. اهو سوچي خوش ٿيندو هو ته سيتا سنڈو پوَن پاڻ لاءِ وردان ثابت ٿيو آهي، جو هن جي ڪاٽ جهڙي منهن ۾ ڪا چرپر اچڻ لڳي هئي. نه ته پاڻ جي منهن تي سرهائيءَ جو پاوَڈر مشڪل هو.

"مون جنهن مهل چانهه پئي ناهي تنهن مهل سنهڙي ميائو ميائو ٻڌم." ڏرمونءَ جي آواز ايشور جو ڌيان ڇڪايو.

هو پنهنجن خيالن ۾ ڏرمونءَ جي موجودگي ئي وساري ويٺو هو. ڏرمونءَ وري چيو "مون کي ڪتڪو اچي ٿيو ته باهر شايد هلي مرڻ ڪنڊيءَ تي آهي. هيءَ چنڊالڻ به برسات پوندي آهي ته منهنجي ڪوٺيءَ باهران باٿ روم وٽ اچي لڪندي آهي. دل تي بار ٿي پيو آهي. جيڪر اندر ڪٽي اچانس ها."

"وسڪاري جي گوڙ ۾ تو ميائو ٻڌي ڪيئن؟ چو ٿو سمجهين ته اُها ئي هلي هوندي" ايشور پڇيو. ڏرمونءَ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. روئندي چيائين:

"مان الائي ڪهڙو مائٽ لڳندو هوسانس. ڪوٺيءَ مان نڪران ته ميائو ميائو ڪري ڪيڪاريندي. جيڏانهن وڃان ڪيڏ لڳي. مان به آخر تنگ ٿي پٽر هٽي پجائيندو آهيانس پر ڪوٺيءَ ۾ موٽان ته وري اڇيو پر گهٽ ٿئي. مري ويئي نياڳي."

ڏرمون چانهه جو خالي ڪوپ هٿ ۾ جهليو بيٺو هو. ايشور واڙو ٿي ويو. ٻليءَ جي موت تي ڪير ڳوڙها ڳاڙي سگهي ٿو؟ هن ڏرمونءَ جي هٿ مان خالي ڪوپ وٺي، پاڻ وارو ڪوپ به ميز تي ٽهيل رڌڻي جي هيٺان رکيو. هو پريان ويٺي ڏسي چڪو هو ته ميز هيٺان هڪ ننڍي موري آهي جنهن ۾ جونا باسڻ پيا آهن.

ڏرمونءَ جو خيال ياءُ پاپيءَ ڏانهن ڏوڙي ويو. هنن جو پاڻ ۾ ڪهڙو سنهڙ هو؟ ڪتنب لاءِ گڏجي پاڻ پتوڙڻ. پاپيءَ جي تاندي جهڙي زبان پٽيان رک ٽيل دل. غير رواجي جوڙو هو ياءُ پاپيءَ جو. ڏرمون رکي رکي هنن لاءِ ئي سوال پڇي ٿو ويهي.

"سائين! پيريءَ ۾ ياءُ پاپيءَ جي منَ ۾ شانتي هئي؟ پاڻ ۾ سرچيل هئا؟"

ايشور چا چوي. ڪافي عمر تائين ته پاپيءَ جي من ۾ جلن هئي ته ياءُ سيتا سنڌو پوَن مان خوشيءَ جا انبار چو ٿو ڪٽي اچي؟ پاپيءَجو چوڻ هو ته مون سڄي عمر هن کي ارپڻ ڪئي هئي. ڪڏهن خوش نه لڳو ته هُتي چا ٿو مليس؟"

ياءُ سيتا سنڌو پوَن ۾ ويندو رهيو پر جيئن ئي موٽندو هو ته پاپي کانئس اُها خوشي کسي ونندي هئي. پاپيءَ جي دل ۾ ايرکا کيڏن جنم ورتو. اها ڳالهه ايشور جي سمجهڻ کان ٻاهر هئي. اِهو سچ آهي ته ياءُ هفتيوار هندواسيءَ ۾ جيڪڏهن پڙهندو هو ته فلاڻي ڏينهن مانجهندن جي درٻار ۾ يا ديوانتي هال ۾ ڪو سنڌي پروگرام آهي ۽ ڪلاڪارن ۾ مسز چاولا جو به نالو هوندو هو ته ياءُ اُن پروگرام ۾ به ضرور ويندو هو. پاپي ڏاڍي مايوس گذارڻ لڳي. هڪ دفعي ايشور جي حاضريءَ ۾ پاپيءَ ان ڳالهه تان گهٽ وڌ پئي ڳالهايو. پاپيءَ کي جنسي اُڌڙڪندو ڏسي ايشور ياءُ کي چيو "پاپيءَ جي دل ونو ڪجهه ته چئوس. نرميءَ سان اوهين کيس سمجهايو." ياءُ صرف ايترو چيو "چا سمجهايانس؟ ان ڳالهه جي به ڪا سمجهاڻي ٿيندي آهي. مسز چاولا اهڙو دل چيري ٿي ڳائي جو اڳلي جي دل به وڍي ٿي ڇڏي. بس هن جو اِن طرح ڳائڻ ٻڌي من ترپت ٿو ٿئي."

پاءُ جو هي سرل، سڌو سادو چوڻ پايي چو نہ ٿي سمجهي؟ ايشور جي دلي تمنا هئي تہ پايي حياتيءَ جو پويون پهر مڪمل شانتيءَ ۾ گذاري. پاپيءَ جي من کي ڪوبہ ڪشٽ نہ هجي.

ڪنواري هوندي بہ پاپيءَ ڏکي حياتي گذاري هئي. ايشور کي پاپيءَ بابت صرف ايترو ہڏل آهي تہ هو پمپريءَ ۾ رهندا هئا. پوني کان اڳيرو آهي پمپريءَ جو ڳوٺ. پايي يارهن سالن جي هئي تڏهن سندس پيءُ گذاري ويو. هن جي چاچي ماٽس کي اچي چيو هو:

"اسان سان هلي رهو پيئي ماءُ ڏيئر. اڪيليون رهندیون تہ ننڍڙڪيون ليکبيون. هونءَ بہ اچي چادر تي داغ جلدي لڳندو آهي. وڏوا ڪنهن پرائي مرد سان ڪم پئي ڳالهائيندي تہ بہ سماج آڱريون ڪٽندي. تنهن کان اسان وٽ ڏکي ويٺي هوندينءَ."

پاپيءَ جي ماءُ بہ هئي پورڙي. هن ڏير جي چالاکي نہ پانپي تہ هو کيس پنيلائي رهيو آهي. جيئن سندن اجهي ٽکر ڇڙڪائي وڃي. هو پنهنجيءَ رٽا ۾ ڪامياب ويو هو. پاپيءَ کي اِهو سپ چٽيءَ طرح ياد آهي. چوندي هئي تہ مون ڏاڍو رُنو هو. اما کي چيو هوم تہ مان چاچا چاچيءَ وٽ نہ هلنديس. اسين هتي ئي رهنداسين. پر يارهن سالن جي ہارڙيءَ کي ڪير ٿو ليکي؟

چاچي جي گهر وڃي رهڻ بعد پاپيءَ جي تقدير ئي ڦري ويئي. چاچي ڪيس ميونسپل اسڪول ۾ ويهاريو. اُتي پنج درجا پورا ڪرڻ بعد هن کي پاڙهيو نہ ويو. صرف گهر جو ڪم، ڀهاري باسڻ ڪپڑا ۽ رڌو پکو بہ. سورهن سالن جي عمر تائين هوءَ چاچي جي ڪٽنب ۽ پنهنجي ماءُ جي هر ڪا خدمت ڪرڻ ۾ پڙ ٽي ويئي. ايشور جي مامي مامي ءَ اِهو ئي ہڏو تہ ڏاڍي هڏ پڳل چوڪري آهي سو پاءُ لاءِ هن کي چونڊيائون.

ايشور کي خبر آهي پاپيءَ چاچي جي گهر ۾ بہ صرف پورهيا ئي ڪيا. يارهن سالن جي عمر تائين پيءُ جي پيار جي ڇانو ۾ پلي، پوءِ هئي اُس ئي اُس. جڏهن ساهرن ۾ آئي تہ هتي بہ گهوٽ جي سؤ ٽيهہ روپيہ پگهار مان چار جيو پلجن. سجو ڪٽنب سنيالي ورتائين. ايشور ۽ آميت ہئي ڪاليج بہ پڙهيا. ڪُرلا جي نهرو نگر واري گهر ۾ پايي آسر جو اُٽي ڪپڑا ڌوئي ڇڏيندي هئي. ڏينهن جو وقت ڪيڙي ٽنهي پائرن جا ڪپڑا اِستري ڪري

ٽانئيڪا ڪري بہ رکندي هئي. مجال آهي جو صبح جو سنيري ٻاهر نڪرڻ مهل ڪنهن کي ڪو ڪپڙو جوراب يا رومال نہ ملي. ڪنهن خميس يا ڪنهن پئنٽ جو بٽڻ ٽاکيل نہ هجي. اندر رڌڻي ۾ پاڻيءَ هڪ ننڍي راڊ بہ لڳرائي ڇڏي هئي جتي اڏ ميرا ڪپڙا هئنگر ۾ ٽنگي رکي سگھجن.

فون ٽوا ڇي.
سرسوتي پڇي ٿي، "اڇا جاڳين پيو؟"
"تو بہ تہ جاڳين پيئي." ايشور چيو.
"مون هڪ ننڍ تہ ڪري ورتي، تون بہ هاڻي سُمهي پئہ."
"دوست سان ڳالهيون پيو ڪريان. ننڍ نہ ٿي اچي. ٽورو جهوٽو مون کي بہ آيو هو."
سرسوتيءَ چيو "جيئن ئي سوجهرو ٿئي، نڪري آڇجانءِ ٽئڪسي ڪري آڇجانءِ"
"تون چنتا نہ ڪر، سکي، ترين، ٽئڪسي جيڪو مليو."

برسات کي ناپر آئي هئي، صرف سنهي بوند وسي رهي هئي. عمارتن جي چتين تان پاڻي نيسارا ڪري ويهي رهيو هو. ماحول ۾ گھٽو گوڙ گھمسان نہ هو. ايشور ۽ ڏرمون ٻئي بسترو چڏي دريءَ وٽ اچي بيٺا. هيترا ڪلاڪ لڳاتار برسات ايترو زور سان پيئي هئي جڻ شهر ۾ ڪا جنگ ڇڙي هجي. وڻ ٽڻ ٻوٽا پن تاريون، بجليءَ جا ٽنيا ۽ تارون. رستي تي ٽڪيل موٽرون، ٽئڪسيون، بسيون، جهوپڙين ۾ ڪروندڙا ٿي ويٺل غريب ماڻهو. اوچين عمارتن جي گھرن ۾ محفوظ سيٺ ماڻهو جانور توٽي پکي پکڙ، هر ڪو جڻ برسات جي ڏمر کان هيسجي ويو هو. برسات جو زور گھٽجڻ سان هر ڪنهن سامت جو ساهہ ڪنيو.
ايشور ٻاهر جو پڑپانگ وايومنڊل ڏسي چيو "هر ڪو جڻ ٽڪجي ساڻو ٿي سُن ٿي ويو آهي."

اُونداهي مانيٽي اُپ مان اڃا هلڪي وسڪار جاري هئي! ڏرمونءَ دريءَ جا ٻئي تاک کولي ڇڏيا هئا. پوءِ ايشور کي چيائين، "هاڻي بي اونا ٿي سُمهي پئون."

ايشور بستري تي ليٽيو تہ سهين پر نند دور جي ڀالهہ آهي. هو اکيون ٻوٽي ٻہ نہ پيو سگهي. هينئر هن جي ذهن تي نند ۽ ڪانتا چانئجي ويا. ڪاليج جي زماني ۾ هنن جي چوياري هئي. ايشور اُما ۽ نند ڪانتا.

ڪانتا جو ڏوهہ اِهو هو جو هوءَ نند جي دور جي سوٽ هئي. ڪنهن عمر تائين هوءَ نند کي پنهنجو پاءُ سمجهي رکڙي ٻڌندي هئي. نند جي ماءُ اِن رکڙيءَ جي ڏاڍي کي پکڙي سخت اعتراض واريو. چيائين، "شادي وهانو جو سوچڻ ٻہ پاپ آهي. پيٽ جهڙيءَ سوٽ سان ڪيئن پرٽبو پٽ منهنجو؟ اهو سونهي ٿو چا.... جيڪڏهن نند ضد ڪري اِتي شادي ڪئي تہ اهڙي پاپ ۾ پاڻي ٽيڻ کان مان آپگهات ڪنديس."

پنهنجن پراون نند جي ماءُ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ٻئي ڪنهن جي تہ نہ پر پنهنجي پتيءَ جي ٻہ نہ ٻڌي. گهوٽس چوي: نند جي ماءُ! ٻارن جي پاوناڻن تي تون پهريداري ڪيئن ڪندينءُ؟ هنن ٻارهن تيرهن سالن جي عمر تائين هڪ ٻئي کي پاءُ پيٽ پئي سمجهو پوءِ هنن جي پاونا ڪيئن بدلي، خود هنن کي ٻہ خبر نہ پيئي هوندي. وري جو ڪاليج ٻہ گڏ پڙهيا تہ هنن جو من ٻئي نموني ٻڌجي ويو تہ ڪنهن کي ڏوهہ ڏجي؟

نند جي ماءُ جي مغز ۾ ڪوبہ دليل نہ ڪُتو. هوءَ اِهو ئي چوندي رهي: هي ماڻهو آهن ڪومرون ڪونهن جو پنهنجيءَ سمجهہ کان ڪم ونڊي نہ ٿا سگهن.

ڪانتا ڪومائجي ويئي هئي. نند کان موڪلائي ڪيس خوش رهڻ لاءِ دُعائون ڏنيون هئائين. پوءِ سڏڪا پري رني هئي.

ڪانتا جي ڀالهہ ٻڌي ڏرمونءَ چيو "جيڪڏهن پاپ جا پاڻي ٽين ها تہ نند ۽ ڪانتا ٽين ها. پرميشور نند جي ماءُ کي ڪا سزا تہ نہ ڏئي ها."

نند بيحد خوش خلق ۽ آتم وشواس وارو شخص هو. پيار جي ناڪاميءَ هن کان اهي خصلتون کسي ورتيون. هاڻ خوش صرف هو لڳندو آهي، هوندو ڪونهي. آتم وشواس تہ پري رهيو پنهنجي حياتيءَ جو هر قدم سوچي سمجهي کڻندو آهي، ٻين کان صلاحون پيو گهرندو آهي.

نند کي ڏڪ ٻڌو لڳو. هن جي شادي ڪانتا سان نہ ٿي ٻئي ڪنهن سان ٿي. ڪانتا کي ٻہ ٻئي ڪنهن هنڌ پرٽايو ويو. ڪانتا جي اُها شادي ٽٽي پيئي. ڪانتا جي شادي ٽٽڻ لاءِ نند پاڻ کي ڏوهاري سمجهندو آهي. ڏوهہ جو

احساس کيس اندر ئي اندر کائي رهيو آهي. ڪانتا جي شادي ٽٽڻ جو ڪارڻ نند ۽ ڪانتا جي پيار جو فسانو ئي بڻيو. ڪانتا پاڻ ۽ ڪانتا جي مائٽن بہ اُن فساني کي لکائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اِهو کين ڦريو ڪين. خاص ڪري هڪ ڀَالهہ جي ڪانتا جي گهوٽ کي خبر پيئي. هڪ دفعي نند ۽ ڪاليج جا ٻيا متر مهابليشور ويا هئا پڪنڪ لاءِ. ہن ڏينهن بعد سڀ دوست موٽي آيا پر نند ۽ ڪانتا هڪ ڏينهن وڌيڪ رهي پيا هئا. اِها ڀَالهہ ڪانتا جي گهوٽ جي برداشت کان ٻاهر هئي.

ايشور ڪانتا جي ڀَالهہ ڪندي وچ ۾ چوي ٿو "ڏرمون! ڪڏهن ڪڏهن وري پراڻي ڀَالهہ صرف ياد ئي نہ هوندي آهي پر اِهو بہ ياد ايندو آهي تہ اُن وقت مون کي يا فلاڻي کي ڪپڙا ڪهڙا پيا هئا... سڄو ماحول اُپري ايندو آهي."

"ها گهڻائي دفعا ائين ٿيندو آهي" ڏرمون بي ڏياني‌ءَ سان چيو.

ڏرمون اُن مهل جڙ پنهنجي ڳوٺ پهچي ويو هو ۽ ايشور ڪاليج جي مترن سان گويا مهابليشور ۾ ويٺو هو. ہئي هڪ ہئي جي آمهون سامهون ليٽيا پيا هئا پر مَن جي اکين سان هڪ ہئي کي نہ... دور وسندڙ ڪنهن ہي‌ءَ دنيا کي ڏسي رهيا هئا.

ايشور مهابليشور جي اُن بنگلي ۾ پهچي ويو آهي جتي هو جڏهن هنڊ ڪاليج جي دوستن سان ويو هو. اُهو بنگلو زنجير هوٽيل جي پرسان هو. ساوڪ سان گهيريل بنگلو ـ گهاٽا وڻ، بنگلي جي آس پاس گلاب ۽ رات راڻي‌ءَ جي گلن جي مهڪ پکڙيل. هر ڪو پنهنجي نموني اُن سبز وادي‌ءَ جي هندوري ۾ لڏي رهيو هو. پنهنجي ئي آنند کان بي خبر. ڪنهن ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ڪتاب پئي پڙهيو تہ ڪنهن گُنگنايو پئي. ڪن تاس پئي کيڏي تہ ڪي رهاٽين ۽ ٺهڪن ڏيڻ ۾ محو هئا.

ايشور ۽ اُما بہ قدرت جي پناهہ ۾ آئيندي جا خواب ڏٺا هئا. سڪون سان ويهي دليون اوريون هيون. نند ۽ ڪانتا جڙ لڪ ڇپ راند پئي ڪئي. ڪنهن مهل دوستن جي نظرن کان اوجهل ٿيو وڃن ڪنهن مهل آڇيو پر گهٽ ٿين.

هو سڀ جڏهن واپس بمبئيءَ موٽڻ جا سانباها ڪري رهيا هئا تڏهن نند ۽ ڪانتا فيصلو ڪيو ته هو هڪ ڏينهن ٻيو ٻه رهندا.

اُهو هڪ ڏينهن جيڪو نند ۽ ڪانتا اُن بنگلي ۾ اڪيلا رهيا، اُن هڪڙي ڏينهن ڪانتا جي زندگيءَ کي اُبتو ڦيرو ڏنو.

نند کي وساريڻ کو سولو هو ڇا؟ اُن جي باوجود هن پنهنجي پتيءَ جي آدرشي پتني بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي. اُهو هر روز هڪ اُيي چاڙهي چڙهڻ جيترو ڏکيو هو. ڪانتا سندرو ٻڌي اُها اُيي چاڙهي، پير پير سنيالي چڙهي رهي هئي، پر سامهون کان ڪنهن ديو اچي ڏکو ڏنس ۽ ڏُو وڄي ڪري!

ڪو ذات جو ئي چغلخور شخص هو. هُن ڪانتا جي گهوٽ کي وڄي اها ڳالهه ٻڌائي ته ڪانتا پنهنجي پريمي نند سان هڪ ڏينهن مهابليشور ۾ بلڪل اڪيلي رهي هئي. اُن بعد پورا ٻه سال ڪانتا ڏينهن ڏينهن عذاب سَنو. شل نه رات ٽئي. هوءَ بستري تي ليٽي مَس ته گهونس پچي، "سچ ٻڌاءِ مهابليشور ۾ نند سان گذاريل رات توهان ٻنهين پتي پتني وانگر گذاري نه؟"

ڪانتا هر روز ساڳيو جواب ڏئي، "نه، بلڪل نه. اسان محض مترن وانگر رهياسين."

ڪانتا پنهنجي اِها آپ بيتي پنهنجي ڪاليج جي جهونن ويجهن مترن کي ٻڌائي ته سندس مترن پنهنجي سيني ۾ سوئن جي ٽنبجڻ جهڙو سور محسوس ڪيو هو.

ايشور، ڏرمونءَ کي ڪانتا جي هيءَ ڪهاڻي ٻڌائي، چوي ٿو اسين جيڪر مهابليشور پڪنڪ تي وڃون ئي نه ها ته ڪانتا جي حياتيءَ ۾ هي ڪنڌا وڃائجن ئي نه ها شايد.

ڏرمون ڳوٽ پهچي ويو آهي. ڏيءَ جي شاديءَ وارو وقت پيو ياد اچيس. خوب شادمانو ٿيو هو. هن پنهنجو هڪ ماڙ وارو گهر ڪيئن سينگاريو هو؟ پنهنجن هٿن سان رنگبرنگي جهالرون ۽ جهنڊيون درن ۽ ديوارن تي لڳايون هئائين. چتين ۾ وري ڏياريءَ وانگر بتين جون لڙهيون لڳايون هئائين. پهرئين ماڙي وارا ٻئي ڪمرا مهمانن جي حوالي هئا. هيٺئين حصي ۾ پاڻ، زالس ۽ ڏيٽس پاڻ ۾ ڪي خانگي ڳالهيون ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ ٻيا سُس پُس ڪندا هئا. گهر جي آڱڻ ۾ راڌائو صبح کان شام تائين طرحين

طرحين طعام تيار ڪندا رهيا... ناناڻن طرفان ڏريءَ سان سجيل ٿوڪرين يا چڇن ۾ ڪجي ايندڙ تحفا... رنگيني ئي رنگيني هئي!

ڏرمونءَ جي پتنيءَ جي خوشي پيرن کان متي تائين جهلڪي رهي هئي. اُهو سرڳ جو سُک ڏرمونءَ کي نموءَ جي سمجهائڻ جي ڪري مليو. هن ڏرمون کي چيو:

"اَبا! ڏيءُ کي پريءَ وانگر پرڻاءِ وڃي. ڏوم ڏام سان شادي ڪرائينس ۽ سڪ سان آسيس ڏيئي الوداع ڪرينس تہ سدائين سُکي رهي."

ڏرمونءَ جي ڏيءَ بيحد سُکي آهي. دنيا چار ڏينهن نقطچيني ڪري ماڻ ٿي ويئي. ڏرمون بدناموسيءَ کان ڏاڍو ڊنو هو پر نموءَ کيس ڊپ جي زنجيرن مان آزاد ڪيو. نمو پنهنجي لاءِ ڪجهہ ڪري نہ سگهي. جيئن بي هڪ ڏرمونءَ سان ڀَالهيون ڪندي هئي تيئن پنهنجي پيءُ سان بي هڪ ڀَالهائي نہ سگهندي هئي.

ڏرمونءَ جي ننڍڙيءَ ڪوٽيءَ ۾ اهڙي ڏڪار چانئجي ويئي، يانءِ تہ ايئرڪنڊيشن آهي. ايشور ۽ ڏرمون ٻنهي کي ننڍ اچي ويئي. ڪنهن مهل ڪنهن کي ڪنهن جي ٿونڊ ٿي لڳي، ڪنهن مهل گوڏو ٿي ٽڪرايو پر اک کولڻ بنا اون.... هون ڪري وري ننڍ حوالي ٿي پئي ويا.

برسات ماڻي ٽيڙ سبب سڄو اي روڊ ماڻ ٿي ويو آهي. رکي رکي بوندن جي ٽپڪ ٽپڪ، دل جي ڏڪ ڏڪ جهڙو آواز پئدا ڪري رهي آهي.

اڌ ڪلاڪ جي اندر ايشور ۽ ڏرمون جاڳي پيا. ڏرمون ننڍ ۾ بہ ڪانتا بابت سوچي رهيو هو. هن ايشور کان پڇيو "هاڻي ڪانتا بيٺي ڪيئن آهي؟"

"ڪانتا ٺيڪ آهي." ڏرمون چيو "هن کي باندرا ايست ۾ هائوسنگ بورڊ جي ڪالونيءَ ۾ گهر ملي ويو. اُتي اڪيلي رهندي آهي. ياءِ ياڃائي انڊيريءَ ۾ رهندا اٿس. اُتي ايندي ويندي آهي."

"مڙسس ٻي شادي ڪئي؟"

"ها! هُن طلاق لاءِ تڪڙ ئي ان ڪري ڪئي، جيئن جلد ٻي شادي ڪري سگهي. مون کي ڏاڍو عجب لڳندو آهي ڏرمون. پڳوان ههڙن ماڻهن

کي معاف ڪيو ڇڏيا هن جو تہ جڙ ڪجهہ بگڙيو ئي ڪين. ڪيتري تڪليف ڏنائين ڪانتا کي. طلاق ٻہ گهريائين پاڻ."

ايشور بستري تان هيٺ لهندي چيو "سيءَ پر ڪمبخت باڻ روم جو خيال ٻہ هر هر ٿو ٿئي."

باڻ روم مان موڪي ايشور ڪانتا جي آسهہ پيڙا جو ذڪر ڪندي ڏرمونءَ کي ٻڌايو "ڪانتا چوندي آهي پريا ٻہ سال ڪُل ست سؤ ٽيهہ ڏينهن لاڳيتو هن جو گهوٽ ڪائنس ساڳيو سوال پڇندو هو ۽ هوءَ سچ چوندي رهي تہ نند ۽ مان مهابليشور ۾ پتي پتنيءَ وانگر نہ رهياسين. پر گهوٽس وشواس نہ ڪري سگهيو.

ڪانتا پنهنجون حياتيءَ جون نجي گهٽنائون ٻڌائيندي هڪ ڏينهن ايشور کي چيو هو سچ تہ اِهو آهي تہ اُن وقت نند ۽ مون کي خبر ئي نہ هئي تہ sex ڇا ٿيندو آهي. ٻيو ڪير وشواس ڪري نہ ڪري، تون تہ مون تي وشواس ڪرين ٿو منهنجا پاءُ!"

اُن پل ايشور جي من ۾ ڪانتا لاءِ پاءُ جي سنيهہ جو سلو پوڪجي ويو. ڪانتا جون سچيون ۽ نماڻيون اکيون هن جي اَنتر آتما کي ڇُهي ويون. ايشور اُمالڪ ٻئي هٿ ڪانتا جي مٿي تي رکي چيو هو "مان توتي سؤ سيڪڙو وشواس ٿو ڪريان."

ڪانتا جي اکين مان آنسون ٽپڪي پيا هئا.

ايشور کي ڪاليج وارا ڏينهن ياد آيا. دوستن جو شاندار سرڪل هو. تنهن ۾ ٻہ هنن چئن جڻن جي پاڻ ۾ ويجهڙائي وڌيڪ هئي. ايشور اُما، نند ۽ ڪانتا هڪ ٻئي جي رڳ رڳ کان واقف هئا. اُنهن ڏينهن ۾ ئي ڪانتا کي سپ اِن طرح سڃاڻندا هئا سرل، سادي، بي ڊپي ڪانتا.

"توهين سڄو وقت واڇ ۾ وقت ڇو ڏسي رهيا آهيو سائين؟" ڏرمونءَ پڇيو.

"ڏرمونا! تنهنجي هيءَ ڪوٺي مون کي پنهنجو ئي گهر لڳي رهي آهي. هاڻي سوڙهي ٻہ ڪانہ ٿي لڳيم. پر گهر وارا منهنجو انتظار ڪندا هوندا."

"خاص ڪري توهان جي ڏيءَ تہ ڏاڍي پريشان هوندي"

"ها ڏرمون گهر نہ پهچندس تہ لينا مون کان سواءِ صبح جي چانهہ ٻہ نہ پيئندي. روز صبح جو هوءَ چانهہ ٺاهيندي آهي ۽ اسين ٻئي گڏ پيئندا آهيون چانهہ."

ڏرمونءَ کي پنهنجي ڏيءُ ٽي ياد اچي. هو بروچ ويندو آهي تہ سندس ڏيءُ ساهرن کان موڪل وٺي ٻہ ٽي ڏينهن رهڻ ايندي آهي. صبح کان شام تائين پيئي ساٽس ڀالهيون ڪندي آهي.

برسات چگي قدر گهٽي آهي، رڳو لوڪل ٽرين هلي پوي تہ سوين ماڻهو ہن چئن ڪلاڪن ۾ وڃي گهرن ۾ ٽائيڪا ٽيندا. لوڪل ٽرين هلي تہ بمبئيءَ جو شهر جلدي نارمل ٽي ويندو. ڏرمون سوچي ٿو ايشور جي وچڑ کان پوءِ هو بلڪل اڪيلو ٽي ويندو. ڪلهہ منهن اونداهيءَ تائين هو اڪيلو ئي تہ هو. ڪاليج جو گيٽ بند ڪري هو ڪنٽري چاڙهيندو هو. ڏينهن جو جيڪي ٻہ وهيو واپريو هوندو آهي، سو سپ وسري ويندو اٽس. ياد ايندا اٽس پنهنجا ڪٽنبي ۽ نمو. روٽي ڪائڻ کان پوءِ ٽي. وي ڏٺي نہ ڏٺي جهڙي، نند جي حوالي ٽي ويندو آهي ڏرمون.

اڄ ڏرمونءَ جي ذهن ۾ هڪ پڻيان ٻيو سوال پئدا ٽي رهيو آهي. ايشور کان پڇڻ کان سواءِ رهي نہ ٽو سگهي.

"پلا توهان جي دوست نند جي حياتي ڪيئن پيئي گذري؟" ڏرمونءَ پڇيو.

ايشور وراٽيو "بس جيئي پيو. هن جي پتني ڏاڍي خوبصورت آهي ۽ وهنواري ٻہ پر ٻي ڪا شناخت ڪانهيس. ڏاڍي Possessive آهي نند لاءِ"

"نند ڪڏهن ڪانتا سان ملي؟"

"ملڻ تہ دور رهيو ڪانتا جو نالو زبان تي آڻڻ جي همٽ ڪانهيس."

"توهين ملندا آهيو ڪانتا سان؟"

"ها اسين سپ ڪانتا سان ملندا رهندا آهيون. خاص ڪري سندس جنم دن 17 سيپٽمبر تہ مقرر ٽيل آهي. اسين سپ پنجين بجي وٽس پهچي ويندا آهيون. هوءَ آفيس مان اڏ ڏينهن موڪل وٺي گهر ايندي آهي. اسان لاءِ چٽا ڏبل روٽي، ٽڪيون پڪوڙا وغيره، جيڪو ٺاهي سگهندي آهي، تيار

ڪري رکندي آهي. اسين هن لاءِ گلدستا، ڪيڪ، مٺايون، جيڪو جنهن کي هٿ ايندو آهي سو کڻي ويندا آهيون. خوب ٿهڪ ڏيون گانا ڳايون، کائون.

"نند نہ هلندو آهي توهان سان؟"

"نندا زال کان کل لهرائي اٽس چا؟ سچ ته اسان کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. هُن جي شخصيت صفا ڪُچلجي ويئي آهي."

ڏرمونءَ کي هريش ياد آيو. هُن چا پنهنجيءَ پتنيءَ کي نموءَ بابت ٻڌايو هوندو؟ نمو ته سنسار ۾ آهي کانہ. هريش جي پتني ٻئي لوڪ ۾ ويل انسان سان ڪهڙو ساڻپ ڪندي؟

ڏرمونءَ اِهو سوال ايشور کان پڇيو. ايشور چيو "ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. ڪن ماڻهن کي ايرکا ٿيندي آهي، ڪن کي نہ ٿيندي آهي. ڏرمون! منهنجي وڏي ياءُ سڄيءَ عمر ۾ ڪنهن عورت ڏانهن اک کڻي نہ نهاريو ته به منهنجي پاپيءَ کي ڪيئن اچي ايرکا ٿي ته. جو هڪ پرائيءَ عورت ۾ اچي ڏيان پيو اٽس. اُن وقت ياءُ پاپي ٻئي ستر کي اچي پهتا هئا."

هڪ دفعي ياءُ کي شوق ٿيو ته گهر ۾ صوفياٽي چونڪي ڪرايان. پاپيءَ کي به مڃايائين. پاپيءَ ڏاڍي چاهہ مان سائي پاڃي، تاهري پٽاڻا وغيره ٺاهيا. ڇيائين چونڪي پوري ڪرڻ کان پوءِ سيني کي روڻي به کارائيندا سين.

چاولا وارا پاڙ سان سيتا سنڈُو يون جي ٻن ٻين ڪلاڪارن کي به وٺي آيا هئا. جيڏي مهل اُهي ڪلاڪار ڪلام ڳائي رهيا هئا. چاولا آنٽي چونڪيءَ جي وچ مان باٿ روم لاءِ اُٺي. پاپي کيس باٿ روم ڏيکاريڻ لاءِ ويئي. ياءُ به هنن جي پٺيان ويو. ياءُ پاپيءَ کان پڇيو "مسز چاولا کي چا کپي؟ کا تڪليف ته کانہ اٽس؟" "باٿ روم ۾ وڃڻو هوس. ڏيکاريومانس." جواب ڏيئي پاپي واپس اچي چونڪيءَ ۾ ويئي. ٻيا گائڪ ڪلام ڳائي رهيا هئا.

ياءُ باٿ روم کان ٻوروپرو ٻيهي رهيو. مسز چاولا جيئن باٿ روم مان نڪتي تيئن ياءُ کيس نٽپکن آڇيندي چيو "ٻيو ڪجهہ کپيوَ؟"

"نہ بلڪل نہ."

ياءِ ۽ مسز چاولا واپس چونڪيءَ ۾ اچي شامل ٿيا. پاپيءَ کي ياءِ جو ائين بيهي رهڻ ۽ مسز چاولا سان گڏ ڪمري ۾ گهڙڻ برداشت نه ٿيو. چونڪيءَ کان پوءِ آيلن کي روٽي کارائڻ مهل به پاپيءَ جو من جاءِ نه هو. سپيئي خير سان روانا ٿيا پوءِ پاپيءَ جيڪو ياءِ تي ڏوڙيو وسايو. چوي: تنهنجو ڪهڙو ڪم جو مسز چاولا جي پنيان پنيان آئين. جڏهن مان هن لاءِ اُٽيس، تڏهن تنهنجي اُٽڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ ۽ وري بات روم جي باهران بيهي چو رهئين؟ هيءَ ڪا فضيلت آهي؟

پاپي ايترو بگڙي هئي جو پاڻ بيمار ٿي پيئي. اصل ڪت وٽي پئجي رهي. اُهو پهريون دفعو هو جو پاپي ٿي ڏينهن رڌڻي ۾ نه ويئي. نه ته نه رڌڻو ڪيس چڏيندو هو نه پاڻ رڌڻي کي چڏيندي هئي. اُنهن ٽن ڏينهن ۾ پاپيءَ جو بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويو. چوي چا ڏنو آهي پاڻين مسز چاولا ۾ جو هيئن هلڪڙائيءَ وارو وهنوار ٿو ڪري.

ٽن ڏينهن کان پوءِ گويا موسم بدلجي ويئي. پاپي چوڻ لڳي منهنجو وهنوار غلط هو. مون اجايو پاڻين کي لويو. ياءِ کان معافيون وٽي نه ٿڪجي. هن کي غلطيءَ جي احساس اُبتو تنگي چڏيو. روئي، ننڊ نه ڪري، وري معافي وٽي وري روئي.

ياءِ جي من جي پيڙا هُن ئي ٿي جاتي. ڪجهه ڪيچي ئي نه. هن سيتا سنڊو يون ۾ وڃڻ ئي چڏي ڏنو.

پاپي اِهو به سهي نه سگهي. هڪ دفعو ايشور کي دبئيءَ ۾ به فون ڪري چيوهئائين، "پاڻين کي چئه مون کي معاف ڪري، سيتا سنڊو يون ۾ وڃي، وڃي دل وندرائي."

ايشور ڪجهه ڪري نه سگهيو هو. ڪري ها ته اُن مهل ٽڏي تي پاپيءَ کي غلط سڏي ها. هو اُن وقت اُتي موجود هو. پاپيءَ کيترو بدشد ڳالهايو. ياءِ هيڏو اپمان ننڍن جي اڳيان سهي ويو. حقيقت ۾ ياءِ جيڪڏهن چاولا آنٽيءَ لاءِ بات روم وٽ نئپڪن جهلي بينو يا کائنس پچيائين ته ٻيو ڪجهه ڪيو ته هن ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟ اُن مهل پاپيءَ کي ائين چوڻ ته تون غلط آهين، هو ڏينين جي ماناري سان هٿ چراند ڪرڻ. پاڻهي غلطي محسوس ڪيائين، اُها پي ڳالهه هئي.

پاپي پنهنجي غلطيءَ جو بار کٽي نہ سگهي. هوءَ ايتري حد تائين ويئي جو آخر چاولا آنٽيءَ کي فون تي اِلتجا ڪري پاڻ وٽ گهرايائين. اصل جنسي هن جي پيرن تي ڪري پيئي. چيائينس، "توهين مون تي احسان ڪريو منهنجي گهوٽ کي پنهنجين چونڪين ۾ اچڻ لاءِ مجايو. مان هن سان وري ڪڏهن به جهيڑو ڪانہ ڪنديس."

چاولا آنٽيءَ ڳالهہ جي تهہ ۾ وڃڻ چاهيو گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري چيائين، "ٻار ڪٽي آهن. توهانجا؟"

"ٻارا ٻہ پٽ اٺ سَسُ جٽيا. پڻهنجن ڄاون سان ٻہ ايترو نہ ڪيان ها جيترو هنن سان ڪيم. ٻئي لائقيءَ لڳا تہ جوبون بغل ۾ ڪري وڃي پنهنجن بنگلن ۾ ويٺا آهن. مان هتي مساڻ ۾ پيئي اڪيلي سڙان."

مسز چاولا پاپيءَ کي مٺي تي هٿ رکي چيو "اِها تہ جڳ جي ريت آهي. پڪيءَ جي پرن ۾ زور ايندو تہ اُڏامندو. مون ٻہ پنهنجن ڏيرن سان ڏاڍا هڏ ڏنا. اصل پاڻ ماري هنن جي پرورش ڪيم پر هو رهيا چا مون سان؟ توهين اِهي دک وساريو. پنهنجي گهر کي مساڻ مان گهر بڻايو."

پوءِ ويندي ويندي مول مسئلي جو حل ٻڌائيندي ويئي. چيائين، "توهين چاهيو ٿا تہ پاءُ سيتا سنڈو پون ۾ وري اچڻ شروع ڪري تہ توهين ٻہ ساڻس نڪري اچو. هُن جو رشتو مون سان ڪونہ اٿوَ راڳ سان اٿس. اِهو اتفاق آهي جو منهنجو ڳائڻ هن کي وٽي ٿو."

مسز چاولا پاپيءَ جي پيڙا متائڻ لاءِ اِن حد تائين ڪوشش ڪئي جو اميت وٽ تہ پاڻ ڪهي ويئي. هن کي توڻي زالس ٻارن کي سمجهايائين تہ پاپيءَ کي وڌيڪ وقت ڏيو پيار ڏيو هوءَ صفا ٽٽي پيئي اٿو. ايشور کي ٻہ دٻيءَ ۾ خط لکيائين، "جيئن ميران چيو 'ميرا درد نہ جاني ڪوئي...' تيئن توهان جي پاپيءَ جو درد ٻہ ڪير سمجهندو ڪونہ پر هن جي ڏکٽي من کي آڻت ڏيڻ لاءِ توهين سندس جذبات جو قدر ڪريو. اِهو توهان جو فرض آهي.

ڏرمون، ايشور جي پاپيءَ بابت گهڻو ڪجهہ ڄاڻي چڪو هو پر هن ايڄا ٻہ وڌيڪ ڄاڻڻ پئي چاهيو. هوائين وسهڻ لڳو جڏ پاپي جهُڙالين اکين سان ڏانهنس نهاري رهي آهي. 'پاپيءَ جو پوڄا پاٺ، پرارٿنا پرماتما پاسي لاڙو هو يا نہ' ڏرمون پڇيو.

ايشور کيس ٻڌايو:

صبح سويري سنان پاڻي ڪري جپ صاحب.... وقت هوندو هوس تہ سُکمنيءَ جو بہ پاٺ ڪندي هئي. هن جو آواز تمام مٺو هو ۽ ڳائڻ جي خدائي ڏات هئس. آسادي وار جي هڪ پوڙي هر هر ورجائيندي هئي.

سچا صاحب ايڪ تون، جن سچو سچ ورتائيا،
جس تون ديهہ تس ملیئہ، سچ تا تني سچ ڪمايا
ستگر ملیئہ سچ پائيا، جن ڪي هردیئہ سچ وسائيا،
مورک سچ نہ جاڻئي، منمکي جنم گوائيا
وچ دنيا ڪاهي آئيا.

وچ دنيا ڪاهي آئيا... ايشور جي ڪنن ۾ اڄ بہ ٻُري رهي آهي گر ٻاڻي. پاپيءَ جي زبان مان گر ٻاڻي بي اختيار نڪرندي هئي ۽ گهر جي وايومنڊل کي پوتر بڻائي ڇڏيندي هئي.

پاپي ڪنواري هوندي گهر جي پاسي ۾ هڪ ٽڪاڻي ۾ وڃي ڳائيندي هئي. خاص ڪري گرو نانڪ جي جنم دن تي ٽڪاڻي وارا ڪيس سڏ ڪرڻ ايندا هئا. تڏهن پاپي ڏهن يارهن سالن جي هئي. پمپريءَ جي سنڌين ۾ پاپي مشهور هئي تہ هيءَ ٻالڪي گر ٻاڻي تمام صاف ۽ سوز سان ٿي ڳائي. پاپيءَ جي ڳائڻ جي ڪلا کي ڪير پرکڻ وارو هجي ها ۽ ڪير ڪيس سنگيت سکڻ لاءِ همٿائي ها تہ پاپي هڪ سُڻي گائڪا ٿي سگهي ها. پر ڪير هو؟ پاپيءَ جي حياتيءَ جي راهہ سنسان رهي هئي. ڪو هو چا ڏڪ ڏيڪارڻ وارو؟ ڪنهن ڏيئو ٻاريو هجي اهڙو ڪو هو چا؟ پاپيءَ کي پنهنجي ماضيءَ ۾ صرف پاڇا نظر ايندا هئا. چاڇو هو جنهن راهہ ۾ روڙا پئدا ڪيا. هڪ ٽڪاڻي جو ٻائو هو جنهن ساٺس زوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻارهن سالن جي ٻالڪيءَ (پاپيءَ) نہ صرف سندس ڪوشش ناڪام ڪئي پر سندس منهن پڇي ڪاٽيارو ڪري ڇڏيائينس. هو خواريءَ کان بچڻ لاءِ سال کن ٽڪاڻو ئي ڇڏي ويو. پاپيءَ لاءِ هئي نہ هئي بيوس ۽ پر وس امڙ جنهن جي ڏينهن رات سائينءَ وٽ آراڌنا هئي تہ منهنجي نياڻي شينهن ڪلهي چڙهي. اُها امڙ بہ پاپيءَ کي پرٽائڻ کان پوءِ جلدي وڃي ساسين سُڪالي ٿي.

ايشور کي پاپيءَ جي ننڍپڻ جون ڳالهيون سندس ئي واتان ٻڌڻ جو صرف تڏهن موقعو ملندو هو جڏهن پاءُ آفيس جي ڪم سان شهر کان ٻاهر

مسافريءَ تي ويندو هو. پاپي پنهنجي پيءُ کي ڏاڍو ياد ڪندي هئي. چوندي هئي، "پيءُ جو هٿ متي تي هجي ته دنيا کان ڪوبہ ڊپ نہ لڳندو آهي." اِهو بہ چوندي هئي ته "سندس پيءُ چوندو هو توکي سنگيت سيکارينداس، کو قابل ماسٽر ملي." پاپيءَ جو پيءُ جواڻيءَ پر ئي راهہ رباني وٽي ويو.

پاءُ جي شهر کان ٻاهر وڃڻ دوران پاپي حد کان ٻاهر اڪيلائي محسوس ڪندي هئي. ايشور کي چوندي هئي پاڻين گهر ۾ ڪونهي ته ڇڻ گهر کائڻ ٿو اچيم. ڪجهہ منو نہ ٿو لڳي. نہ رڌو پکو ٿو پچي نہ صفائي ستڙي. ايشور کلي پچندو هوس، "اسان کي ماني ته ملندي يا اُپواس ، ڪٽو پوندو؟"

پاپي مُرڪي چوندي هئي، "وانجها ويري، توهين چو اُپواس رکندا؟ مان کا مري ويئي آهيان چا؟"

ڏرمون کونگهرا هڻڻ لڳو. ايشور منهن ڦيري ٻئي پاسي ڪيو. ڪنهن مهل ٻانهن وهاڻي جي هيٺان رکي، ڪنهن مهل پاسي ۾. ٽنگون ڪنهن مهل سڏيون ڪري، ڪنهن مهل ڪروندڙيون. پر ننڊ نہ ٿي اچيس. ننڊ مٽس بنا چتائڻ غالب پوندي آهي. هو جنهن مهل چاهي اُن مهل ننڊ وٽس چو نہ ايندي آهي؟ ايشور اِن ڳالهہ تان مهاتما گانڌيءَ کي ياد ڪندو هو. گانڌي ڪيئن جنهن مهل جتي بہ چاهيندو هو پندرهن منٽ واندڪائي هجيس ته پندرهن منٽ ئي سهين، هُو ننڊ ڪري سگهندو هو.

ايشور جي زال سرسوتيءَ کي بہ کونگهرن جي عادت آهي. ڪنهن مهل زال جي کونگهرن کان ڪڪ ٿي هو بسترو چڏي، هال ۾ صوفا تي وڃي سُمهندو آهي پر هتي ڪيڏانهن وڃي؟ هتي ته هڪ ئي ڪوٺي آهي 10'x12'. ڏرمونءَ جي کونگهرن کان بچڻ جي کا واهہ ڪانهي.

ايشور کي خيال ٿو اچي، ڏرمونءَ جي ڪوٺي ننڍڙي تي لڳيم، ته اُها آهي بہ هڪ ڇٽي لاءِ. اَسان جو ڪرلا وارو گهر بہ چئن پاتين لاءِ تمام ننڍو ڪونہ هو؟ اُما هڪ دفعي سندن گهر آئي هئي. ايشور هن کي ڪرلا استيشن تي چڏڻ وڃي رهيو هو. ڪيس چيو هئائين،

"اُما! توکي سان جي گهر ۾ سوڙهہ ڪانہ محسوس ٿي؟ تون ڪيئن هن گهر ۾ رهندين؟ ڪيترو ننڍڙو آهي گهر اسان جو."

اُما جواب ڏنو هو سوڙهو گهر نہ ٽيندو آهي. سوڙهيون دليون ٽيندڙيون آهن ۽ پيار ڪرڻ واري دل ڪڏهن سوڙهي ٽيندي آهي ڇا؟

اُما کي ڪيڏو ناز هو پنهنجيءَ دل تيَ! ايشور اُن دل کي ڇاتو هو پر ڪيو هو. پيار جو سمنڊ هئي اُما جي دل اُن سمنڊ ۾ ولوڙ هئي. هر مشڪل کي ٻوڙي سگهڻ جي سگهه هئي. هن جي پيار جي سمنڊ جو ڪو ڇيهه نہ هو. آجهاڳ، اونهو اروڪ آب، اهڙو ڪجهه هو اُما جي دل ۾.

ڏرمونءَ جي ننڊ ڪلي تہ هن ايشور کان پڇيو "توهان وٽ اُما مئلم جو فوٽو آهي؟"

"نہ. جي هجي ہ ها تہ ڪٿي رکان ها؟ هاٿي گهر تہ منهنجي پتنيءَ سرسوتيءَ جو آهي. سرسوتيءَ جي گهر ۾ اُما جو فوٽو رکڻ ڪونهي ها؟"

"چگو اِهو ٻڌايو ڪنهن وانگر لڳندي هئي اُما مئلم. ميناڪماريءَ وانگر يا مالها سنها وانگر؟"

ايشور ڪن لاءِ خيال ۾ ٻڌي ويو. پوءِ چيائين، "ڪنهن حد تائين مالها سنها وانگر لڳندي آهي. تون فلمون گهڻيون ڏسندو آهين، اڇهٽون ہ امياتاب بچن ۽ ايشوريہ راءِ جو مثال ڏنئہ."

"ها سائين! فلمن جو ڏاڍو شوق اٿم. مالها سنها مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. هاٿي تہ ماڏوري ڊڪشت ۽ ايشوريا راءِ جو زمانو آهي."

"ڪهڙي ڏينهن ڏسين، فلم؟"

"آرتوار ٻڌل آهي، منجهند جو ماني کائي، چرچ گيٽ تان ترين پڪڙي گرانٽ روڊ وڃان. گهڻو ڪري ناز سئنيما ۾ يا ڪنهن ہ ٿيٽر ۾ جتي ٽڪيٽ ملي، خريدي وڃي ويهان فلم ڏسڻ. ٽڪيٽ ونڊوز تي جيڪي وڪڻندڙ آهن اُهي ہ سيجاٽي ويا آهن."

ڏرمونءَ ڪيئن اچي جئہ هند ڪاليج ۾ نوڪري ڪئي ۽ ڪيئن سندس سُجاٽپ نموءَ سان ٿي. سو سڀ قسمت رٿيو هو. ڪاليج ۾ ڪيترا شاگرد ٿا پڙهن. ڪن چوڪرن چوڪرين کي ڏرمون نالن سان سڏيندي، ڪن کي ڇهرن مان سُڏيندي، تہ هي اسان جي ڪاليج جا شاگرد آهن. ڪيترائي شاگرد ساٺس هري مري ويندا آهن ۽ وقت بوقت في پيرڊ يا ٽائيم ٽيبل هٽ

ڪري موڪلڻ جهڙا ڪم ڪيس چوندا آهن: پر نموءَ سان سندس عجيب ناتو جڙي ويو. اُن جي شروعات بہ هڪ اِتفاق سان ٿي.

ڏرمونءَ جو هڪ ڏينهن هڏي ئي چوماسي ۾ ڪاليج جي احاطي اندر پير ترڪي ويو. ٽنگ جو هڏو پيڇي پيس. هو سينٽ جارج هاسپيٽل ۾ داخل ٿيو. آپريشن ڪرائڻو پيس. هن جي زال اُن وقت نُنهن جي ويم ۾ مشغول هئي، تنهنڪري اچي نہ سگهي. ڪاليج ۾ اِها ڳالهہ ڦهلجي ويئي تہ ويچاري ڏرمون چوڪيدار جو ٽنگ جو هڏو پيڇڻ ڪري آپريشن ٿيو آهي. بمبئيءَ ۾ سندس ڪٽنبي ڪوبہ ڪونهي.

ڏرمون چيو:

اِهو ہڏي گهٽڻ ئي پنهنجائي ڏني. ڪي هاسپيٽل ۾ بہ ڪهي پڇڻ آيا. ڪن پئسي جي مدد بہ آڇي. اُنهن سڀني جون لک مهربانيون مڃندو آهيان. هڪ ڏينهن تپرس ۾ پئجي ويس جڏهن نمو ٻڌيا هاسپيٽل ۾ مون کي ڏسڻ آئي. مان هن کي ڏسڻ سان سڃاڻي ويس تہ هيءَ اسان جي ڪاليج جي شاگرديائي آهي. پر مون کي سندس نالي جي خبر نہ هئي. بستري وٽ اچي چيائين:

"ابا! ڪيئن آهيو؟"

"مان بهتر آهيان، تنهنجو نالو؟"

"نرملا شاهہ"

"جئہ هند ڪاليج ۾....."

"ها ابا! جئہ هند ڪاليج ۾ انٽر ۾ آهيان، توهان جي ڏڪي جو ہڏم سو هلي آيس توهان کي ڏسڻ."

"تنهنجي وڏي مهرباني."

"ابا! مهرباني نہ مڃو. توهان جي ڏيءَ جهڙي آهيان، ہڏم تہ توهان جو ڪٽنب بروچ ۾ آهي، اسين بہ بروچ جا آهيون، دل ڇڪي ڏني، سمجهو پنهنجا ئي آهيون، ڪو ڪم ڪار هجيوَ تہ چئو."

چوڪيدار ڏرمونءَ کي اُن ڏينهن قارون جو خزانو ملي ويو. نمو پوءِ بہ هاسپيٽل ۾ ايندي رهي. ڪائڻ لاءِ ڪڏهن ڏوڪلا، ڪڏهن ڪاڪڙا، ڪڏهن سنڊي پڪوڑا وغيره ڪٽي ايندي هئي. تنهن وقت هن جي ماءُ حيات هئي.

هوءَ ئي کيس کائڻ جون شيون ناهي ڏيندي هئي. نموءَ جي ماءُ سنڌين توڻي گجراتين، ٻنهين جاتين جا رڌا کاڌا، ڏڻ وار ۽ ريتون رسمون سڀ ڄاڻندي هئي.

نموءَ جي ماءُ جي دلي تمنا هئي ته سندس ڏيءَ لاءِ سنڌي گهوٽ ملي. پاڻ سنڌي ماءُ پيءُ جي اولاد هئي. هوءَ گجراتين ۾ پرڻجي آئي هئي پر ڏيءُ سنڌين ۾ پرڻائڻ جي آس هئس. اِتفاق سان نموءَ جو پيار ٻه ٽيو هڪ سنڌي چوڪري سان. بس، اِن حد تائين ماءُ جي دُعا ڦري، ڏيءُ سنڌي چوڪري سان پيار ڪيو پر وهانوَ نه ٿي سگهڻ سبب آپگهات ڪري ڇڏيو.

ڏرمون ڳالهه پوري ڪندي چيو "نموءَ جي ماءُ هي دک، ڏيءُ جو وچوڙو ڏسي نه سگهي ها. سهي نه سگهي ها."

ايشور دل ئي دل ۾ اُما ۽ نموءَ جي پيڙ ڪري رهيو هو. اُما کي به گهور نراسائي پلئه پيئي. هوءَ چوندي هئي اُهو پيار ئي کهڙو جيڪو حالتن اڪيان هار مڃي. اُما جَلي پڃري، هُن جهجي جُهري، خطن ذريعي پنهنجي ٽنڊل دل جا ٽڪرا ايشور کي موڪليا. پر آخر... آخر ٻئي ڪنهن جي حوالي ٿي ويئي. دور ديس هلي ويئي. ايشور کي ڪجهه سال ته اُما جو ڪو سماچار به نه مليو. ٻئي طرف نموءَ نه هيڏانهن نهاريو نه هوڏانهن. حياتيءَ تان آهو ئي ڪٽي ڇڏيائين. عشق تان آهو ڪٽڻ، هن لاءِ ممڪن نه هو. بقول ڏرمون "محبتين" فلم جي ايشوريا راءِ وانگر، پيءُ کي ڏکوئڻ نموءَ لاءِ ممڪن نه هو. هريش کي ڇڏڻ به هن لاءِ ممڪن نه هو!

ايشور کي نموءَ جي موت جي ڳالهه اهڙو صدمو رسايو هو جو پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ لاءِ چوڻ لڳو: "پرماتما نموءَ کي سنسار ۾ تمام ٿورن سالن لاءِ اِن ڪري موڪليو. چو ته ڪنول گل ٻلا گندي تلاءَ ۾ گهٽا سال ڪيئن رهي سگهي ها؟"

"جيڪڏهن نموجيئي ها نه... سائين! هوءَ ڪويتري ٻڌجي ها."

"ڪويتري؟"

"ها، ڪوتائون لکي ها. جيون مرڻ بابت. پيار وفا تي، پهاڻن ۽ جهرڻن جي سونهن تي، نيري آڪاس ۽ چند ستارن سان سندس قلم ريڍل هجي ها."

هوءَ ڪيترين ئي اهڙين ڳالهين ڪندي هئي. تمام ڳوڙهو سوچيندي هئي. هن ڪي پنهنجي ڳوٺ بروچ سان بہ ايڏو لڳاءُ هو جو هريش ڪي چوندي هئي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن حياتيءَ جي ڪنهن دور ۾ پل ٻڌاپي ۾ ئي، اسين بروچ ۾ هلي رهنداسين. بروچ ۾ سندن اباڻو گهر خالي پيو آهي. جهوني زماني جي طرز تي نهيل وڏو شاهي گهر. ٻئي پيءُ ڏيءُ، سال ٻئي اُتي ويندا هئا، صفائي ڪرائي بہ تي ڏينهن رهي ايندا هئا.

ڏرمون پنهنجي ڳوٺ وارن کان ٻڌو هو تہ نموءَ جو پيءُ شري ٻپن شاهہ ڪن ڪٽنبي تڪرارن سبب گهر مان ورڇجي نڪتو ۽ بمبئي اچي وسائي هئائين. هنن جي وڏن جا ملڪيتن تان جهيڙا جهٽا تڏهن پورا ٿيا جڏهن ڏٽي وڃي سرگ پهتا. هنن جو اولاد بہ ڪٽو ڪٽو ٿي ويو. خانداني ملڪيت خاص ڪري اُن خالي شاهي گهر جو ڪو وارث جيڪڏهن بچيو تہ ٻپن ئي هو. نموءَ جو پيءُ!

هڪ دفعي نمو بروچ ويئي تہ بروچ کان ٿورو پري "ڪبير واڙ" بہ ويئي هئي. هن جي پيءُ پنهنجن ڪن مترن سان گڏ "ڪبير واڙ" جي ياترا ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو اُتي هڪ ڏند ڪٿا ٻڌائين. اُن جو ذڪر ڪندي ڏرمونءَ کي ٻڌايو هئائين:

اَبا! چون ٿا سنت ڪبير پنهنجو ڏنڊ نربدا نديءَ جي ڪناري تي اُڇليو تہ اُهو زمين ۾ دٻجي پاڙ ٻڌجي ويو. اُن مان هڪ وڏو شاهي برڙ جو وڻ اُسريو آهي. "اُهو وڻ مون ڏنو" نمو ڪبير واڙ ۾ ڪبير جي مندر ۾ بہ ويئي هئي. اُتي ڪبير پنٿين کان ڪبير جي واٽي ٻڌي اُن جو ارٿ سمجهڻ لاءِ ڪجهہ دير هنن سان ڳالهايو بہ هئائين.

ڪبير واڙ جو منظر تصور ڪري ايشور کي ائين محسوس ٿو ٿئي، جڙ گنگا جل ۾ بينو آهي. سڀ پاپ پيا ڏوڪجن. پاڪ آستان ۽ پوتر اِنسان ايشور جي "ڪمزوري" آهن. اُما ڪيس هڪ شرڌالو قسم جو شخص سڏيندي هئي.

اُما کي وري قدرتي سونهن لاءِ بيحد گهٽي ڪشش محسوس ٿيندي آهي. ايشور کي ڪاليج جي زماني جو هڪ واقعو ٿو ياد اچي:

چترڪاريءَ جي اِنٽر ڪاليجئيٽ ڪامپيٽيشن ٿي هئي تہ سندن ڪاليج اُن چٽاپيٽيءَ ۾ پهريون نمبر بينو هو. ڪاليج جي جنهن شاگرد

جيتيو اُن جو نالو هو مِتل موري. هُن جو اُهو بهترين چتر، فريم ۾ مڑهائي ڪاليج جي پهرئين ماڻي جي ڏاکڻ، جتي پوري ٿي ٽئي، اُن جي سامهون ديوار تي لڳايو ويو هو. اُما کي اُهو چتر ايڏو وٽندو هو جو پهرئين ماڻي تي کو ڪم نه هوندي به، هوءَ هر روز اُهو چتر ڏسڻ خاطر ڏاکڻ چڙهي ويندي هئي ۽ به چار منٽ بيهي اُهو چتر ڏسندي هئي.

اُن چتر ۾ به شخص ڪاري رنگ ۾ چٽيل هئا. هنن جا چهرا ڏسڻ ۾ نه پئي آيا، پوءِ به هنن جو مقصد ظاهر هو. هو ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي هڪ سوڙهي پيچري تان گڏ پنڌ ڪندا نظر ٿا اچن. راهه ۾ اوجهڙ جهنگل آهي، پهاڙ آهن، ٽڪريون آهن، هڪ هنڌ هڪ وڏو وڻ ڪريو پيو آهي. پر ڪاٻ رڪاوٽ هنن ٻن شخصن کي روڪي نه سگهندي. هو هلندا رهندا، گڏوگڏ، هٿ نه ڇڏيندا هڪ ٻئي جو.

اُما اِهو چتر ڏسي موٽندي هئي ته ايشور جو هٿ اڇي، مضبوطيءَ سان جهليندي هئي. ايشور جي دل ۾ اُن مهل به ڪٽڪو ٿيندو هو. هُن جي دل ننڍي هوندي کان ڪٽڪي ڪاڏي ڇو هئي، سا ڪيس به خبر نه آهي. هو هميشه ائين سوچيندو هو ته سياڻي جي ڪنهن کي خبر؟

ايشور سڏو ليٽيو پيو هو. ڪڏهن وهاڻي کي مٿي سيري، ڪڏهن هيٺ تي، ڪڏهن اوباسي ڏئي ته ڪڏهن پاسو ورائي.

برسات وسائڻ کان پوءِ اُپ ٽڪل ۾ اُداس روپ ڌارڻ ڪيو هو. ايشور به ماضيءَ جون ڳالهيون ڳٽي ڳٽي ٽڪجي پيو هو. پر اُپ وانگر اُداس نه هو. بس يادگيريون هيون جيڪي ايندين ئي ويون.

به ٽي سال اڳ ايشور کي، اُما جي هڪ دور جي مائٽياڻي ملي هئي. هوءَ به ويس ۾ رهندي آهي. حقيقت ۾ اُن ئي اُما لاءِ رشتو آندو هو. نه ڄاڻ اُما سان ڪهڙو ويڙ هوس جو هن کان تيرهن چوڏهن سال وڏو مڙد، ٻن ٻارن جو پيءُ، پيئڻ کائڻ جو شوقين، پارٽيون ۾ ڪلب کان سواءِ ڪجهه نه سُجهيس، صحت به پوري ساري، ڏسڻ ۾ به موچارو. ايشور پاڻ اُما جو گهوٽ نه ڏنو آهي پر نند اُن جي زال ۾ ڪانتا. ٽيئي اُما جي شاديءَ ۾ ويا هئا. هنن ايشور کي ٻڌايو هو ۾ شاديءَ جا فوٽا به ڏنا هئائين.

هوءَ مائٽياٽي جنهن جو نالو آرونا شوداساٽي آهي، جنهن اُما لاءِ هيءَ مائٽي آندي هئي، سا جڏهن ٻه ٽي سال اڳ ايشور کي رستي پنڌ گڏي هئي تہ ٻنهي کار ٻيهاري هئي. هو هڪ ٻئي جي اُبتڙ ويجي رهيا هئا. ٽورو اڳتي ٻہ نڪري ويا، پوءِ هڪ ٻئي کي اشارو ڪري ڪار رِورس ۾ موٽايائون. ٻئي کار مان لٿا هئا. آرونا حياتيءَ جا پنجونجاهہ سال پورا ڪيا هوندا پر ميڪ اپ ۽ ڪپڙا پنجويهن سالن جي عمر جيڏيءَ ڇوڪريءَ جهڙا پيا هئس. ايشور کي ڪيڪاريندي چيائين، "لهڪارجي ويا آهيو ڇو؟ پارت ۾ مزو نہ ٿو اچيوَ ڇا؟ دبئي ڇو ڇڏي آيا؟"

"مان بلڪل خوش آهيان هتي پارت ۾. توهين ٻڌايو توهان جو ڪهڙو حال آهي؟"

"مون کي ڏسي توهان کي ڇا ٿو لڳي؟ مان تہ سدائين خوش هوندي آهيان، هن سورج وانگر پيئي چمڪان." سورج وانگر چمڪي پيئي يا سورج جي تيز اُس وانگر ساڙي پيئي؟ ايشور پاڻ سان ڳالهايو هو. هو جيسين ڪانئس اُما لاءِ پچي ئي پچي اُن کان اڳ ئي هن ٻڌايو.

"اُما تہ مون کان ٻہ زور آهي، مون کان ٻہ جوان لڳندي آهي. ڪنهن پارٽيءَ ۾ ملندي آهي تہ گهٽا ئي جوان اڳيان پٽيان پيا ڦرندا اٿس. هن جي گهوٽ رامچيءَ کي ذرو ٻہ اعتراض ڪين ٿئي.

He is very broad minded, you know.

رامچي درياه دل آهي يا پنهنجي عليل طبيعت ۽ ٻارن جي جوابداريءَ ڪري پنهنجي ٻي زال، جيڪا ڪانئس گهٽي ننديي آهي... تنهن کي آزادي ڏيڻ لاءِ مجبور آهي؟

ايشور هن ارونا شوداساٽيءَ سان ملي خوش ڪونہ ٿيو.

اٺ سال کن اڳ اُما پارت آئي هئي. ڪاليج جي گهٽن ئي مترن سان ملي هئي. سيني کي تاج ۾ هڪ پيرو لنچ ٻہ ڪارائي هئائين. هڪ متر ايشور کي ٻڌايو تہ اُما چوي پيئي تہ پيار آهي آدي سچ. جڏهن اُهو ڪسجي ويو زندگي گذارٽي آهي تہ گذار اُما! گذار! زندگي داوَ تي لڳائي ڇڏي اٿم. هاٽي هار جيت جي چنتا ڪٽي آهي!

دريءَ مان هوا جو هڪ جهونڪو آيو اُن فرحتي هوا جو لطف ماڻيندي ايشور چيو "ڏرمون! اسين آهيون پنڪي جي هوا. اُما ۾ ڪانتا جڙ قدرتي هوا جيان آهن. چوڻون ڪائي ته زندگيءَ ۾ توازن رکيو ويندين آهن. ڪانتا کي نند سان سنهندّ ٿوڙڻو پيو وري سندس شادي ته ٿئي. هر طوفان زلزلي کي سمجهه سان منهن ڏنائين. اڄ ته پل اڪيلي آهي پر هڪ آبردار زندگي گذاري رهي آهي. اِئين ته چوندي آهي ته هاڻي ته ڪو ٻلو اِنسان گڏجي وڃي ته شاديءَ کان عار ڪونهيم. شادي هڪ سماجڪ درجو ۾ اڪيلائيءَ کان نجات ٿي ڏئي. ڏرمونءَ جي منهن مان نڪري ويو "ننديءَ عمر ۾ هيڏي سياڻپ!"

اُما جي شاهاڻي وهنوار بابت ته ايشور مترن وٽان گهڻو ئي ٻڌو هو.

پُراڻن مترن لاءِ اُهو ئي سنيهه، آدر ڪانتا، نند ۾ زالس کي گهڻيون ئي فارين جون چيزون گفٽ طور ڏنائين. ڪيس خبر آهي ته نند جي زال کي فارين جي شين جو ڏاڍو لوڀ آهي سو هُن کي وڌيڪ ئي سوغاتون ڏنائين. ايشور اِهوه ٻڌو آهي ته نند جي زال اندر ۾ اِها ته لالچ رکي ويئي آهي ته اُما پراڻي دوستيءَ صدقي نند کي فارين گهرائي ۾ اُتي نوڪري ونّي ڏئي.

"نند چاهي ٿو فارين وڃان؟"

"نند ڪجهه نه ٿو چاهي" ايشور پنهنجو منهن ڏرمونءَ ڏانهن ڪري چيو "زندگيءَ کي ڏکي پيو نند، هن ۾ ڪنهن ته ڪالهه لاءِ اُتساهه نه آهي."

فون جي گهنٽي!

ايشور جي پتنيءَ سرسوتيءَ جو فون آهي. چوي ٿي:

"ايا پيو جاڳين! چا پيو ڪرين؟ پيتو ته نه اڃائي گهڻو؟"

"منهنجي دوست وٽ پيئڻ لاءِ ڪجهه آهي ئي ڪونه."

"ته چو پيا جاڳو؟"

"ڪالهيون پيا ڪريون، گذريل زماني جون."

"اُما جون ڪالهيون پيو ڪرين، دوست سان؟"

"ها، ڪاليج جي زماني جون."

"اِهو پيو ٻڌائينس ته تو اُما سان ڪيتريءَ حد تائين پيار ڪيو!"

"سرسوتي! اُما سان مون کيتري حد تائين پيار کيو اُهو توکي ب مڱڻي مهل ٻڌايو هوم. تون اڄ هيئن رنج وچان چوٽي ڳالهائين؟"

"ها ٻڌايو هوءِ. سڀ ڪجهہ ڄاڻندي ب مون تو سان شاديءَ لاءِ ها ڪئي. تنهنجي ايمانداريءَ موهيو هو پر حسرت ٿ آهي نہ مان تنهنجو پهريون پيار نہ آهيان."

"سرسوتي چا ٿيو آهي توکي، مون چا توکي گهٽ گهريو آهي؟"

"هاڻي رکان ٿي، هي ڳالهيون فون تي ڪرڻ جون نہ آهن. تنهن کان سواءِ پنجاهہ سال عمر ٿي ويئي هاڻي... برسات ذري گهٽ بند آهي، هاڻي جلدي گهر اڇ."

"ٿورو ترسٽو پوندو. 'سماچار' پ چئي رهيا آهن ٿ رستن جي حالت خراب آهي. گپ چڪ آهي ۽ وڃ ڪريا پيا آهن. لوڪل ٽرين هلي پوي ٿ پوءِ جلدي پهچي ويندس."

"چرچگيٽ اسٽيشن تائين پهچي سگهندين؟"

"ها چرچگيٽ اسٽيشن ۽ منهنجي دوست جو گهر گڏيا پيا آهن. وڪ پنڌ تي آهي چرچگيٽ."

"رکان ٽي فون، پنهنجي سنپال ڪجانءِ"

ايشور مُنجهي پيو. اڄ سرسوتيءَ نئين ڳالهہ چئي ٿ ڪيس حسرت آهي جو هوءَ منهنجو پهريون پيار ڪونهي. ڳالهہ ايشور لاءِ نئين هئي چو ٿ سرسوتيءَ ڪڏهن زبان سان چيو نہ هو پر سندس حسرت پراٽي هوندي. ايشور کي جيڪڏهن اُما سان ملاقات اڳ ٽي ٿ اِن پ سندس ڪهڙو ڏوهہ؟ هن کي ائين لڳندو آهي ٿ حالتون ڪيس ڏڪيندين رهيون آهن. حياتيءَ ڪانئس پنهنجي پسندگي پڇي آهي چا؟ جيڪي ٽي رهيو آهي ٽيندو رهيو آهي. ايشور جي وس پ آهي هلڻ ۽ نباهڻ.

سرسوتي سامهون هجي ٿ ايشور جيڪر ڪانئس پڇي، "شاديءَ جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين منهنجي وهنوار پ توکي ڪهڙي ڪمي نظر آئي آهي؟"

ايشور سڄي جو سڄو پتنيءَ جو ٿي رهيو آهي. پوءِ ب سرسوتيءَ کي چو آهي حسرت؟

اُما پتي پتنيءَ جي رشتي نسبت چوندي هئي. دليون ملن، جسم نالي ۾ ۽ هجن سور هڪ کي هجي ايڏاءُ ٻئي کي اچي... اصل ساهه سڀجي وڃي هڪ ٻئي سان، اُن کي چئبو آهي پتي پتني.

ايشور کي پنهنجي لاءِ ويساهه آهي ته هو پنهنجيءَ پتنيءَ کي ايترو ويجهو آهي جيترو ٽيڻ کپي. ڇا اُما جو ساهه پنهنجي پتيءَ سان ائين سُبجي سگهيو آهي؟ اُها اُما کي خبر. ايشور جي دل تي اُما جي چيل ڳالهه چپيل هئي. ها... اِهو سچ آهي ته اصل اصل اُهو ساهه هن جو اُما سان سبڌو هو. اُهو خواب حقيقت نه ٻڌيو.

حقيقت ۾ جيڪا ايشور جي پتني ٻڌي سرسوتي، اُن کي هن جند جان سان چاهيو آهي.

سانت

"اُما مئدم کي پنهنجي ڪُک مان اولاد ٿيو؟" ڏرمونءَ ايشور کان پڇيو.

ايشور پنهنجيءَ پتنيءَ جي ويچارن ۾ ئي کوهيل هو. ڏرمونءَ جو سوال ٻڌي ايشور کي عجب لڳو. هن ته ڪڏهن اِن ڳالهه تي سوچيو ئي ڪين هو. ايشور ٻڌو هو ته گهوٽس شاديءَ کان اڳ ئي اُما کي چيو هو "ٻه ٻار اٿم. اُهي پالي وڏا ڪرٽا آهن. ٽيون ٻار نه ڪيپم."

اِن هڪ ڳالهه کان سواءِ رامچي پنهنجيءَ نئين پتنيءَ کي دنيا ۾ جا سُک ڏيندو. ٻئسي جي ته وٽس کمي هئي ڪانه. زال کي اکين ۾ ويهارينڊو.

اُما اِها ڳالهه ڇو قبول ڪئي؟ هن جو ناري هردو پنهنجي ڪُک مان اولاد پئدا ڪرڻ لاءِ تڙڦيو نه هوندو؟ جيڪڏهن هڪڙو ئي ٻار اُما ڇڏي ها ته هن جي امير پتيءَ جي سمپتيءَ ۾ ڪهڙي کمي اچي ها؟ هي سڀ شخصي ڳالهيون آهن. اُما کان پڇي ٻه ته ڪير؟ ايشورکي ڪانتا ٿي ياد اچي. هن کي ٻه ٻار ڪونهي. هوءَ سوچيندي هئي ته ٻار گود وڻان پر سوچيندي ٿي رهي. عمل نه ڪيائين. نوڪريءَ جي ڪري ڏينهن جا ڏهه ڪلاڪ ڪيس گهر کان ٻاهر ٿو رهڻو پوي. ٻار گود وڃي پوءِ اُهو آيا جي حوالي ڪجي.... ڪيس اِها ڳالهه نه آٿڙي.

ڏرمونءَ کي ايشور جي پاپيءَ لاءِ ويچار آيو تہ ڏٽي جيڪڏهن پاپيءَ جي گود پري ها تہ شايد هن جي سُڀاءَ مان ڪڙاڻ گهٽجي ها. ڏرمونءَ ٻڌو هو تہ جن عورتن جي شادي نہ ٿيندي آهي يا شادي ٿيندي آهي پر هنن کي ٻار نہ ٿيندو آهي، تن کي گهپي ڪرڻ جي عادت ٿي پوندي آهي.

ڏرمون پنهنجي اِن ٻڌل ڳالهہ کي سمورو سچ نہ ٿو مڃي چو تہ ڪانتا ٻِنيا جي سُڀاءَ ۾ بلڪل ڪڙاڻ ڪانهي. هوءَ بہ گهر گرهستيءَ ۽ اولاد جي سُک کان وانجهيل آهي.

پاپي معنيٰ گهپي، هوءَ گهپي ڪرڻ جو سبب ڪٿان بہ ڳولهي وٺندي هئي. هڪ ڏينهن ايشور ڏٺو تہ پاپي ڪم ۾ غرق لڳي پيئي آهي سو پنهنجي پٺنڊ ۾ بٽڻ ٽاڪڻ لاءِ سُئي ڏاڳي ۾ ڪٽي هٿ وڌائين. پاپيءَ جو ڪيس بٽڻ ٽاڪيندو ڏٺو سو روئندي چيائين، "توهان مان ٻيو ڇا ملندو؟ هاڻي دنيا کي ٻڌائڻ ٿا چاهيو تہ اسين پٺنڊن ۾ بٽڻ بہ پاڻ ٽاڪيندا آهيون. پاپي جهڙي آهي تهڙي ڪانهي."

ايشور رڳو چيس، "پاپي هتي گهر ۾ ٻيو بٽڻ ٽاڪيان تنهنجو ڪم گهٽائڻ لاءِ هتي ڪهڙي دنيا پيئي ڏسي؟"

"ٻيو ڪير نہ تہ ڪم واري مائي تہ ايندي اِهي ڏُوتيون ڪو گهٽ آهن ڇا. پاڙي ۾ وڃي هوڪو ڏينديِ تہ ويچاري ايشور پاڻ پئي پٺنڊ ۾ بٽڻ ٽاڪيو ۽ پاڇايس آرام سان چانهہ پئي پيتي."

ايشور اُن ڏينهن توبهہ ڪري ڇڏي تہ وري ڪڏهن خميس ٻريا پٺنڊ ۾ بٽڻ ٽاڪڻ جي همٿ نہ ڪيائين. پاپيءَ جي پڻيان پيو ڦرندو پليز پاپي بٽڻ ٽاڪي ڏي، دير ٿي رهي آهي، ٽرين مِس ٿي ويندي."

"توهان جي پاپيءَ کي سونا زيور پائڻ جو شوق هو؟" ڏرمونءَ پڇيو.

ايشور کي اِها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ پاپيءَ کي زيورن جو شوق هو يا نہ پر هوءَ شادي ڪري آئي هئي تہ ٿورا ڳهہ پيل هئس. هن جي ماءُ پاڻ وارو سون پالش ڪرائي پاپيءَ کي پاتو هو. پاءُ رڳو منگل سوتر پاتو هوس. ڏيري ڏيري گهر جي خرچ جي پورت ڪرڻ لاءِ پاپيءَ پنهنجو سون ڳاري ڇڏيو. اسان کي لڪا بہ ڪائنہ پيئي. ڪُرلا واري گهر پرسان هڪ ننڍي نيٽي چوڪريءَ سان

پريت ٿي ويئي هئس. سون وغيره هن جي مدد سان وڪيائين.... گهر ۾ خبر سالن پڇاڻان پيئي.

ڏرمونءَ جي زال کي زيورن جو ڏاڍو شوق آهي. هن کي پڪ هئي ته ايشور جي پاپيءَ کي به زيورن جو شوق هوندو. هوءَ پمپريءَ جي گهٽ پڙهيل چوڪري هئي. هن کي ڪهن جو شوق ڪيئن نه هوندو؟ ڏرمونءَ جي زال چاهيندي آهي ته بروچ ۾ جيڪي به زالون ڪيس سجاڻن تن سيني کان وڌيڪ ڪهه ڪيس هجن. ڏرمون به جڏهن به بروچ ويندو آهي زال لاءِ ڪا نه ڪا ننڍي وڏي سون جي شيءِ وٺي ويندو آهي.

نموءَ کي به زيورن جو شوق هو. سچو سون نه ته آرٽيفيشل جوئيلري پر هوءَ پائيندي ضرور هئي. ڪهڙيءَ ڊريس تي ڪنن ۾ چا پايان يا ڪرائيءَ ۾ چا سونهندو. اِنهن ڳالهين جي ڪيس شناخت هئي. چوندي هئي اِهو سڀ ممیءَ کان پرايو اٿم. هن جي ماءُ بيحد شاهاڻي لڳندي هئي ۽ فخر سان چوندي هئي ته اِها اسان سنڌي عورتن جي خصوصيت آهي جو اسين پلي وچولي طبقي جون هجون پر سونهن سينگار ۾ سيني کان سرس لڳنديون آهيون. سنڌي زال پريان ئي پڌري.

اوچتو ڏرمونءَ کي ڪو خيال آيو. هو ٽپ ڏيئي اُٽيو. پٽ وارو آڏ کٻٽ کوليائين. پنهنجا ڪي ضروري دستاويز ۽ پئسا وغيره اُن کٻٽ جي وچين خاني ۾ رکندو هو. اُن ئي خاني مان ڪاليج جي مخزن ڪيي آيو. مخزن ايشور کي ڏيندي چيائين:

"مان وڏي بتي هاريان ٿو. توهين هن مخزن ۾ هريش جي لکيل هڪ آرٽيڪل ڇپيل آهي سا پڙهو. توهان کي اُن مان خبر پوندي ته هريش جا ويچار ڪهڙا آهن."

ايشور مخزن جا پنا اُٿلائيندي هريش جي لکيل آرٽيڪل ڳولهي رهيو هو اُن مهل ڏرمون کيس اُن آرٽيڪل جو پس منظر ٻڌائڻ لڳو. چيائين. "آرٽس ۽ ڪامرس فئڪلٽيءَ جي شاگردن گڏجي هڪ ڊبيٽس

سوسائٽي ٺاهي هئي. هڪ دفعي هنن بحث ركيو وشيہ هئي: "سماج مان پيد ياوَ ڪيئن مِٽائجي." جن چئن پنجن شاگردن بحث ۾ سرگرم پاڳ ورتو تن ۾ هڪ هريش بہ هو. هريش پنهنجي راءِ ڏيندي آخر ۾ جيڪي لفظ چيا اُهي ايترا پسند پيا جو هريش کي چيو ويو تہ پنهنجي تقرير لکي ڏي جيئن ڪاليج جي سالياني مخزن ۾ ڇپيون.

ايشور کي هريش جي آرٽيڪل هٿ لڳي ويئي هئي. اُهي خاص لفظ جن جو ڏرمونءَ ذڪر ڪيو سي پڙهي ايشور بہ ڏاڍو متاثر ٿيو. هريش لکيو هو: "امير هججي پر اڳلي کي غريب هجڻ جو احساس نہ ڏجي. ڪهڙي بہ اوچ ذات جو هججي پر اڳلي کي گهٽ ذات جو نہ ليکجي. ستا هجي پر اُن جو اجوڳ فائدو نہ ونجي. ٻڌيمان هججي پر اڳلي کي ڇسو نہ سمجهجي. اِهي آهن اِنساني ياوَ جيڪي سماج ۾ سمانتا آڻڻ لاءِ ضروري آهن. سمانتا هڪ احساس آهي جيڪو روشن دلين ۾ ڏِيئي وانگر ٻرندو آهي.

"سائين!" ڏرمون پنهنجي اصلي مطلب تي آيو "نموءَ کي هريش جا اِهي ويچار ايڏا وٺيا جو هن تي موهت ٿي پيئي. ڏاڍي عزت ڪندي هئي هريش جي."

ڏرمونءَ کي ماڻ نہ هئي. هو چوندو هليو "اعليٰ ويچار هنن ٻنهي جي پيار جو بنياد بڻيا. نموءَ بہ ستون قدر دانيءَ طور هريش کي لکيون. اُهي بہ ستون مون ئي هريش کي پهچايون هيون." هريش کي وري نموءَ جي قدردانيءَ طور لکيل بہ ستون ڏاڍيون راس آيون.

ٻئي ڏينهن هريش، ڏرمونءَ کي چيو هو توکي ڪلهہ جنهن چوڪريءَ مون لاءِ نوٽ ڏنو هو... مس نمو شاهہ اُن سان مون کي ملڻو آهي. ڏرمونءَ هريش جي نموءَ سان واقفيت ڪرائي. ان بعد هريش جو پيرڊ پيلي ڪهڙي بہ وقت هجي پر هو هر روز اُن مهل آچي ڪاليج ۾ پهچندو هو. جنهن مهل نموءَ جا پيرڊ خلاص ٿيندا هئا.

سچ اِهو هو تہ نموءَ جي پيءُ کي هريش لاءِ ڪابہ شڪايت نہ هئي. نہ ئي هو پريمر وواهہ جي خلاف هو. هن کي شاهوڪار ماڻهن جي اکين تي جيڪو پئسي جو پڙدو چڙهيل هوندو آهي، جيڪو هنن کي آندو ڪري

چڏيندو آهي ۽ هو پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجهندا نه آهن. تنهن انڊي پڙدي کان چڙهئي.

هريش وارا امير به امير آهن. هنن وٽ پئسو ڪنو ٿو ٽئي. ڪف پريڊ تي جنهن بلڊنگ ۾ رهندا آهن. سا بلڊنگ ئي سندن آهي. تنهن سواءِ هانگ ڪانگ ۾ پنهنجا ڏنڊا اٿن. هريش جي پيءُ کي پنهنجي ڏنڊي ۽ پئسي کان سواءِ ڪجهه سُجهندو ڪونهي. هريش جي ماءُ ٿوري الڳ قسم جي عورت آهي. پنهنجي شاهوڪاريءَ جو ڏيڏهو به رکي ته وري پنهنجن پراون سان به سولو هلي. هر ڪنهن کي عزت ڏيڻ جو هنر اٿس. هريش وري صفا ٽئين قسم جو آهي. ڏرمون چوي ٿو "هريش شبانا اعظميءَ جو پاءُ اٿو."

ايشور کان ٽهڪ نڪري ويو.

ڏرمون منهنجي پيو. هن اهڙي ڪهڙي ڳالهه چئي جو ايشور کي کل اچي ويئي. ايشور چيس، ڏرمون توکي فلمي ستارن سان خوب نينهن ٿو لڳي تو هريش کي شبانا اعظميءَ جو پاءُ چيو...."

"منهنجو فلمي اداڪارن سان نينهن برابر آهي. سڀ فلمون ڏسان. فلمي مخزنون به پڙهندو آهيان. سُنيل دت صاحب ۽ شبانه اعظميءَ جو جهوپڙا پٽيءَ وارن لاءِ ڏاڍو هڏ ڪرڪندو آهي. هريش به هميشه پيءُ کي چوندو آهي ته هتي ڪولابا ۾ جهوپڙا پٽي وارن لاءِ سادا گهر جوڙايو. پنهنجي آس پاس جي ايراضيءَ مان جهوپڙا پٽي ميساريو راهو هڪ چگو ڪم ڪيو."

هريش جو پيءُ هن مان خوش نه آهي. هريش ايم.ڪام ايم.بي.اي ڪرڻ کان پوءِ وڃي وولٽاز ۾ نوڪري ڪئي آهي. هن جو پيءُ چاهي ٿو ته هو بزنيس مئن ٽئي، ڏنڊا سنڀالي. خاص ڪري هانگ ڪانگ لاءِ ڪيس ڪو پنهنجو ماڻهو ڪپي. هو پٽ مان اُميد رکي ويٺو هو ته تعليم پوري ڪري هانگ ڪانگ وڃي ڏنڊو سنڀاليندو پر هريش کي ڏنڊي ڏاڙيءَ ۾ بلڪل دلچسپي نه آهي.

"نموءَ جي پيءُ جي سوچ ۾ هڪ خال رهجي ويو." ايشور جي دماغ ۾ هلچل متل هئي. هاڻي ته ڪجهه ورٽو نه هو اُن جي باوجود ايشور جو دماغ اِن طرح جون ڳالهيون ڳڻي رهيو هو ته ڪيئن نموءَ جو آپگهات تري سگهي ها. نموءَ دل کولي پيءُ سان نه ڳالهايو هوءَ اندر ۾ ولوڙجندي رهي. ٻئي طرف سندس پيءُ کي خوشفهمي هئي ته نمو سندس انپو ۽ سياڻپ کي صحيح

مجي، هريش کي چڙڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. نموءَ زبان سان ڪڏهن چيو ئي ڪين ته هوءَ هريش کي تياڳڻ لاءِ تيار نه آهي. هوءَ پيءُ کي ڏکوئڻ نه پيئي چاهي پر هريش کي چڙڻ لاءِ به هرگز تيار نه هئي.

ايشور ڏٺو ته ڏرمون جي اکين ۾ پاڻي هو. هن جي به دل پرجي آئي. هن ويهاڻي ۾ منهن لڪائي چڏيو.

آسمان تي وري گهنگهور گهٽائون چانئجڻ لڳيون. هوا جو رُخ به بدلجڻ لڳو. ڏرمونءَ اُٺي وري دري بند ڪري چڏي. هو پنهنجي بستري تائين پهتو مس ته برساتي وسڪاري سندس ڪوٺيءَ جي چت تي اهڙو وار ڪيو جو هن ڏکي پنهنجي مٿي تي هٿ کڻي رکيا. هيڏو ڏماڪو... برسات ٿي وسي يا برف... وري اُهو ئي ماحول. سيءُ، ٺڏي هوا. ايشور کي پڪ ٿي ويئي ته هيو سجو ڏينهن به هو گهر پهچي نه سگهندو. سالن ۾ بمبئيءَ ۾ ههڙي برسات نه پيئي هوندي. برسات تي هريل بمبئي اڄ برسات جي ڪوپ کان ڪنبي ويئي هئي.

ايشور کي اُهي رنگبرنگي رضايون ٿيون ياد اچن جيڪي پاپيءَ هڪ هڪ ڪري ٺهرايون هيون. اونهاري ۾ اُهي اُس ۾ سُڪائي، ويڑهي ناهي هڪ ٽين جي اڇي پيتيءَ ۾ سنياليو رکندي هئي. برساتين ۾ ۽ سياري ۾ اُنهن جو ڪپ ٽيندو هو. سيني کي اوڍڻ لاءِ ڏيندي هئي. پاپيءَ پنهنجن هٿن سان گهوٽ کي ۽ ڏيرن کي به سئيٽر مڙهي ڏنا هئا. پاپيءَ کي به هڪ ليمائي رنگ جو سئيٽر هو جيڪو ڪيس پاڙي ۾ رهندڙ ساهيڙيءَ مڙهي ڏنو هو. ڪُرلا واريءَ اُنهيءَ ننڍڙيءَ ساهيڙيءَ سان پاپي ڪڏهن خفي ڪانه ٿي. هن کي ڏاڍو پائيندي هئي. چوندي هئي نه پنهنجي جائي اٿم نه پڳوان نران ڏني. اُن نينگريءَ کي ڏيءُ سمان سمجهندي هئي. هوءَ به آنڊيءَ مانجهيءَ پاپيءَ جي ڪم ايندي هئي. ڪا شئي شڪل ڪُرلا ۾ نه ملندي هئس، ته اُن ساهيڙيءَ سان گڏ وڃي چيمبور مان ونڊي ايندي هئي. هڪ ٻئي کان اوڏر به ونندیون هيون پوءِ ٽورا ٽورا ڪري پئسا موٽائيندیون هيون.

اُن نينگر جي حياتيءَ جي راهه ۾ به هڪ ڪڏ آئي. هوءَ هڪ غلط چوڪري جي چنبي ۾ ڦاسي ويئي هئي. ويهه ايڪويهه سال الهڙ عمر! اُهو چوڪرو ڪيس شرط وجهي رهيو هو ته هڪ رات مون سان هوٽيل ۾ هلي

رهڻ. پوءِ مان توسان شادي ڪندس. پاپي اُن نينگر کان عمر ۾ گهٽي وڏي هئي پر دليون جو ساهيڙين جيان ڳنڍيل هئن سو هن پاپيءَ سان ان شرط جي ڳالهه ڪئي.

شادي ڪرڻ لاءِ ههڙو واهيات شرط! پاپيءَ جو خون تپي ويو. ڏاڍي خبرداريءَ ۽ انڪل سان اُن چوڪري جي ائڊريس هٿ ڪيائين. اُهو چوڪرو پانڊپ جو رهندڙ هو. پاپيءَ جي اُها ساهيڙي پانڊپ جي هڪ فئڪٽريءَ ۾ پئڪر جي نوڪري ڪندي هئي. هو چوڪر هر روز فئڪٽريءَ جي ٻاهران اچي بيهندو هو.

پاپي اُن چوڪري جي ائڊريس هٿ ڪري سندس گهر ويئي. هن جي مائٽن کي چئي آئي ته پنهنجي پٽ کي چئو ته منهنجيءَ نران جي پچر ڇڏي نه ته مان پوليس ۾ رپورٽ لکائيندیس، جيل جي هوا کارائيندیسانس.

ڳالهه ختم ٿي ويئي.

پاپيءَ جي ان ننڍيءَ ساهيڙيءَ جي شادي ٿي ته پاپي اهڙي خوش، جڙ هوءَ سڳي نران هجيس. خوب لاڏا ڳايائين، مٽايون ٺاهيائين. شاديءَ جا پويان ٻه ٽي ڏينهن صبح کان رات تائين اُن ساهيڙيءَ جي گهر ويٺي هوندي هئي. ڪنهن مهل رات جو ٻارهين ٻارهين بجي تائين لاڏا ڳائيندي ٽڪبي ڪانه هئي. پوءِ ياءُ وڃي وٺي ايندو هوس. ٻه بلڊنگون ڇڏي ٽينءَ بلڊنگ ۾ هنن جو گهر هوندو هو.

"اهڙو نسوارٽ پريم ملڻ ڪٽن آهي." ڏرمون پاپيءَ جي ننڍيءَ ساهيڙيءَ سان سنيهه جي ڪٿا ٻڌي چوي ٿو نموءَ جي ناناڻن ۾ سندس هڪ ئي مامي هئي، جيڪا نموءَ کي توٽي ماٽس کي چاهيندي هئي. حقيقت ۾ نموءَ جي ناناڻن جو سڄو ڪٽنب دولت جي نشي ۾ چور هو. اُها هڪ مامي پنهنجي ڏيءَ جي ڪري شايد اُن نشي مان نڪتي."

"چا ٽيو ڏيٽس کي؟"

"اِهو ئي ڪڏو ڪن نياڻين جي ڪچيءَ عمر ۾ اڳيان ٿو اچي. سائين بچائي. جيئن توهان پاپيءَ جي ننڍيءَ ساهيڙيءَ جي ڳالهه ڪئي نه، بلڪل اِن طرح نموءَ جي ماروت ٻوهي ۾ پئجي ويئي. ڪڏي ۾ ڪري پيئي." ڏرمون نڪ تي آڱر رکي چوي ٿو توبهه آهي سائينءَ جي در... نياڻيءَ جي گلا ڪونه ڪريان. اُن نياڻيءَ کي ڪنهن چوڪري جي صحبت ۾ اچڻ ڪري.. گريب

ٿي ويو مامي پانپي ويئي. ماءُ جي نظر تکي ٽيندي آهي. ماٽس بيمار ٿي پيئي. ماڳهن ڏڪي ۾ بلڊ پريشر ايڏو وڌي ويس جو بريچ ڪنڊي هاسپيٽل ۾ داخل ٿي. اُن دورانِ نموءَ جي ماءُ جيڪو پاڃائيءَ کي ڪم آئي، تنهن مامي‌ءَ جي اک کولي. نموءَ جي ماءُ سپ سنپالي ورتو. هن ڪنهن سان ڳالهه ٻ ڪانه ڪئي. پائٽيءَ کي لڪي بلڪل ڳجهه ڳوهه ۾ هڪ سُڃاتل گائناڪالاجست وٽ ويئي هئي. هن کي گرپ کان آجو ڪرايائين. هن نياڻيءَ جا ڳوڙها نه جهلجن. ڪيس سيني سان جڙي نموءَ جي مميءَ چيو "روءُ نه. سبق سکجانءِ. ڏٽيءَ در روز آرادَنا پرارٽنا ڪر ته سنئون رستو ڏيکاري غلطيِ انسان ئي ڪندو آهي."

"نمو جي ماءُ کي پائرن ملڪيت جو حصو ڏنو؟" ايشور پڇيو.

"ٻريسور سان پنجويهه لک ڏنائونس. هنن وٽ ڪروڙ آهن ٻئي پائر اباڻي ملڪيت مان الوليون وينا ماڻين."

ڪانتا ايشور کي فون ڪري چيو "نند گهر نه پهتو آهي، هن جي زال فون ڪري ٻڌايو." ايشور عجب مان چيو "نند جي زال توکي ڪيئن فون ڪيو؟ توکي ته پنهنجو جاني دشمن سمجهندي آهي."

"اُهو پوءِ ٽي ٻڌايانءِ. پهرين ٻڌاءِ تون ڪٽي آهين. توکي ڪا تڪليف ته ڪانهي؟"

"توکي ڪيئن خبر پيئي ته مان گهر کان ٻاهر آهيان؟"

"پهرين تنهنجي گهر فون ڪيو هوم. نند جي پتنيءَ ٻ توکي گهر ۾ فون ڪيو تون نه هئين. سرسوتيءَ کان تنهنجو موبائيل فون نه گهريائين. مون کي ڪٽي فون ڪيائين." ڪانتا جو آواز ٽٽي رهيو هو.

ايشور پريشان ٽيندي چيو "تون چو هيڏي دکي لڳي رهي آهين؟"

ڪانتا روئي پيئي. سڏڪندي چيائين. "ايشور! مون کي نند جي زال چوي ٽي، رڳو نند واپس اچي صحيح سلامت، مان نند توکي ڏيئي ڇڏيندیس. مون کي شايد تنهنجي پٽ لڳي آهي جو نند هڏڙي ڦهري برسات ۾ رستي ۾ اٽکي پيو آهي. الائي گهر پهچندو ٻ الائي نه."

ايشور کي لڳو قدرت امتحان وٺي رهي آهي. نند سڄ پڄ ڏاڍو سادو سودو شخص آهي. ڪنهن کان مدد گهرڻ ۾ به هٽڪ ٿيندي اٿس. ايشور کي پاڻ به نند جو فڪر ٿيڻ لڳو پر هن ڪانتا کي آڻڻ ڏيڻ لاءِ چيو "تون روءُ نہ، ڪانتا! نند کي ڪجهہ نہ ٿيندو. باقي نند جي زال جو سياءُ ئي اهڙو آهي، هن جو ڀالهائڻ چا چت تي کڻڻ ڪيي؟"

"پر هڙي ڀالهہ ڪيئن ٿي چوي، مان چا نند کي يا زالس کي پٽيندیس؟ يا مان ائين سمجهندي آهيان چا تہ نند جي زال اسان جي جدائيءَ لاءِ ذميوار آهي؟ هن جو کهڙو ڏوهہ هو؟"

"موٽي ٻڌيءَ واري آهي نند جي زال. يا اجا به چوان ٻڌي اٿس ئي ڪانہ. سوچي سمجهي ڀالهائيندي يا وهنوار ڪندي آهي چا؟"

ڪانتا سڏڪڻ بند ڪيو. هوءَ ايشور جي متر به آهي. ڏرم جي پيڻ به آهي. سندس يار نند جي پريتما به آهي. ايشور جي دِل ۾ هن لاءِ هڪ خاص جاءِ آهي. هو ڪانتا کان پڇي ٿو "اِتي توهان وٽ برسات جي ڪري ڪا تڪليف تہ ڪانهي. تون ٺيڪ آهين نہ؟"

"تر ۾ جيڪي به گهر آهن، تِن ۾ پاڻي اندر اچي ويو آهي. مان گهر بند ڪري مٽي پهرئين ماڙي تي اچي رهي آهيان، نهالاٽين وٽ."

ڪانتا ۽ ايشور جو فون تي ڀالهائڻ جاري ئي هو تہ پاڻي گڙڪات ڪندو ڏرمونءَ جي ڪوٺيءَ ۾ ڏوڪيندو آيو. ڏرمونءَ تڙ تڪڙ ۾ چاهيون تارچ ۽ بلئنڪيٽ هٿ ۾ کڻي چيو "سائين! هلو. ڪاليج ۾ مٽي پهرئين ماڙي تي هلو."

ايشور حال ڪانتا کي فون ڊسڪنيڪٽ ڪرڻ لاءِ چئي ڏرمونءَ پٺيان ڊڪندو ويو.

پهرئين ماڙي تي پهچي ڏرمونءَ پروفيسر روم کوليو. ايشور ۽ پاڻ سوفا تي ٽانئيڪا ٽي ويٺا تہ کين لڳو ڪنهن وڏيءَ آپدا مان پار پئي سلامت اچي پهتا آهن. ڪوٺيءَ کان ڏاڪن تائين پهچڻ لاءِ کين گوڏن کان به مٽي پاڻيءَ مان لنگهڻو پيو. هنن جا ڪپڑا آلا پت ٽي ويا هئا. ٽرائوزرس وغيره نپوڙي وائکا ڪرڻ لاءِ رکيائون. باٿ روم ۾ به ٽوال رکيا هئا،اُهي ٻڌي ايشور ۽ ڏرمون ٻئي الڳ الڳ سوفا تي ليٽي پيا.

ڏرمونءَ سالن کان بمبئيءَ جو چوماسو ڏنو آهي پر ڪڏهن بہ ايترو مينهن نہ پيو آهي، جو ڪوئي چڏي ڪيس پهرئين ماڙي تي اچي سُمهڻو پوي. هن دفعي وارو مينهن بمبئيءَ لاءِ آلائي ڪيتري مصيبت آڻيندو.

ٽرئفڪ صفا بند آهي. ٽرينون، بسيون، ٽئڪسيون، آٽو رڪشا، موٽرون، گاڏيون ۽ ٽرڪون سڀ رستن تي گپي پيئون آهن. رستن تي ماڻهو ڪينهن. آهي تہ صرف پاڻي. نند نہ جاڻ ڪٽي هوندو؟ ايشور سُمهي نہ سگهيو. هن ڪانتا کي فون ڪيو. ڪانتا اُبهرائيءَ مان پڇيو "نند جي ڪا خبر ملي چا؟"

"نہ ڪانتا." ايشور چيو "جيسين مينهن بند نہ ٿيندو خبر ڪٽان ملندي؟"

ڪانتا بيوسيءَ وچان چيو "ڏس نہ ڪجهہ ڪر اچي ٿو؟ نہ پئسو نہ پيار نہ دُعائون. قدرت سان ڪير پڄي نہ ٿو سگهي. ڪٽي ڪولهيان مان نند کي؟ مون تہ هن جي پچر چڏي ڏني آهي. اڄ حالتن من کي ڦٽڪائي ماريو آهي."

ايشور اڄ پاڻ بہ رات جو ڪپل حصو اُما کي ياد ڪندي گذاريو آهي. سرسوتي جڻ پاسيري ٿي بيٺي آهي ذهن ۾. ڪانتا سچ ٿي چوي تہ هن نند جي پچر چڏي ڏني آهي پر اڄ نند جي سلامتيءَ لاءِ جيڪا جهوري اچي لڳي اٽس، سا چا آهي؟ وقت ماضيءَ جي باب تي تهہ چاڙهي چڏيا آهن. اڄ چو اُهي تهہ اُڏامي رهيا آهن؟ پکڙجي رهيا آهن؟ اسين جڻ نندا ٿي ويا آهيون. جئہ هند ڪاليج ۾ پڙهي رهيا آهيون. اُما ۽ مان پيرڊ پوري ٽيڻ ڪان پوءِ ڪي رُستم جي آئيس ڪريم ڪائڻ پيا وڃون. نند ۽ ڪانتا ڪاليج جا پيرڊ گسائي مرين ڊرائيو تي وڃي وينا آهن.

"توهان نند جي زال کي فون تہ ڪيو." ڏرمونءَ سُجهاءُ ڏنو. ايشور کي لڳو نند جي زال کي فون ڪرڻ ضروري آهي. اِهو سندس فرض آهي. ايشور فون ڪري ئي ڪري تنهن ڪان اڳ نند جي زال جو فون اچي ويو. هوءَ روئي رڙي چئي رهي هئي. ڪٽي آهيو توهين نند جا دوست؟ ڪاليج جي زماني جا متر جن تي نند پڏندو آهي."

"ٻڌو منهنجي ڳالهہ ٻڌو" ايشور ڏيرج سان چيو "برسات ٽوري جهلجهي باهر نڪرڻ جهڙي حالت ٿئي تہ نند جو پتو لڳايون ٿا."

"تيسين پلي هو ڪپي ڪاڃي وڃي." نند جي زال پميءَ اوچنگار ڏيئي چيو "مون کي پرون پيا پون تہ هو جيئرو نہ موٽندو. مون پنهنجن مائٽن کي

گھٽو چيو تہ مون کي اهڙو ور نہ وڻي ڏيو جنهن اڳي ئي دل ڪنهن کي ڏيئي چڏي آهي. دليون وچوڑيندا تہ مون کي پاپ لڳندو." پمي روئي روئي ساٿي ٽي پيئي هئي. ايشور ٿوري همٽ ڪري ڪڑڪ آواز ۾ پميءَ کي چيو. هاٿي روئڻ ڏوئڻ بند ڪريو. شانتيءَ سان ويهي پار سنياليو پنهنجا. توهين هيئن وهلور ويندا تہ هارن جو ڪهڑو حال ٿيندو؟"

پميءَ فون رکي چڏيو.

ايشور کي پهريون دفعو پميءَ تي قياس پيو هو. هن کي ايتري ٻوجھ آهي تہ دلين جو وچڑڻ عذاب ٿيندو آهي. ايشور تہ سمجھندو آهي هوءَ صفا دُدستي آهي. هن کانتا کي ٻہ فون تي ٻڌايو تہ اسين جيڪي پميءَ لاءِ سوچيندا آهيون اُهو صحيح نہ آهي. نہ ڄاڻ هن سان ڪهڑي ويڌن آهي. يا وهمن وسوڙل عورت آهي يا تہ کا دل کي چوٽ لڳل اٿس."

"اِهو پوءِ ٻڌائج. ايشور! پهرين ٻڌاءِ نند ڪٽي هوندو؟"

"مان ڪيئن ٻڌايان؟ شل ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ تي هجي. ڏٽيءَ تي رک، کانتا. چوندا آهن، اٻوجھن جو الله ٿيندو آهي."

هڪ رات ڏرمونءَ جي ٻہ اهڙي گذري هئي جو اڌ رات تائين نموءَ جو ڪو پتو ڪونہ هو. نموءَ جو پيءُ، ڏرمون پاڻ ۾ هريش ٿيئي اندر ۾ خوف ڪٽي، ڳوڙها ڳاڙيندا، نموءَ جو پتو لڳائڻ لاءِ هاسپيٽلس ۾ پوليس اسٽيشنن جا چڪر ڪاٽيندا رهيا. آخر اڌ رات جو ڪين پتو پيو تہ نموءَ جو لاش جي.ٽي هاسپيٽل ۾ آهي تڏهن ٿيئي اوڏانهن ڀڳا.

هاسپيٽل ۾ لاش عجيب نموني رکيل هئا. هڪ هڪ تختو ائين پئي ٻاهر ڇڪيو ويو جيئن ڪو ميز جو خانو هجي. اُن ڏينهن ٻن عورتن جا لاش پوليس معرفت داخل ٿيا هئا. هڪ پنجاهہ ڪن سالن جي عورت هئي. ٻيو لاش هو ڪنول جهڙي ڪومل نموءَ جو. جنهن وقت هاسپيٽل جي ڪرمچاريءَ نموءَ جي لاش وارو تختو ٻاهر ڇڪيو تنهن مهل ڏرمون ۾ هريش "نمو" چئي بي اختيار رُنا. پر نموءَ جو پيءُ ڏڙام سان پٽ تي ڪري بيهوش ٿي ويو. هن کي هوش ۾ اڇڻ ۾ ٻہ ڏينهن لڳي ويا. هو هوش ۾ نالي خاطر آيو. هن جي هنياءَ ۾ جيڪي اُن مهل وڌ پيا تن کي هارٽ سرجنس سبي نہ سگهيا آهن. هو اڄ تائين مريض آهي. موت تائين مرندو رهندو. جيئڻ تہ هن کان چڏائجي ويو آهي.

هي چا ٿيو؟

نموا تو مون کي چيو چو نا ضد چو نہ ڪيئہ تہ مان هريش سان ئي پرٽبس.

منهنجو چيو نہ مڃين ها.

پل پڇي وڃين شادي ڪرين ها.

تو هي چا ڪيو؟

وڏلندو رهيو مسٽر بپن شاهہ.

ديوارن سان مٿو ٽڪرائيندو آهي.

سال کن تہ هو نيم پاڳلن وانگر هو. ڏيري ڏيري وقت سندس زخمن تي مرهم رکيو. ٻاهران ٻاهران دنيا هن جي رت ٽينڊيون ڪري وهندڙ دل کي ڏسي نہ سگهندي آهي. ڏينهن جو هو نوڪريءَ تي ويندو آهي، ڪم ڪندو آهي، روٽي پاڻي کائيندو آهي. رات جو اڪيلائيءَ ۾ سندس دل روئندي آهي. هو ٻاڏائيندو آهي ۽ ڏٽيءَ کي چوندو آهي مون کي ڏيءُ واپس ڏي تہ مان هن جو وهانءُ هريش سان ڪرايان.

اڄ نند جي پتني پمي، ايشور ۽ ڪانتا. ٽيئي نند جو حال ڄاڻڻ لاءِ ڦٽڪي رهيا آهن. ههڙيءَ برسات ۾ ڪٽي هوندو ڪيئن هوندو؟ هو پنهنجو خوف لڪائي هڪ ٻئي کي دلاسو ڏيئي رهيا آهن. ڏرمونءَ جي دل بہ ڏانوان ڏول ٿي ويئي. هو بہ هنن سان ڏک جي ڏور ۾ ٻڌجي ويو هو پر بيوسيءَ اڳيان هئي جو ڪجهہ چئي نہ سگهي، ڪري نہ سگهي.

ڪانتا جو فون ٽو اچي. ايشور جي اُجهاٽل منهن ۾ ٽوري اُميد جي روشني ٽي چمڪي. ڪانتا چيو:

"ايشور! سمجهہ نند جو پتو لڳي ئي ويو. پميءَ کي سيان هاسپيٽل مان فون آيو هُنن جيڪي تفصيل ٻڌايا اُن مان پڪ ٽي آهي تہ هو نند ئي آهي. هُنن چيو تہ هُن کي پيلي چونڪرين واري بشرٽ پيئي آهي ۽ آسماني رنگ جي پئنٽ، ڪو پلو ماٺهو نند کي بيهوش حالت ۾ هاسپيٽل پهچائي ويو. ڈاڪٽر سندس علاج ڪري رهيا آهن. ٽي سُيون لڳڻ کان پوءِ هو هوش ۾ آيو ۽ پنهنجي گهر جو فون نمبر بہ ٻڌايائين. پر وري بيهوش ٽي ويو آهي."

ڪانتا ويئي ڳالهائيندي هن کي اڃا بہ ڪجھ چوڻو ھو. ھوءَ ايترو تڪڙو ڳالهائي رهي هئي جو سندس سهڪڻ جو آواز بہ فون تي ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ايشور ڪيس اڏ ۾ ڪٽي چيو "پاڻ کي سنيال، ڪانتا! آهستگيءَ سان ڳالهاءِ تون بيمار ٿي پوندينءَ."

ڪانتا ڇڙ ڪجھ ٻڏوئي ڪين. چيائين، "مان هينئر ئي نڪران ٿي. سيان هاسپيٽل ٿي وڃان."

"ڇا ڇيڻ؟" ايشور غصي ۾ ڳالهايو.

"سيان هاسپيٽل ٿي وڃان. مون کي نند جي زال چيو...."

"توکي نند جي زال چوي يا ڪير بہ چوي هينئر هن وقت تون سيان هاسپيٽل نہ ويندينءَ. ٻاهر نڪرڻ واجب نہ آهي. ٿي.وي‌ءَ تي هر هر پڌرائي ٿي رهي آهي تہ بمبئي واسين کي صلاح ڏني ٿي وڃي تہ هو جتي آهن، اُتي ئي رهن. ٻاهر نڪرڻ سان حياتيءَ جو جوکو آهي."

"ڪنهن کي پيئي آهي حياتيءَ جي؟" ڪانتا چيو.

"ڪانتا." ايشور نرميءَ سان چيو "ٻاڻ ٿي سڌين نہ مون کي پنهنجو؟ تہ ٻڌ ڪانتا، هڪ ٻاڻ توکان بيڪ ٿو پني، هينئر تون گهر کان ٻاهر نہ نڪر، تون ٻاهر نڪرندينءَ تہ لاپتا ٿي ويندينءَ مس نند جو پتو پيو آهي. مان توکي ڪٽي ڳولهيندس؟" ايشور اول ئي بدن ۾ پيڙا محسوس ڪري رهيو هو. سندس آواز ئي تتي پيو.

ڪانتا روئڻ لڳي.

ايشور چيو "روءُ نہ، منهنجي پيٽ. جيئن ئي برسات گهٽبي مان ٽئڪسي ڪري تو وٽ ايندس. توکي سيان هاسپيٽل وٺي هلندس."

ڪانتا جي ڳلن تان ڳوڙها نيسارا ڪري وهڻ لڳا. ايشور ڪانتا جا سڏڪا سهي نہ پئي سگهيو. هو هن طرح ڏاڍو ٽڪجي ماندو ٿي پيو هو. هن چيو:

"ڪانتا! مان گذريل پنجن ڪلاڪن ۾ پنج سال عمر ۾ وڌو ٿي ويو آهيان."

ڪانتا رڙندي چيو "ائين نہ چئ، منهنجا ٻاڻ! مان هينئر نہ ٿي وڃان. ويچاري پمي ٻارن کي ڇڏي پوائتي ماحول ۾ گهر ۾ ڇڏي نڪري نہ ٿي سگهي تنهنڪري مون کي منٽ ڪيائين...."

"توکي منٽ ڪيائين؟"

"ها مون کي منٽ ڪيائين تہ مان جلد از جلد سيان هاسپيٽل وڃان."

فون رکي ايشور پنهنجو مٿو زور زور سان ڌبائڻ ويٺو. پر هن جو مٿو هو جو ٽڪر ٽڪر ٿي رهيو هو. سور ۾ ڦاٽي رهيو هو! هن کي لڳي ٿو ڏهن سان گڏ بدن ۾ تپڻ لڳو آهي. هن کي بخار وکوڙي رهيو هو.

اڄ سيڪو فون گهمائي پنهنجن پيارن کان صحيح سلامت هجڻ بابت پڇي رهيو آهي. هونءَ کنهن کي وقت نه هوندو آهي. هرڪو پنهنجي ڳاٽي پڳي روٽن ۾ ڦاٽل، نه ڪير پنهنجي اندر ۾ ليئو پائي نه ٻئي جي سار لهي. اڄ وقت ئي وقت هو. اڄ وقت بيهي رهيو آهي. کنهن کي گاڏي ڇٽي وڃڻ جو ڏوکونهي. ڏؤ آهي ته هکڙو... شل هر هنڌان خير جي خبر ملي.

فون جي گهنٽي وڳي. ڏرمون ڇرڪ ڀري اُٿيو. هن سمجهيو ايشور فون ڪٽندو. پر ايشور فون نه ڪنيو. سندس موبائيل وڄي وڄي بند ٿي ويو. ٻيهر وڳو ته ڏرمونءَ جهٽ ايشور جو موبائيل ڪنيو "هيلو" چيائين.

ڪانتا هئي.

ڏرمونءَ کيس هولڊ ڪرڻ لاءِ چئي ايشور کي سڏ ڪيا. ايشور جواب نه ڏنو.

ڏرمونءَ ڊپ وچان ايشور جو هٿ سندس نرڙ تي رکيو. ايشور جو مٿو باهه جي بٽيءَ وانگر ٻري رهيو هو.

هيڏو بخار.... ڏرمونءَ جون ٻه ٻه ويئون، ڇهه ٻه ويئون. هن ڪانتا کي جهيڙي آواز ۾ چيو "بيٽي، ٽورو ترسي فون ڪج. ايشور سائينءَ کي ڏاڍو بخار اچي ٽيو آهي. اک لڳي ويئي اٽس."

"بخار" ڪانتا پاڻ ته گهبرائي پر هن کان ڏرمونءَ جي ويچارگي ڳجهي نه رهي.

ڪانتا چيو "توهان وٽ برئنڊي هجي ته....."

"مون وٽ برئنڊي ڪانهي."

"ٻلا برف جون پٽيون رکوس. برف جي پاڻيءَ ۾ رومال ٻوڙي نرڙ تي رکوس. هر ٻي منٽين پٽي بدلائجو ۽ ٻڏوا منهنجي هڪ ڊاڪٽرياڻي

ساهيڙي رهندي آهي چرچگيٽ مينشن ۾. اُن کي فون ٽي ڪريان. هوءَ ڪنهن جي هٿان توهان کي دوا موڪلي ڏيندي."

ڏرمون ڏڪرن ۾ پئجي ويو. ايشور قضا سان وڻس رات رهيو هو. هڪ اڻ ڏٺل شخص سان پاءُ جهڙو سنهنڊ جُڙڻ ۾ دير ئي نه لڳي هئي. هنن لڳ پڳ سڄي رات هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪيون هيون... اوچتو هن کي بخار ڇو ٿيو؟ قدرت هي جهٽڪو ڇو ڏنو؟ ڏرمون سمجهي ٿو ايشور کي هيڏو تيز بخار سندس ڪنهن ڪرم جي سزا ته نه آهي؟ پر مون ڇا ڪيو؟

شڪر آهي جو پروفيسرس روم ۾ فرج آهي.

هن فريزر مان برف ڪڍي، ايشور جي متي تي برف جون پٽيون رکيون. رومال کي پٽيءَ طور ڪم آندائين.

ايشور صفا غش پيو هو. اڏ مُنو ڪلاڪ برف جون پٽيون رکڻ کان پوءِ هو ٽورو ڪُرکيو ڪُنجهيو. پاسو بدلايائين. ڏرمونءَ جي پيٽ ۾ ساهه پيو. هُن پڇيو "سائين، ڪيئن ٿا سمجهو پاڻ کي؟"

"هون... هون" ايشور اکيون کولڻ کان سواءِ پاسو بدلايو. لڳن ۾ پيڙا سبب نه سمجهه ۾ ايندڙ آواز ڪڍي وري سُمهي پيو.

بخار البت گهٽيو. ڏرمون ڪجهه ڪرڻ کان قاصر هو. هو چپ چاپ سامهون سوفا تي ليٽي پيو. هو انتظار ڪرڻ لڳو... ڪانتا بٽيا چيو سندس ڊاڪٽرياڻي ساهيڙي دوا موڪليندي. چرچگيٽ مينشن مان ڪوئي هت پهچندو به ته ڪيئن؟

فون جي گهنٽي.

ايشور جو موبائيل ڏرمونءَ پاڻ وٽ ئي رکي ڇڏيو هو. هُن فون کنيو. ڪانتا هئي. چوي ٿي: منهنجي ساهيڙيءَ پنهنجي نوڪر کي دوا ۽ گوريون ڏيئي موڪليو آهي. ٻڌايائين ته رستي تي پاٽي ئي پاٽي آهي. توهين ڪاليج جي گيٽ تائين وجويا اجا به اڳيرو وڃي سگهو ته سُنو."

"وڃان ٿو هينئر ئي وڃان ٿو."

ڏرمون جڙ هيليڪاپٽر ۾ پڳو. جهٽ اچي ڪاليج جي مين گيٽ جي سامهون واري ڪاريدار جي حصي ۾ پهتو. اُتان ٻاهر نڪرڻ جي ڪيس همٽ نه هئي. هِن جا ڪپڑا اڳي ئي آلا ٽيا پيا هئا. سندس ڪوئي سڄي تلاءُ بڏجي ويئي آهي، ڪپڑا ايندا ڪٿان؟ جڏهن اُس نڪري، تڏهن ڪپڑا سُڪن. جيڪڏهن پاڻ به بيمار ٿي پيو ته؟ هو اُتي ئي بيهي سگريٽ پيئڻ لڳو. ڪيسي

ھر سگريٽ ۾ لائيٽر رکڻ جي عادت هئس. ايشور جي اڳيان البت گهٽو سگريٽ نه واپرايو هئائين. نه ڄاڻ ايشور سگريٽ پسند ڪندو آهي يا نه. ڏرمونءَ کي ڪانئس پڇڻ ۾ ب سنڪوچ ٿي رهيو هو.

ڏرمون سگريٽ چڪيندي ڪاليج جي گيٽ طرف تڪي رهيو آهي. هن کي ايشور جو فڪر ستائي رهيو آهي... ٿوري ڪا آهٽ ٻڌڻ ۾ ٿي اچيس ته اڳيان وڏي ٿو وڃي پر ڏسي ٿو ڪو بني بشر ڪونهي. پاٽيءَ جو هُل هلاڇو عجيب قسم جا آواز پئدا ڪري رهيو آهي. آخر اڏ ڪلاڪ ڪن بعد ڊاڪٽرياٽيءَ جو نوڪر پهتو. ڏرمونءَ جي هٿ ۾ دوائون ڏيئي چيائين:

"ڊاڪٽر عالمچنداٽيءَ کي فون ڪري ٻڌائجو ته دوائون مليون." هو اِهو ٻڌائڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو ته چيلهه جيڏي پاٽيءَ کي چيريندو آيو آهيان. مون سمجهيو ته خير ڪونهي. مري ويندس وچ رستي ۾ ئي. ڊاڪٽر عالمچنداٽيءَ جي نوڪر جي ڳالهه ٻڌي ڏرمون افسوس ۾ پرجي ويو. ويچارو نوڪر آهي، مالڪ کي انڪار ب ڪيئن ڪري؟

ڏرمونءَ پهرئين ماڙي طرف ويندي ڊاڪٽر عالمچنداٽيءَ کي جڳ سيجاڻي ورتو. هن ڪيس ڏنو ڪونه هو پر ٻڌل هوس ته ڊاڪٽر عالمچنداٽيءَ جي مرين ڊرائيو تي ڪلينڪ آهي. جئه هند ڪاليج کان پنجن منٽن جي پنڌ تي، اُتي سندس نرسنگ هوم ب آهي. هن جو گهر ڪاليج جي ئي گهٽيءَ ۾ آهي. اها ڄاڻ نه هئي ڏرمونءَ کي.

ڊاڪٽر عالمچنداٽي گوريون، ڪئپسول وغيره موڪليا هئا. ڏرمون، ايشور کي گوريون ڪائي رهيو هو ته فون جي گهنٽي وڄي. ڏرمونءَ جي هڪ ٻانهن ۾ ايشور اڏ ليٽيل هو ٻئي هٿ ۾ گوريون هئس. هو جيسين ايشور کي پاٽيءَ سان گوريون ڳڙڪائڻ ۾ مدد ڪري تيسين فون بند ٿي ويو. جڏهن وري فون آيو تڏهن ڏرمونءَ ڪنيو. سرسوتي بنا ڪجهه سوچڻ سمجهڻ جي چيو "اڄ چنتا ڪرائي منهنجو ساهه ڪيڻ جو اِرادو اٿيئي چا؟ نه پاڻ فون ڪرين ٿو نه ڪٽين ٿو."

ڏرمونءَ جي پريشاني حدون پار ڪري ويئي. هن هڪ ڏوهاريءَ وانگر چيو "پاپي جي! معاف ڪجو مان ايشور نه آهيان. ايشور جو دوست آهيان ڏرمون."

ڏرمونءَ کي هنديءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌي سرسوتيءَ جي سمجھ جواب ڏيئي ٻيني. ايشور کي کھڙو غير سنڌي دوست آهي؟ هيڪندي پڇيائين. "ايشور ڪٿي آهي؟ فون چونہ ٿو ڪٽي؟"

"ايشور کي بخار آهي."

"بُخار؟"

"ها پاپي جي. شايد ڏڏ لڳي اٿس. توهين فڪر نہ ڪريو مون کيس دوا ڏني آهي."

"پگوان بہ پريڪشائون ٿو وٺي. رستا پاٽيءَ سان پريا پيا آهن. اڇي بہ نہ ٿي سگھان." سرسوتي روٺھارکي هئي.

"گھر مان نڪرڻ جي پُل نہ ڪجو. رستي ۾ آٽڪي پوندا. ڪانتا ٻٽيا پنھنجيءَ ساهيڙيءَ ڈاڪٽر عالمچنداڻيءَ کان دوا موڪلي آهي. مان ايشور جو خيال رکندس."

سرسوتيءَ جو فون ڈسڪنيڪٽ ٿيو تہ ڪانتا جو فون آيو. هن چيو "مهرباني ڪري هدايتن موجب ايشور کي دوائون ڏجو. ڪلاڪ ڈيڍ کان پوءِ ڈاڪٽرياڻي پاڻ بہ هن کي ڈسڻ ايندي."

ڏرمونءَ ڈاڪٽرياڻي عالمچنداڻيءَ جو نالو ٻڌو هو تہ هوءَ تمام هوشيار ڈاڪٽرياڻي آهي. هن جو ڏاڏو شان ۾ ڏڏهو آهي. لنبي چوڙي قد واري، ٺاهوڪي ۾ وڏي ڳالھ تہ مريضن جي سچي همدرد آهي. اي۔روڊ تي رهندڙ اڪثر ماڻھو هن جي ساراھ ڪندا آهن.

ڪانتا ۾ ڈاڪٽر عالمچنداڻيءَ جي ساهيڙپ محض اِتفاق هو. ڪانتا جي سَسُ، ڪانتا کي ڈاڪٽر عالمچنداڻيءَ وٽ تپاس لاءِ وٺي ويئي هئي. هن ٻيڙيءَ کي پوتو/پوتي ڈسڻ جي آس هئي. هن ٻڌو هو تہ ڈاڪٽر عالمچنداڻي هڪ تمام قابل گائناڪالاجسٽ آهي.

تپاس ڪرائڻ مھل ڪانتا، ڈاڪٽر کي پنھنجو همراز ٻڌائڻ ضروري سمجھيو. هن کيس چيو "ڈاڪٽر! منھنجي پتيءَ کي وھم ويٺل آهي تہ شاديءَ کان اڳ منھنجو جنھن ڇوڪري سان افيئر هو مان اُن سان سُمھي چڪي آهيان ۾ I am not a virgin. هر روز رات جو هنڌ ۾ مون کان اِهو سوال پڇندو آهي. اصل نيم سان هر روز پڇندو آهي. مان کيس ايمانداريءَ سان

ٻڌايان ٿي ته، نه، اسان ان حد تائين نه ويا هئاسين. پر هن کي وشواس نه ٿو اچي. هو منهنجو جواب ٻڌي نراس ٿو ٿئي. مون کي چڏي پاسو ورائي سُمهي ٿو پوي. توهين ٻڌايو ڪيئن ٿيندو يار؟"

ڊاڪٽر عالمچنداڻي پنهنجي مريض جي شفاف شخصيت کي پچاڻي ويئي، پوءِ به ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض پورو ڪرڻ لاءِ ڪانتا جي پوري تپاس ڪيائين. جيڪي Tests ضروري هيون اُهي ڪرائڻ بعد هن ڪانتا جي سَسُ کي چيو "ڪانتا کي ڪابه رڪاوٽ ڪانهي، توهين پنهنجي پٽ کي وٺي اچو ته اُن جي تپاس ڪجي."

ڪانتا جي سَسُ تپي باهه ٿي ويئي هئي. چيائين، "مردن جون تپاسون ڪنهن ٻڌيون، ڪنهن ڏٺيون؟"

ڪانتا کي نه صرف اولاد نه ٿيو پر هن جو طلاق به ٿي ويو. پر قدرت هڪ ٻيو ڪيل رچيو. ڊاڪٽر عالمچنداڻي هڪ ڏينهن پنهنجي ڪلينڪ ۾ ويٺي هئي ته ڪيس آمريڪا مان فون آيو. لاس اينجلس مان ڊاڪٽر جي هڪ ساهيڙيءَ ڪيس فون تي آگاهه ڪيو ته، ڊاڪٽر جو پتي اشوڪ، اُتي آمريڪا ۾ هڪ آمريڪن چوڪريءَ سان ايترو گهرو ٿي ويو آهي جو هر پارٽي، هر محفل ۾، هر پڪنڪ تي هو ائين گڏ نظر ايندا آهن گويا پتي پتني آهن.

ڊاڪٽر عالمچنداڻي سراپچي ويئي. هن جو گهوٽ آفيس طرفان سال لاءِ ڊيپوٽيشن تي ويل هو. ڊاڪٽر چاهي ها ته پاڻ به سال لاءِ آمريڪا وڃي سگهي ها پر هن پنهنجي ڪلينڪ سال لاءِ چڏڻ واجب نه سمجهيو. تنهن کان سواءِ اِسڪول ويندڙ ٻارن جي پڙهائيءَ ۾ رُخنو پوي ها. گهوٽس اڪيلو روانو ٿي ويو. ست مهينا گذري چڪا هئا، ڊاڪٽر جو وقت وڏي پيو هو. سوچيندي هئي، ڪڏهن باقي پنج مهينا گذرندا ۽ اشوڪ واپس ايندو... اشوڪ جو انتظار ڪندي هن جو سرير سُڪڻ لڳو هو. من به اِن حد تائين مُڏو ٿي پيو هوس جو ڏسندي مريض کي هئي يا پاڙهيندي ٻارن کي هئي ته ڪجهه خبر نه پوندي هئس، اُداسي اکين جي ماڪين ۾ ڳوڙها ٻڌجي چمڪڻ لڳندي هئس.

هن لاس اينجلس مان آيل ساهيڑيءَ جي فون تي ڏنل خبر تي وشواس نہ ڪري چاهيو. اِئين ٿي نہ ٿو سگهي. منهنجو اشوڪ اهڙو ٿي نہ ٿو سگهي.

اُن ئي ساڳئي ڏينهن ڪانتا جي ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ سان اپائنٽمينٽ هئي. ڪانتا جي ڪن Tests جون رپورٽون ملڻ واريون هيون. ڊاڪٽر ڪانتا کي صلاح مصلحت ڏيندي ہ ٿي دفعا رُڪجي پيئي، جڙ ڪيس گلي ۾ ڪا تڪليف هجي.

ڪانتا چيو هو "ڊاڪٽر! توهان جي طبيعت شايد ٺيڪ نہ آهي. چئو تہ ہن تن ڏينهن ڪان پوءِ اچان؟"

ڊاڪٽر پاٽيءَ جي گلاس مان ہ ٿي ڏڪ پري چيو "نہ نہ، جيترو جلد تنهنجيءَ سَسُ جي مغز مان وهم ڪڍي سگهان ايترو سُٺو. روز روز جي ڦٽ لعنت کان ڇُٽي پوندينءَ."

"پر توهين...." ڪانتا ڊاڪٽر جي منهن ۾ نهاري چيو "توهين اڄ ڏاڍا مايوس... مايوس ہ نہ صفا ڦريل پيا لڳو. جڙ ڪو ڏاڍو نقصان ٿيو آهي توهانجو."

ڊاڪٽر جون پلڪون نير سنياڻي نہ سگهيون، هن سجو ئي حال ڪانتا کي ٻڌائي ڇڏيو. ڪانتا سندس مريض جي بجاءِ حال پائي ٻڌجي ويئي. هن ڪانتا کي اِئين ہ چيو "لُٽجي ويئي آهيان، صفا ڪنگال ٿي سمجهان پاڻ کي. ههڙي فقير جهڙي خالي دل ڪٽي جيئڻ کان تہ سُنو آهي دل ٻيهي وڃي، هاٽي جو هاٽي."

"ڇا ٻار؟" ڪانتا صرف ايترو چيو هو.

تپاس مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ہ ڪانتا ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ جي گهر چرچگيٽ مينشن ۾ ايندي رهندي هئي. هن جي ٻارن سان ہ هري مري ويئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪين فلم ڏيکارڻ ہ وٺي ويندي هئي. ڪانتا کي ہ وقت ئي گذارڻو هو. من جي ويراني‌ءَ کان ڇڏڻ لاءِ ڪهڙو رستو هو؟ ڪنهن موکل تي انڌيريءَ ويندي هئي. اُتي سندس پائٽيو پائٽي ہ هن جي راهہ ڏسندا هئا تہ ڪانتا آنٽي اچي تہ هن سان ڳالهيون ڪيون.... گهمڻ وڃون. ڪانتا هر روز پاڻ کان پڇندي هئي، "ٻيو تہ ڪجهہ هٿ نہ آيو پر وقت جيڪو نوڪريءَ کان پوءِ ملي ٿو اُهو تہ پنهنجي مرضيءَ مطابق گذاريان."

ڪانتا جڏهن ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ کي فون تي ٻڌايو ته سندس ڏرم جو پاءُ ايشور جئه هند ڪاليج جي پروفيسرس روم ۾ بخار ۾ غش پيو آهي، تڏهن ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ يڪدم دوا موڪلڻ جو بندوبست ڪيو. هوءَ ڪانتا کي ڪنهن به نموني ڪم اچي سگهي، اِهو هن دل سان چاهيو پئي. ڊاڪٽر چو سمجهندي هئي ته ڪانتا جڏ وقت تي سندس زخميل من تي ٻن ٻولن سان مرهم لڳايو هو. يا هوءَ منجهيل هئي ته ڪيس دڳ لڳايو هئائين. ڊاڪٽر لفظن ۾ تہ اُن احسان کي ڪو نالو نہ ڏيئي سگهي هئي. پر اڄ اُن احسان جي عيوض هن چاهيو پئي ته هوءَ پاڻ جئه هند ڪاليج ۾ وڃي، ڪانتا جي ڏرم جي پاءُ جو علاج ڪري. ڪيس جلد از جلد ٺيڪ ڪري. ڊاڪٽر پاڻ ڪانتا کي پنهنجي متر سمجهندي آهي، اُها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي پر سندس ٻه پٽ جيڪي هاڻي ڪاليج پڙهي ويا آهن، سي به ڪانتا آنٽيءَ کي پنهنجي متر سمجهندا آهن.

ڏرمون سيءَ ۾ ڪنبي رهيو آهي. وٽس جيڪي ٻه اوڍڻيون هيون اُهي سڀ هن ايشور مٽان وجهي ڇڏيون آهن. هن بتي وسائي ۽ ڪروندڙو تي ليٽي پيو.

ڪلاڪ ڪن بعد در تي ڪڙڪو ٿيو. ڏرمون ٽپ ڏئي اُٺي در کوليو. سامهون ناسي رنگ جي رين ڪوٽ ۾ سميٽيل ڊاڪٽر عالمچنداڻي بيٺي هئي. هن سان گڏ سندس نوڪر ٻه. هن اندر گهڙي پنهنجو رين ڪوٽ لاهي هڪ ڪرسيءَ جي پٺ تي کوليو رکيو. ڏرمونءَ تنهن وچ ۾ بتي ٻاري.

ڊاڪٽرياڻيءَ ايشور جي نبض ڏسي چيو "بخار ٿورو گهٽيو آهي. پر مون کي چنتا ٻيءَ ڳالهه جي آهي. نمونيا نہ ٿي پوي."

ڊاڪٽر پنهنجي مريض جي وڏيڪ تپاس ڪرڻ لاءِ هن جو بدن پنهنجن هٿن سان ڦيري کيس سڌو سُمهاريو. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويئي. ٿرماميٽر ايشور جي ڪچ ۾ رکي سندس چاتي وغيره تپاسيائين. آخر ۾ کيس اِنجيڪشن هڻي ڏرمونءَ کي چيائين، "برسات گهٽجي ته هن کي پنهنجي نرسنگ هوم ۾ وٺي وڃي رهائيندیس هڪڙو ٻه ڏينهن." ڊاڪٽر هلي ويئي.

ايشور وچ وچ ۾ اکيون آڏو گابريون کوليون پر ڪجھ به سمجھ ۾ نه اچڻ ڪري صرف ڪنجھندي ڪُرڪندي وري اکيون بند ڪري پئي چڏيون.

ڏرمونءَ پھريون دفعو ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ کي ڏٺو ھو. ھوءَ ھن ايراضيءَ جي ھڪ اھم ھستي ھئي!

نيٺ رات گذري ويئي. صبح جا ڇھ ٽيا آھن. ايشور ۽ ڏرمونءَ کي گھري ننڊ آھي. ھو فون جي گھنٽيءَ تي به نه ٽا جاڳن. آخر ڪانتا جو فون ايشور کنيو. ڪانتا پڇيو "ايشور ڪيئن آھي، تنھنجو بخار؟"

ايشور چيو "فائدو آھي. گھٽو فائدو آھي. آرام جي سخت ضرورت آھي. تون فون رک ته مان سُمھان."

"ھا رکان ٿي فون، پر توکان ھڪ ڳالھ جي موڪل ڪپيم. اسان جي پر سان ھڪ ٽرڪ نڪري رھي آھي. ھنن کي ڊاڪيارڊ وڃڻو آھي. مان ھنن کي چوان ته مون کي سيان ھاسپيٽل چڏيندا وجن؟"

"پلي وچ ڪانتا. مون کان موڪل چو ٿي گھرين؟" ايشور کي نستائي ايڏي ھُئي، جو فون ھٿ ۾ جھلڻ به ھن لاءِ ممڪن نه ھو. ھُن فون رکي چڏيو.

ڪانتا پاڻ تي سوچي ٿي ته نند ھاڻي منھنجو صرف آتما جي سطح تي آھي. دنيا ته نند مون کان وچوڙي چڏيو. بي چاق آھي ته من بي ايمان ٿي پيو آھي. نند جي پٽني پاڻ فون ڪري ته وس واري. ڪانتا کي حق ڪونھي جو ھن کي فون ڪري نند جي طبيعت لاءِ پڇي سگھي. ھاسپيٽل جو فون به نه ٿو ملي. ھن کي ڪيترن ڪلاڪن کان نند جي ڪابه خبر نه ملي آھي.

صبح ٽيو پر سج نه اُپريو. لڳاتار پاڻي وسائڻ کان پوءِ به اُپ ٽڪو نه ھو. پاڻي ايڏا به وسي رھيو ھو. جيتوڻيڪ ڪارا ڪڪر نه ھئا. عجيب منظر ھو. اڇي صبح جي سمي مينھن جي شفاف پاڻيءَ جا قطرا ڏرتيءَ تي پئجي رھيا ھئا.

ايشور جيئن اک پٽي تہ ڪيس خبر پيئي ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ جي نرسنگ هوم ۾ پهچي ويو آهيان. هن جي پلنگ جي پرسان واري دري ڪُليل هئي. صاف اوجل آسمان نظر اچي رهيو هو. سليٽي رنگ جي ڪڪرن جي ڊڪ ڊوڙ جاري هئي. دريءَ مان هلڪو نيرو آسمان جتي ختم ٿيندو نظر پئي آيو اُن کان هيٺ چا آهي، سو ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ايشور سمجهي ويو تہ رستو پار ڪبو تہ مرين ڊرائيو آهي. هو مرين ڊرائيو جي چپي چپي کان واقف هو. قسمت ڪيئن هڪ جهوني ڏوهہ جوانيءَ جي گهٽيءَ ۾ اچي پهچايو آهي!

ايشور کي بات روم جو خيال ٿو ٿئي پر هو اُٽڪ جو ست نہ ٿو ساري. هن کي گهنٽي وڄائڻي پيئي. واردِ بواءِ جي مدد سان بات روم مان ٿي آيو. بخار سندس حال اهڙو هيٺو ڪري ڇڏيو هو جو هن کي نرسنگ هوم ۾ داخل ڪيو ويو ۽ هو پاڻيهي اُٿي ويهي نہ ٿو سگهي... ايشور کي فڪر ويڙهي ويو. هو ويسهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو تہ هو مريض آهي پر هي نرسنگ هوم جو ڪمرو، پلنگ تي ليٽيل مريض ايشور ۽ ۾ سائيڊ ٽيبل، اُن جي مٿان پاٽيءَ جو جڳ رکيل، سامهون هڪ ننڍي سيٽي پيئي آهي جنهن تي سائي رنگ جو ڪَوَر چڙهيل آهي، سندس پلنگ جي مٿان ڪيس پيپر لٽڪي رهيو آهي.

هڪ نرس ڪمري ۾ آئي. جنهن ايشور کان پڇيو "توهان چانهہ ٽوسٽ ڪاڏو آهي يا نہ...؟" پوءِ ڪيس ہ گورين هڪ ڪئپسول ڏڪڻ لاءِ چيو.

ايشور نرس کان پاٽيءَ جو گلاس ونڊي دوائون ڳڙڪائي پڇيو "مون کي چا ٿيو آهي؟"

"هاڻي تہ بخار ڪونهي. ٺيڪ پيا لڳو توهين." نرس گلاس اونڌو ڪري جڳ جي پرسان رکي چيو "توهين جنهن وقت داخل ٿيا هئا مان ڊيوٽيءَ تي نہ هئس. ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ جا رشتيدار آهيو نہ توهين. مون کي ائين ٻڌايو ويو آهي."

ايشور نرس جي وڃڻ بعد سوچيو هو ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ جو تہ هُو ڏُور جو ہ رشتيدار ڪونهي. ڊاڪٽرياڻيءَ جي ساهيڙيءَ ڪانتا سان ہ هن جو رت جو رشتو ڪونهي، ڏرمون ہ هن جو رشتي ۾ ڪير ڪونہ ٿئي، هيءَ هڪ آنامِ ڏور آهي، جيڪا هڪ اِنسان کي ٻئي اِنسان سان ٻڌي ٿي ڇڏي.

نرس وڏي آئي. هن ايشور جو موبائيل کيس ڏيندي چيو "وٺو پنهنجو موبائيل. توهين سُمهيا پيا هئا تہ بن عورتن جا فون آيا هئا.

"You seem to be popular with women."

نرس شرارتي مرڪ مرڪندي چيو.

ايشور بہ مُرڪي پيو. هڪ هوا جي ڏڏي هير پنهنجي اندر ۾ ڦهلجندي محسوس ڪيائين.

نرس وري چيو "هڪ چيو آهي تہ جيئن ئي ننڊ مان جاو تہ يڪدم فون ڪجو."

هڪ تہ ضرور سرسوتي هوندي. ايشور کي پنهنجو گهر اکين اڳيان ڦري ويو. پنهنجو بيڊ روم. لينا جو ڪمرو. راهُول شايد اڃا تائين ننڊ ۾ هجي. ڪانتا جو بہ فون آيو هوندو. هن چيو پئي ڪن تہ وارن سان گڏ سيان هاسپيٽل ٿي وڃي.

ايشور يڪدم ڪانتا جو فون نمبر لڳايو. "ڏسان سيان هاسپيٽل پهتي آهي؟"

ڪانتا ٻڌايو هوءَ هاسپيٽل نہ وڃي سگهي آهي. سندس پهرئين ماڻي وارن پاڻيسرين کيس وڃڻ جي صلاح نہ ڏني. ڪانتا انن ڏهن ڪلاڪن کان پنهنجو گهر بندڪري نهالاٽي فئملي ۽ وٽ اچي ٽائيڪي ٿي هئي. تہ وارن گهرن جو حال بُرو هو. سڀ گهر خالي هئا پاٽي ۽ جي حوالي. ڪانتا کي نهالاٽي فئملي ۽ جو هر هڪ ياتي چوي تہ هڻڙي جل مئي ۽ ۾ تہ ڪٽي اٽڪي پوي تہ ڊرائيور ۽ ٻيا سندس ساٿي ڇڪا ماٺهو تا لڳن پر ماٺهوءَ جي نيت ڦرندي ڪهڙي دير؟ ڪانتا کي محسوس ٿيو تہ پوري نهالاٽي فئملي کيس پنهنجي گهر جو ياتي سمجهي، وڃڻ کان منع ڪري رهيا آهن. هوءَ نہ ويئي.

ڪانتا، ايشور کان پڇيو "ايشور ڪيئن آهين؟ بخار ٿئو آهي تنهنجو؟"

"ها بخار لهي ويو آهي پر ڪمزوري ڏاڍي آهي."

ساعت روڪي ايشور چيو "ڪانتا هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ."

"ڪهڙي ڳالهہ؟"

"هيترا سال ٿي ويا. لڳ ڀڳ ٽيهہ سال ٿيا هوندا. ايڏا تائين تنهنجي ۽ دل ۾ محبت جي دونهين دکي رهي آهي، سو ڪيئن؟"

"ايشور مان توکان اِهو سوال پڇان؟ ڏٽي نہ ڪري اج بہ تون اُما لاءِ ٻڌين تہ هوءَ ڪنهن تڪليف ۾ آهي تہ تنهنجيءَ دل تي ڇا گذرندي؟"

ايشور کي ڪو جواب سُجهيو ئي ڪين. هو ائين سمجهندو آهي تہ جيئن پاڻ ساڏارڻ زندگيءَ جِي رهيو آهي تيئن اُما بہ... هڪ پل لاءِ اُما ڇڏ ايشور جي سامهون اچي بيٺي. هوءَ پاڻءِ تہ چئي رهي هجي تو تہ ڪڏهن ڇاڏڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي آهي تہ ڪيئن آهيان مان. ڪو رشتو هو بہ يا صرف رشتي جو پرم هو؟ هن کي کن پل لاءِ اُما جي موجودگيءَ جو احساس ٿيو. هوءَ هتي هن نرسنگ هوم ۾، ايشور جي ڪمري ۾ موجود هئي. اُهو پل جلد اُڏامي ويو. اُما ڇڏ رُسي هلي ويئي. رُسڻ سندس عادت هئي. سالن کان پوءِ بہ ساڻيئي جي ساڻي آهي اُما.

ايشور کي اوچتو جوجڪي آئي. هن ڪانتا کان اُما جو نمبر ونڊي ڪيس فون ڪيو. نہ ڇاڏ ڪير ڪٽندو فون؟ ڇا چوندس تہ ڪير آهيان؟

"هيلو."

"هيلو هيلو... اُما... اُما سان ڳالهائڻو آهي."

"اري ايشور تون! مان اُما ئي ڳالهائي رهي آهيان. تو ڪيئن مون کي فون ڪيو؟ توکي ڪيئن منهنجي ياد آئي؟ اج سج ڪٿان اُپريو؟"

ايشور ساڃي هٿ مان موبائيل ڦيرائي کاهي ۾ ڪٽندي چيو "سج اوير کان ئي اُپريو آهي. مان شايد اُلهندي پهچي ويو آهيان. ٻڌاءِ اُما تون ڪيئن آهين؟ خوش آهين نہ؟"

"اِهو تہ پاڻ کان پڇڻو پوندو تہ مان خوش آهيان يا نہ. باقي جي دنياداريءَ جي ڳالهہ ٿو ڪرين تہ ايشور.... مون جيترو خوش ڪير هوندو؟ هينئر توهان وٽ منجهند آهي نہ. اسان وٽ رات جا يارهن ٿيا آهن. گهر ۾ پارٽي هلي رهي آهي. ڪيترا دوست ساهيڙيون گهرايا اٿئون. مليشيا جون مشهور هستيون موجود آهن اسان جي گهر ۾. شراب پي رهيا آهن. چڪن ڪباب، چائينيز فوڊ ۾ جنهن طعام جو نالو ونين، سڀ ٽرالين ۾ ڪڇي لان طرف پيو وڃي. منهنجو پتي ڪيول رامچنداڻي جنهن کي هتي سڀ پيار مان رامچي چوندا آهن سو خوب ٿهڪ ڏيئي رهيو آهي دوستن سان. تون ٻڌي رهيو آهين نہ ٿهڪ هن جا؟"

"ها ٻڌي رهيو آهيان. ڏاڍو زنده دل ماڻهو ٿو لڳي."

"ها... پر رات جو هن جا ٿهڪ سڏڪن ۾ بدلجي ويندا آهن. هيءَ پارتي رات جو هڪ بجي ڌاري ختم ٿيندي. پوءِ رامچي رات جا ڪپڙا پهري بستري تي اچي ليٽندو. ليٽڻ سان منهنجي چاتيءَ ۾ منهن ڇپائي زار زار روئندو. هر روز جيسين مون کي چنبڙي اڌ ڪلاڪ روئي نه تيسين ڪيس ننڊ نه اچي. چوندو آهي اِهو اڌ ڪلاڪ صرف اِهو اڌ ڪلاڪ جيئرو آهيان. اُن مهل مان پاڻ کان سوال پڇندي آهيان. قدرت مون کي اِن لاءِ وڇوڙيو ڇا توکان. جيئن رامچيءَ جي روح جو خال پريان."

"ڪهڙو دک آهي ڪيس، جو هر روز روئاريس ٿو؟"

"رامچيءَ جي دک جو داستان وڏو آهي مون اڄ تائين پنهنجي پتيءَ جي باري ۾ ڪنهن کي ڪجهه نه ٻڌايو آهي. هن جو روح زخميل آهي. دنيوي دولت ۽ شهرت هن جي روح لاءِ مرهم نه ٿا ٿي سگهن."

ايشور کان ڏڏو ساهه ڀرجي ويو سرد آواز ۾ چيائين:

"تو پنهنجي گهوٽ جي اندروني دک ۽ ٻاهرئين ڏيک. اِتي جي سموري وهنوار سان پاڻ کي نهڪائي ڇڏيو آهي؟"

"نهڪائي ڇڏيو آهي مون. ائين نه چئجي. مان نهڪي ويئي آهيان."

اُما گهوٽ جو سڏ ٻڌي، ايشور کي چوي ٿي، "رامچي سڏي رهيو آهي. مان توکي وري فون ڪندس." فون ڊسڪنيڪٽ!

وري موبائيل وڄڻ لڳو. ايشور جيئن 'هيلو' چوڻ جي ڪئي، تيئن ڊاڪٽر عالمچنداڻي سندس ڪمري ۾ گهڙي آئي. ايشور فون بند ڪري ڇڏيو پر فون وري وڄو. ايشور کي 'هيلو' چوڻي پيئي. فون تي سرسوتي هئي. چيائين، "اڌ ڪلاڪ کان فون پيئي Try ڪريان پر رُڌل هو ڪنهن سان پئي ڳالهايئ؟"

"ڪنهن سان نه....."

"ته engaged ڪيئن هو فون؟"

"الائي مون ته هينئر تنهنجي فون تي ويهاڻي هيڻان موبائيل ڪڍيو آهي. چگو هاڻي فون رک. ڊاڪٽر ٿي وڃي پوءِ ڳالهايون ٿا."

ڊاڪٽر ڪيس پيپر تي ڪجھ هدايتون لکيون. ايشور جو ٽيمپريچر ۽ نبض وغيره تپاسي چيائين، "اڃوڪو ڏينهن توهان کي تمام هلڪي پترو کاڏو ملندو. Liquids. دوائون ونڊجو ۽ فون تي ٻه گھٽ ڳالهايو. توهان کي آرام جي ڏاڍي ضرورت آهي."

"مون کي ٽيو ڇا آهي؟ بخار ٽيو سو لهي ويو."

ڊاڪٽر چيو "نمونيا ٽيڻ جو امڪان آهي. اُهو ٽارڻ لاءِ precaution ونڊي رهيا آهيون. هن وقت توهان جو بلڊ پريشر ٻه نارمل کان ٿورو وڌيڪ آهي. بخار ڪنهن ٻه صورت ۾ اُٽلڻ نه گھرجي. توهين آرام ڪريو."

ڊاڪٽر هلي ويئي.

ايشور بستري تي آهلي، چادر اکين تائين ڇڪي، جڙ اکيون بند ڪرڻ سان ڪم نه هلندو. هُن بند اکين مٿان چادر وجهي پاڻ کان لڪڻ پئي چاهيو. هن سرسوتيءَ سان ڪوڙ ڳالهايو هو. فون سچ پچ engaged هو اُما هن سان ڳالهائي رهي هئي. پر ايشور اِها ڳالھ پنهنجيءَ پتنيءَ کان لڪائي ڇڏي!

سرسوتيءَ فون ڪري پڇيو "ڊاڪٽر ڇا ٿي چوي؟"

"چوي ٿي مون کي آرام جي سخت ضرورت آهي."

"ڪلھ جيڪر گھر مان نڪرين ئي نه ها. بنا سبب مصيبت ۾ قاسي وياسين. مان ٻه ٽي دفعا هيٺ ٿلي آهيان پر ڪار ڪيڻ جي واھ ئي ڪانهي."

"سرسوتي! هٽ ٻڌي وينتي ٿو ڪيانءِ ته ٻاهر نڪرڻ جو سوچ به نه. ٻڌيءَ مصيبت ۾ پونداسين."

"سمجھان ٿي. پر منهنجو سڄو ساھ تو ڏي لڳو پيو آهي. ٻار ٻه ويچارا مايوس ٿي ويا آهن. اسان ته ڪڏهن ھڻي رات نه گذاري آهي جو تون بمبئيءَ ۾ هجين پر گھر نه اچين. مٿان وري بيمار ٿي نرسنگ هوم ۾ وڃي داخل ٿيو آهين."

"سرسوتي هتي گھر جھڙي سنيال ٿي رهي آهي. ڊاڪٽر عالمچنداڻي، ڪانتا جي گھري ساهيڙي آهي. تون خيال نه ڪر، شهر ۾ حالتون نارمل ٿين ته مان ٽئڪسي ڪري گھر پهچي ويندس."

ايشور پنهنجيءَ پتنيءَ کان معافي ونڻ ٿو چاهي. هو ساڻس دل ڏيئي ڳالهائي ۽ نہ سگهيو. هن جو سڄو ڌيان اُما طرف هو. هو پنهنجيءَ غير موجود پتنيءَ کي چوي ٿو:

"ماضيءَ جي رستن تي گهٽو پنڌ ڪيو اٿم. ڏهني طرح ٽڪجي پيو آهيان."

ڪنهن قسم جي ڪوٽ سرسوتيءَ ۽ محسوس ڪئي هئي. هن کي ائين محسوس ٿيو جڙ ايشور ۾ئي پاسي منهن ڪري ڳالهائيندو هجي!

اُما جو فون آيو!

اُما پڇي ٿي، "ايشور تون پنهنجي تہ خبر چار ٻڌاءِ، تون ڪيئن آهين؟"

"مان آهيان... ٺيڪ آهيان. سرسوتي آهي ۽ منا هار آهن. لينا ءِ سنديپ"

"عمر گهٽي آهي لينا ءِ سنديپ جي؟"

"لينا چوڏهن سالن جي آهي ءِسنديپ سورهن سالن جو."

"او... ننڍا آهن اجا. منهنجا ۾ئي هار شادي ڪري پنهنجي گرهستي وسائي وينا آهن. نانپ ۽ ٿي ويئي آهيان، مان."

کلي ٿي پوي اُما.

"رامچي توکان گهٽا سال وڏو آهي؟" ايشور پڇي ٿو.

"پندرهن سال. هن کي پهرينءَ پتنيءَ مان ڏيءُ ٿي سُشمتا. اُها پتني گذاري ويس. هن جي ۾ئي پتني مليشين هئي. هتي ئي پنانگ ۾ رهندي آهي. رامچي پاڻ چوندو آهي تہ هوءَ منهنجي دولت پڻيان هئي. هڪ پٽ ٿين. هو اجا ستن اٺن سالن جو هو تہ اُها مليشين زال، رامچيءَ کان ڊير سارا پئسا ڇڏائي ڪيس طلاق ڏيئي ويئي. هُن کي پٽ ۽ نہ ڪپندو هو. رامچيءَ کي تہ پٽ ڪيئن ۽ ڪپندو هو ڇو تہ هيڏي ساري جڙ سلطنت جو ڌڻي آهي، تنهن جو وارث تہ ڪپي. رامچي ست اٺ سال بنا پتني اڪيلي گذاري ڇڏيا پوءِ اچي ويس مان هن گهر ۾. سُشِمتا ءِ راهول جي ماءُ بڻجي!"

اُما پوري ماحول کان ڇڄي ويئي. هوءَ پارٽيءَ جو حصو نہ رهي. پنهنجو پاڻ کان بہ دور ماضيءَ ۾ هلي ويئي هن وٽ اُهي ڏينهن ڏوکي آيا جن ڏينهن هن جي زبان تي هي ڪلام هوندو هو:

روئي روئي رات ڪٽيندين،
تارا ڳڻي پريات ڪٽيندين.

ايشور جي ساڻ جي اُميد ٽٽڻ کان پوءِ اُما الائي گهڻيون راتيون اوجاڳا ڪيا. روئي روئي رات ڪٽيندي، اِهي تڪون جهونگاريندي ڪيس محسوس ٿيندو هو تہ اِهو راڳ تہ نہ هو جڙ زندگيءَ ڪيس پاراتو ڏنو هو. هن سڄ پڄ روئي روئي راتيون ڪٽيون هيون. پريات ٿيندي هئي تہ تارن کي چوندي هئي. هاڻي توهان بہ هليا ويندا، هيءَ رات بہ گذري ويندي، منهنجي قسمت ۾ ڪو سڄ اُپرٽو ناهي، مون لاءِ صبح ٽيٽو نہ آهي.

اِئين بہ سال گذري ويا.

هڪ مائٽين واري رامچيءَ جي مائٽي کڻي آئي.

اُما کي هڪ وار وري ايشور سان فون تي ڳالهائڻ جو موهہ فون طرف وٺي ويو. هوءَ چو ٿي ايشور کي پنهنجي آپ بيتي ٻڌائڻ چاهي؟ ايشور تہ کيس دک جي درياهہ ۾ ڏکي ڇڏيو هو. اصل ترو وڇي ورتو هئائين. پر کي ماڻڪ موتي هٿ اچي ويس. سشمتا، راهول، رامچي.

ايشور گفتگو جي دورانِ پڇيو "تو شاديءَ لاءِ هاڪار ڪيئن ڪئي؟ توکي مَن کي مجائڻ ۾ تڪليف ٿي؟" اُما ٻڌايو: اُمالڪ "ها" چئي وڏم تڏهن وڇي من ٻيءَ ڀيو. نہ تہ هر وقت تنهنجي باري ۾ سوچيندي آپگهات ڪرڻ جو خيال ايندو هو. پر آپگهات ڪرڻ جي همت نہ هُيم. زنده رهڻ جو چاهہ بہ مري رهيو هو. پاڻ کي پيڙا کان مڪت ڪرڻ لاءِ شايد شاديءَ لاءِ "ها" چيم.

"آپگهات ڪرڻ جو سوچيندي هئينءَ؟" ايشور کان ڊپ وچان دانهن نڪري ويئي. هن کي ڏرمونءَ رات ئي نموءَ بابت ٻڌايو هو. نموءَ جي آپگهات

ايشور کي ڏوڏي چڏيو هو. اُما جي وات مان آپگهات لفظ ٻڌي ايشور کي کنبٽي وئي ويئي. جيکڏهن اُما اهڙو کو قدم کٽي وجهي ها تہ سڄي عمر سندس آتما کيس ڏتکاري ها!

ماڻهو پيار کي زندگيءَ کان انمول ڏا سمجهن؟ چا وڌيڪ انمول آهي پيار يا زندگي؟

"تنهنجو منهن چو لڏل آهي؟" رامچيءَ پتنيءَ جي ڳل تي چمي ڏيندي چيو. پارٽي هلندي رامچي اِن طرح اُما کي Kiss کندو رهندو آهي.

"کجهہ کونهي." اُما چيو "سشمتا ياد اچي رهي آهي."

"هينئر سشمتا سان فون تي ڳالهائي رهي هئينءَ؟"

رامچيءَ پڇيو.

"نہ... منهنجي جان." اُما پنهنجو منهن رامچيءَ جي ڪُلهي تي ڍرڪائي چيو "پنهنجي هڪ جهوني متر سان فون تي ڳالهيون ڪري رهي هئس."

سُشمتا کي پنهنجي مليشين ماءُ سان ڏاڍي همدردي هئي. جنهن ڏينهن اُن مليشين زال گهر ڇڏيو تنهن ڏينهن هن جي دل ۾ ساڻئي هنڌ ٻيو گهاءُ ٿيو. هڪ گهاءُ کيس اڳي ئي هو. خبر هُئس منهنجي پنهنجي ماءُ جنهن سور کائي ڇٽيو اُها گذاري ويئي. هن جي مليشين ماءُ ماتيجي هئي پر ابهم عمر ۾ ماءُ جي ممتا هن ڏني هئي،مٽائئس اول گهول ويندي هئي. سشمتا کي اُهو بہ ڏک هو تہ هن جي مليشين ماءُ سان بي انصافي ٿي هئي. طلاق لاءِ ذميوار هوءَ اڪيلي نہ هئي. هوءَ پئسي جي پٺيان هئي. رامچيءَ جو پئسو هٿ ڪرڻ جي گهٽي گهٽي لالچ هئس پر هڪ ٻي شڪايت رامچيءَ لاءِ هئس. رامچي گهٽائي دفعا راتين جو ٻين عورتن وٽ هليو ويندو هو. هن جي ماءُ ٻيڊ روم جي ٻاهر پيل مُوڙي تي ويٺي انتظار ڪندي هئي. جڏهن رامچي موٽندو هو تڏهن هوءَ موڙي تان اُٺي ٻيڊ روم ۾ ويندي هئي.

جيئن ٻئي ڪمري گھڙندا ھئا، دروازو بند ڪندا ھئا. پوءِ شروع ٿيندو ھو طوفان، گوڙ گھمسان، رڙيون، واڪا، اڻ وٽندڙ آواز، روئڻ ۽ آخر چپ. سُشمتا کي اھو سڀ ياد ھو.

سُشمتا جي پھرين ماءُ جھان ڇڏي ويئي. ٻي ماءُ گھر ڇڏي ويئي. سُشمتا ٽيئءَ ماءُ اُما کي دل جي ڪھڙي حصي ۾ ويھاري؟ ھن قبول ڪري ورتو تہ ھوءَ نڊڪي آھي. ساھيڙين کان ٻڌو ھئائين تہ پيئر پيار ڪندا آھن. ھن ٻال آوستا ۾ پيءُ کي راندين جا ڊير آٽيندو ڏٺو. سندس برٿ ڊي ملھائجندو ڏٺو. اڪيچار قيمتي سوغاتون ملنديون ڏٺيون، ھزارين روپيہ خرچ ڪري ھن لاءِ ڪپڑا خريد ڪيا ويندا ھئا. دنيا جي ھر چيز جيڪا پئسي سان خريدي سگھجي، سا پيا حاضر ڪري ڏيندو ھو پر سشمتا جي دل ڪڏھن نہ پري.

ھوءَ اُما کي صرف پيءُ جي پتني سمجھندي ھئي. ڪائنس دور رھندي ھئي. پيءُ لاءِ بہ اِھو ويچار وينل ھوس تہ ھو پاڻ ئي خالي خالي آھي، اندر ۾ ھڪ ڏينھن ھن اُما جي اڳيان چئي ڇڏيو "پيا ھڪ ڪوڪلو شخص آھي. ڪجھ ناھي ھن وٽ سواءِ پئسي جي."

اُما دنگ رھجي ويئي. ھن لرزندڙ آواز ۾ ڏيءُ کي صرف ايترو چيو "سُشميٰ پنھنجي پيءُ لاءِ ائين نہ ڳالھائبو آھي."

"توھان کي ڪھڙي خبر، اُما جي! ماءِ ڊيئر مدر."

سشمتا ڪوڙي نوع ۾ چيو "توھان کي ڪھڙي خبر منھنجي اڳيئءَ ماءُ کي ڇڏي راتين جو ٻين عورتن وٽ ھليو ويندو ھو... تو سان ائين ڪري تہ خبر پويئي تہ دل کي ڪيئن ٿوڪر لڳندي آھي."

اُما جي تقدير سُڻي ھئي جو رامچيءَ پتيءَ جي حيثيت ۾ ڪيس سنيھہ تہ ڏنو ئي ڏنو پر جيڪا عزت ھن اُما کي ڏني، تنھن اُما جي عورتپڻي کي نڪاري ڇڏيو. ھن چانئٹ اندر پير رکندي پتيءَ جا اِھي لفظ ٻڌا، بس ھاڻي ڪو ٻئو ڪونھيم. تون اچي وئينءَ، منھنجي جيون جا سڀ خال، خاميون

ختم. پتيءَ جي گهر ۾ چانئٽ وٽ تِر. جَوَ لاءِ ڪا ننڍي وڏي زال ڪانه هئي. پر پتيءَ جو اعتبار ته رامچيءَ جي حياتيءَ ۾ اُما جي اچڻ سان ڪا ڪوٽ باقي نه رهندي. ان ڪان وڌيڪ ڪهڙي مرحبا ڪنهن به پتنيءَ کي گهرجي؟

اُما جي ٻي آجيان ڪئي هئي قدرتي نظارن، گهر جي ٻنيان ئي هڪ ڏنڊ آهي. اُن جو پاڻي آڪاس جي رنگ جهڙو نيرو. رامچيءَ جي هدايت موجب هر پندرهين ڏينهن ڏنڊ ۾ پائيپ معرفت تازو پاڻي وڏو ويندو آهي. ڏنڊ جي چوطرف ناريلن جا ڪيچار وڻ آهن. گهر جي اندرين سونهن لاجواب هئي پر گهر جي در وٽ ڏنڊ اُما لاءِ وڏيَ سوغات هئي. صبح جو سويل جڏهن اُما گهر جو پنيون دروازو کوليندي هئي، تڏهن ڏنڊ ۾ ترندڙ به بدڪون تيزيءَ سان ترنديون ڏانهنس ايندیون هيون. هڪ سفيد رنگ جي هئي ته ٻي ٿوري ناسي رنگ جي. اُما ٻنهي کي پاڻهه مان هٿ گهمائيندي هئي ته ڦوندڙ ۾ پرجي ويندیون هيون. اُما اُن پل چاهيندي هئي جيڪر ٻئي ٻار سُشمتا ۽ راهول به هنن بدڪن وانگر ڏوڙندا اچي منهنجي ٻانهن ۾ سمائجن. ڪهڙي ڪپ سان دل چيري ڏيکاريان ته هنن جي دوري مون کي ماري ٿي، مون کي ڪو ٽيون ٻار آهي چا؟

آخر اِهو بند دروازو به کُليو. کُلڻ کان اڳ زوردار چيچاٽ ٿيو.

تر ۾ مين گيٽ کان سڏو ئي سڏو لان پار ڪري اچجي ته هڪ وڏو هال آهي. مهمانن لاءِ اُن سان لڳ رڌڻو به آهي. اُن جي چوڌاري ڪاريڊار ۾ گُلن، پنن جون ڪُونڊيون رکيل آهن. ٿوري ٿوري مفاصلي تي هٽ ڏوئڻ لاءِ Sinks آهن. مهمانن جي هر ضرورت جي چيز اُتي ميسر آهي. هال جي ٻنهي چيڙن وٽ ڏاڪٽيون آهن. هڪ ڏاڪڻ سُشمتا جي بيڊ روم ڏانهن ٿي وڃي ٻي راهول جي بيڊ روم ڏانهن.

منجهند جو وقت هو. رامچي ماني کائڻ بعد بيڊ روم ۾ ٿوري دير اک لڳائڻ لاءِ وڃي ليٽيو هو. اُما کي منجهند جو ننڊ ڪرڻ جي عادت ڪانه هئي. هوءَ ڪاريڊار ۾ ويهي اخبار ڏسي رهي هئي. اُن مهل سُشمتا پنهنجي هڪ مليشيائي متر سان گهر ۾ آئي ۽ ڪيس پنهنجي بيڊ روم ۾ وڃي لاءِ ڏاڪڻ چڙهڻ لڳي. هن جو متر سندس ئي هم عمر ارڙهن ويهن سالن جو هوندو.

اُما چرڪي ويئي. هن ڏيءُ کي سڏ ڪري چيو "سُشمتا! هال ۾ ڪير ڪونهي. تون پنهنجي متر کي هال ۾ وٺي اچي ويهار."

"نہ نہ. مون کي بيڊ روم ۾ ڪم آهي." هن اُما کي هٿ وارو پارسل ڏيکاريندي چيو "پنهنجي جنم دن لاءِ نهرايل ڊريس هن کي پائي ٿي ڏيکاريان."

"تون هُن کي هيٺ موڪل. مان هال ۾ ويهاريانس ٿي. تون مٿي وڃي. ڊريس پائي اچ."

سُشمتا وچ ڏاڪڻ تي بيهي اُما ڏانهن نهاري چيو:

"توکي ڪهڙو اعتراض آهي جيڪڏهن مان هن کي پنهنجي بيڊ روم ۾ وٺي ٿي وڃان؟"

"اعتراض آهي. سُشمي! اسين مهمانن کي هال ۾ ويهاريندا آهيون. بيڊ روم ۾ نہ وٺي ويندا آهيون."

"پر هي منهنجو متر آهي. My personal friend"

"پرسنل فرينڊ کي بہ هال ۾ ويهڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿيندي. هال ۾ هن وقت ٻيو ڪير آهي بہ ڪونہ. سُشمي! هيٺ لهي اچ."

سشمتا چلائي اُما کي ڏڪ اولاريندي چيو:

"Who are you to interfere in my personal affairs?"

(تون ڪير ٿيندي آهين منهنجي شخصي معاملن ۾ دخل اندازي ڪرڻ واري!)

"مان ڪير ٿيندي آهيان" اُما غصي ۾ ڏاڪا چڙهي وڃي ڏيءُ کي زور سان چماٽ هڻندي چيو "بيشرم ڏڪ ٿي الارين! ڏيان سان ٻڌ! مان مسز ڪيول رامچنداڻي آهيان. هو تنهنجو پيءُ آهي ۽ مان تنهنجي ماءُ آهيان. وري پچندين ڪڏهن...."

سُشمتا هٿ وارو پارسل اُتي ئي ڦٽو ڪري. پنهنجي متر کي بہ اُتي ئي ڇڏي روئندي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي!

اُما. ڏيءُ جي متر کي مٿي تي هٿ رکي چيو. تون هاڻي گهر وڃ. شام جو بيشڪ اچجانءِ."

چوڪرو روانو ٿيو ته اُما پنهنجي ڪمري ۾ اچي اونڌي منهن پئجي رهي. ڪيس خبر نه هئي ته سُشمتا ٻئي ڪمري ۾ اُن ڳل تي هٿ ڦيري رهي آهي جنهن تي چماٽ لڳي هئس. هن 19 سالن ۾ پهريون دفعو ماءُ جي چماٽ کاڌي هئي. هن جو وجود ريشمي احساسن ۾ گهيرجي ويو.

رات جي وقت اُپ ڏانهن نهاريائين ته ڪيس هميشہ وانگر پنهنجي ماءُ مٿي-دور تارن ستارن ۾ گم ٿيل نه لڳي. هوءَ ته جهل مل ستارن جي جهالرن سان اُٽيل لباس پهري وٽس هيٺ اچي پهتي هئي. اُما جي روپ ۾!

ايشور موبائيل وهاٽي لڳ رکي سُمهڻ چاهيو ته وري فون جي گهنٽي وڄي. ايشور "هيلو" چيو ته هڪ عورت مرهٽيءَ ۾ ڳالهائڻ لڳي. چوي ٿي، "ماڏو! مس مس تنهنجو فون مليو آهي. مون رات کان هزار دفعا توکي فون ڪيو هوندو. نه پيو ملي. تنهنجن دوستن جي گهر فون ڪيم تون نه ملئين. ڪٿي آهين ڪيئن آهين تون؟"

ايشور معافي ونڌي چيو "مان ماڏو نه آهيان، توهان غلط نمبر ملايو ٿو ڏسجي."

ايشور هن عورت جو ڏير نه آهي ٻيو ڪو شخص آهي، اِهو ٻڌي هن زال کان سڏڪو نڪري ويو. چيائين، "معاف ڪجو. مون کي پنهنجي ڏير ماڏوءَ جو موبائيل نمبر دل تي اُڪريل آهي. الائي ڪيئن رانگ نمبر مليو."

ايشور چيو "دل نه هاريو. توهان جو ڏير اچي ويندو."

هُن پاسي ماڏوءَ جي پاپي چوي ٿي، "هن برسات رات کان رڙ هاريو آهي. ماڏو الائي ڪٿي آهي. ڪيئن ڳولهيانس."

فون ڪٽجي ويو.

ايشور کي ماڏوءَ جي پاپيءَ جو آواز وري ڪڏهن ٻڌڻ لاءِ نه ملندو پر هڪ پاپيءِ سندس ڏير جي هيءَ مختصر ڪهاڻي ايشور جو ڪڏهن پيڇو نه ڇڏيندي شايد.

ڈاڪٽر عالمچنداڻي گهر وڃڻ کان اڳ وري نرسنگ هوم ۾ آئي. هوءَ ايشور جي ڪمري طرف وڌي رهي هئي پر ڪيس اتڪاءِ ٿي رهيو هو. هوءَ هن وقت ڪڏهن نرسنگ هوم ۾ ايندي ناهي. ڪلينڪ مان سڌو گهر هلي ويندي آهي. هن وقت اچڻ جو ضرور ڪهڙو هو؟ ڈاڪٽر جيئن ئي ايشور جي بستري وٽ پهتي، تيئن ئي سندس موبائيل وڄو. ايشور جي پتني سرسوتي هئي. هن پڇيو "ڈاڪٽر! ڪيئن آهي ايشور؟ مون ڪيس فون ڪيو ته سُمهيو پيو هو."

"ڪيس آرام جي سخت ضرورت آهي. بخار ٿڌو آهي، پر اُٽلڻ نه ڪپي. اِهو ضروري آهي. تنهنڪري مان اڄوڪو ڏينهن توهان جي پتيءَ کي نرسنگ هوم ۾ رهڻ جي صلاح ٿي ڏيان."

هڪ طرف ڈاڪٽر، ايشور کي گهر وڃڻ جي موڪل نه ڏيئي رهي هئي ته ٻئي طرف بمبئيءَ جي حالت بہ اڃا بگڙيل هئي. سڄو ڏينهن ڏرتي، سج ڏسڻ لاءِ سِڪي هئي. پاڻيءَ ٻڏل رستا. ٽرئفڪ جئم. اڃا ڪجهہ ساڌارڻ نہ ٿيو هو.

بخار ڏسڻ جي خيال کان ڈاڪٽر جيئن ئي ايشور جي ڪرائيءَ ۾ هٽ وڌو تيئن هو جاڳي پيو. ايشور کي اجايو سجايو تپاسڻ وقت ڈاڪٽر جو اندر وارو ٽٽولي ڪرڻ لڳو. پاڻ وٽان ئي ٽٽولي هوءَ سهي نہ سگهي. سندس منهن تي پگهر نڪري آيو. هن جيئن تيئن ڪري ڳالهايو. چيائين، "مان سمجهان ٿي توهين سياڻي صبح جو گهر وڃي سگهندا. رڳو ايڪس ري ڪڍائي وڃجو."

ڈاڪٽر نرسنگ هوم مان ٻاهر نڪتي ته خيال آيس ته جيڪر ٿوري دير لاءِ سمنڊ ڪناري وڃي وهان. ٺڏي هوا کائي پنهنجو جيءُ جاءِ ڪريان پر ڪيس دير ٿي رهي هئي. گهوٽ ءِ ٻار سندس انتظار ڪندا هوندا. گهر طرف ڪار ڪاهيندي، ڈاڪٽر جي اندر مان ڪنهن ڪيس ڏونڌاڑي پڇيو هيءُ پَرَ پُرش (ڏارئي مرد) جي بدن کي چُهڻ جي لالچ ڇو؟

ڈاڪٽر عالمچنداڻي صبح جو بہ ايشور کي تپاسڻ مهل هُن جي ڇاتي ءِ پُنن تي اجايا سجايا هٽ ڏيريا. هن جا هٽ ايشور جي ڳچُن کي بہ چُهي ويا.... ڈاڪٽر اندر جي آندڻ مانڊ سان پڄي نہ پيئي سگهي. هن جي من ۾ هڪ ڇبري عورت موجود هئي. تنهن نيٽ ڪيس سچ ٻڌايو:

"تنهنجو گهوٽ آمريڪا ويو اُتي هڪ آمريڪن عورت سان اُهي لوليون ماٽيائين جو اخلاق جون سپ حدون اورانگهي ڇڏيائين. تون ڇاڻڻ ٿي چاهين پَرَ اِستريءَ جي بدن ۾ اهڙو ڇا هو؟"

ڇهري عورت کي اندر جي ٻيءَ ڪنڌ مان جواب مليو. هُن کي ڇا مليو سا ته ڪيس خبر. پر تون پاڻ پر پرش جي بدن کي ڇهڻ جي لالچ، گهوٽ کان بدلو وٺڻ لاءِ سانديءِ رهي آهين."

گهر اچي ويو. گهر پهچڻ سان ڊاڪٽر ماڻهو ئي ٻيو ٿي پيئي. گهوٽس ۽ ٻار سندس اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. رات جي ماني کائڻ جو وقت ٿيو هو.

رات جا 2 بجا کن وقت ٿيو هو. ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ کي ننڊ نه آئي هئي. هوءَ سوچي رهي هئي ته سندس ساهيڙي ڪانتا بلڪل بي قصور آهي تڏهن به سَسُ ڪيس ڏجها ڏنا ته توکي اولاد نه ٿو ٿئي. سندس پٽيءَ به ڪيس ۾ سال ڏنيبو ته تون پنهنجي پريميءَ ننڊ سان مهابليشور ۾ سُمهي هوندين. آخر طلاق ٿي ويو. منهنجو پٽي سچ پچ هڪ پَرَ اِستريءَ سان سڄا سارا ٿي مهينا عيش ڪري آيو آهي. مان هن جي ارڏانگني آهيان پر مون کي اعتراض وٺڻ جو حق ڪونهي.

اوندهه ۾ خاموشيءَ جو صرف نقاب هو. ڊاڪٽر جو من ڀَالهائي رهيو هو. هوءَ روشنيءَ جي تلاش ۾ هئي. ڊاڪٽر کي پنهنجي هڪ سوٽ ياد آئي. پاڻ مئٽرڪ ۾ هئي تڏهن جي ڀَالهه آهي. هوءَ موڪلن ۾ ناناڻن وڃڻ لاءِ سنيپري ته سندس سوٽ به دل ڪئي مان تنهنجن ناناڻن هلان. ساهرن ۾ پٽيءَ کان ڪيئن موڪل ورتائين، سا ته ڪيس خبر. پر ڊاڪٽر کي ياد ٿو اچي ته سوٽيس پنهنجن پيڪن ڏي وڃڻ مهل به ايڏي خوش نه هوندي هئي. جيتري خوش ڊاڪٽر جي ناناڻن ڏي وڃڻ مهل نظر آئي. ناناڻن ۾ ڊاڪٽر ۽ سوٽيس کي هڪ ئي ڪمري ۾ هڪ ئي بسترو سُمهڻ لاءِ مليو. هڪڙيءَ اڌ رات جو ڊاڪٽر ننڊ مان جاڳي پيئي. ڏنائين سوٽ پير ۾ سُمهيل ڪانهي. ڏهه منٽ گذريا، پندرهن منٽ، ڊاڪٽر اُٿي باٿ روم طرف ويئي. اُتي به سوٽيس ڪانه هئي. ڊاڪٽر وائڙي ٿي ويئي. اڌ رات جي وڳڙي ۾ سوٽ ڪيڏانهن ويئي

هوندي اوچتو هن جو ڏيان ويو. ماما جي ڪمري جي بتي ٻري رهي هئي. هوءَ ڏهيل پيرين اوڏانهن ويئي. در ٻيڪڙيل هو. در جي چير مان هن ڏٺو سوٽ ۽ ماما هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ ٻيڪوڙيل!

ڊاڪٽر کي اڄ ٻه پنهنجيءَ سوٽ لاءِ سخت نفرت ٿي پئدا ٿئي. ڊاڪٽر کان چرڪ نڪري ويو. جڏهن سندس اندر واري کانئس پڇيو:

"نفرت پاڻ سان نه ٿي محسوس ٿئيئي؟ تون جو ڪانتا جي ڏرم جي پاءُ ايشور جيڪو تنهنجي نرسنگ هوم ۾ داخل آهي، تنهن وٽ هر هر وڃين ٿي ۽ سبب بي سبب ڪيس تپاسين ٿي، اِهو ڇا ڪنهن اخلاق پسند عورت جي شان وٽان آهي؟"

اُهو ٿه مان صرف اِهو جاڻڻ ٿي چاهيان ته پَر پُرش جا انگ ڇهڻ مان آخر سُک کهڙو ٿو ملي؟"

ڊاڪٽر جي اندر واري انسان ڪلي ڏنو.

اوچتو ڊاڪٽر جي گهوٽ ڪيس ڳل تي هلڪي ٽڦڪي هنئي. هُن چيو "اڄ ته منهنجو نصيب زور آهي جو تون جاڳي رهي آهين."

ڊاڪٽر بيحد نماڻائيءَ سان چيو "اڃوڪو ڏينهن ميران نه ڪجانءِ. منهنجو صفا موڊ نه آهي."

"ڏس ڀڳونتي، تنهنجي اِنهن ڳالهين، نيم سنيم، مهيني ۾ صرف هڪ دفعو سُمهڻ ڪافي آهي... مون کي بيگانو ڪري ڇڏيو آهي." گهوٽس عالمچنداڻيءَ ڳالهائيندي پنهنجي پتنيءَ کي بي وستر ڪري ورتو.

هو پنهنجي مَوَ ۾ ڳالهائيندو رهيو. چوي ٿو: تو مون کي اُڃيو رکيو آهي. سبب جاڻڻ چاهيندي آهين نه... امريڪن عورت سان سنبنڌ ڇو رکيم. هن وٽ "نه" هئي ڪانا! تون به انڪار نه ڪندينءَ ته ڪيڏانهن نه ويندس."

ڊاڪٽر کي پنهنجيءَ ماءُ جي چيل هڪ ڳالهه ياد آئي. هوءَ سمجهائيندي هئس ته اِنهيءَ ڳالهه ۾ مڙد کي نه ڇوڙ مصيبت ڳنهڻ آهي. نه پڄي تڏهن به سمرپڻ ڪري ڇڏجي. ڏرتي ڏس ڪيڏو ٿي لتاڙجي. ڪيڏو

بار آهي مٽس. ڪُچندي ناهي نہ؟ زال ذات جو جنم ئي اِن لاءِ ٿيو آهي تہ ڏرتيءَ وانگر چپ چاپ بار کڻي.

ڊاڪٽر ماءُ کي وراڻيندي هئي: ڏرتي بہ ٽڪبي آهي تہ ڏُٻندي آهي. زلزلا جو ٿيندا آهن!

ڊاڪٽر جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. مون هن کي اُجيو رکيو آهي؟ شاديءَ جي ويهن سالن بعد، مهيني ۾ هڪ دفعو کافي ڪونهي؟ چا ٻيا ڪم نہ آهن؟ مان ٽڪجي نہ ٽي پوان؟

ڊاڪٽر کي پنهنجي ساهيڙيءَ ڪانتا جو جيون ڏکن جو سفر لڳندو آهي. ڪا پتني ڪيئن اِهو اَپمان سهي، جو پتي ساڻَئي هنڌ تي گڏ سُمهي، ائپروچ ڪرڻ چاهي بہ. شروعات بہ ڪري پوءِ پڇي تہ تو پنهنجي پريميءَ سان هنڌ جو سُک ورتو؟ ڪانتا هر رات ڪيس وشواس ڏيارينديِ رهي تہ نہ. هنن جي وچ ۾ اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو. پوءِ بہ هو وشواس نہ ڪري ۽ منهن ورائي سُمهي پويا ڪوبد دماغ شخص هوندو. ڪانتا جو مڙس.

ڊاڪٽر هڪ ڏينهن ڪانتا کان پڇيو هو "طلاق ٿي وڃڻ بعد اڪيلي ٿي رهين، بور ڪانہ ٿين؟"

ڪانتا ٻڌايو هو. صرف بور ئي نہ، گهور نراسائي ٿيندي هئم. رات جو اڪيلي گهر ۾ بستري تي سُمهڻ مهل محسوس ٿيندو هو تہ تتل واري وسي رهي آهي. وجود ۾ ڪوئلا پيا پڄرن، يا ٻوڏ پيئي آهي. مان لڙهي ويندس ڏاڍو ڊپ بہ ٿيندو هو."

ڪانتا پنهنجيءَ اڪيلائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ "اُمنگ" نالي هڪ سنستا جي مدد ورتي. هن هڪ ڏينهن "اُمنگ" بابت اخبار ۾ پڙهيو:

Are you emotionally disturbed? Come and join us.

ڪانتا سوچي رهي هئي تہ "اُمنگ" جي ميمبر ٿيڻ لاءِ باندرا ۾ "روز ڪلب" جي ميمبر ٿيڻ ويندیس. ٻئي هفتي وري پڙهيائين:

Do you want a shoulder to cry on? Come and be with us.

ڪانتا اُن ئي ڏينهن ڪلب ۾ ويئي. رڳو 1800 روپيا ميمبرشپ في پرٽي پيس. امنگ وارن جي ڪا الڳ ميمبرشپ ڪانہ هئي. "اُمنگ" وارا

ميمبر رکو Identity Card رکندا هئا. هو ٻئي کي کارڊ ڏيکاري ڳالهيون کرڻ ويهي رهند اهئا... کڏهن کافيءَ جو ڪوپ، کڏهن وائين ۽ پيئن، کاڻ کائونسلنگ کانه هئي، صرف "حال اوڙ" هو اُمنگ وارن جو مقصد.

کانتا جذباتي اُلجهن مان نڪري آئي. هونءَ پنهنجي ويچارن جي چار ۾ نوريئڙي وانگر ڦٽڪندي رهندي هئي، تنهن کان نجات ملي ويس.

کانتا جو اهو پرم ٿئي پيو ته نند سان جيون گذارڻ وارا سپنا ٽٽندا ته هوءَ ڪيئن نه ٽٽي پوندي؟ جڻ همالیہ جبل جي ڪنهن چوٽيءَ تان ڪري چيهون چيهون ٿي ويئي هئي. سپنا ۽ سپنا لهندي هئي ته نند سان ندي ٻيئي پار ڪريان، آڪاس ۾ پيئي اُڏامان. ستارن کي پيئي ڇُهان. هڪ ڏينهن نند کي چيو هئائين:

"مان چند هيٺ ڪٽي ايندیس پنهنجي ٻالڪ لاءِ نند! تو مان جيڪو مون کي ٻار ٿيندو مان اُن کي آسمان مان چند آڻي ڏيندیس جيڪو ڪوشليا ماتا نه آڻي سگهي رام لاءِ"

"پر ٻار ٿيندو ڪيئن؟"

"جيئن سيني کي ٿيندو آهي."

"اسين سوٽ ماسات آهيون، پوءِ پتي پتني ٿيندا سين ته ٻار ٿيندو اسان کي؟"

اِهو شڪ مٽائڻ لاءِ به ڪاتنا ۽ نند قدم کنيو هو. ٻئي هڪ قابل ڊاڪٽر کان صلاح ونڻ ويا هئا... ڊاڪٽر کين پڪ ڏني ته سوٽ ماسات هڻڻ سبب گرهست جيون ۾ ڪاڻ ارچڻ نه ايندي. سائنس اهڙي ڪاڻ ڳالهه نه ٿي مڃي. ڪانتا لاءِ دروازو بند ٿيڻ جو ڪو سبب ئي نه هو پر نند جي ماءُ در وٽ بيهي رهي. ڪانتا کي گهر ۾ گهڙڻ نه ڏنائين!

اُما، روز جي نيم موجب رامچيءَ کي آفيس ڇڏي واپس موٽي ته لان پار ڪري، وراندي ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي. جيڏيءَ مهل هوءَ آفيس وٽ ڪار پيئي پارڪ ڪندي آهي، اُن مهل يا منٽ ۽ سويل دير سان سندس پٽ راهول ۽ اچي آفيس پهچندو آهي. اُما سندس ويجهو وڃي چوندي آهي، "گڊ مارننگ".

راهول صرف اُما ڏانهن نهاريندو آهي. ياءَ هيڊ اکين سان. "گڊ مارننگ" ڪڏهن وراڻيندو ناهي. هو پنهنجي رنجش جتائڻ ۾ ڪڏهن گُسندو ناهي. اُما سَوَ حيلا هلايا. راهول کي ڏنڊي جو ڪافي حصو سونپي، آفيس وغيره الڳ ڏيئي خودمختيار بڻايائين. پئسو به، اختياري به. اناويهن سالن جي عمر ۾ هو ڏنڊي وارن جي سرڪل ۾ ڪافي مشهور ۽ اهم شخص هو پوءِ به... اُما جڏهن به هن جي رنج جو سبب جاڻڻ چاهيو تہ هُو اِهو ئي چوندو هو "بنا سبب جي جيڪو پيءُ نندپڻ کان ويهن سالن جي عمر تائين مار ڪُٽ ڪندو رهي، اهڙي پيءُ کي پنهنجو ڪير سمجهندو؟ چو هوندو منهنجي دل ۾ پيار ۽ عزت!"

اُما اِهي سڀ ڳالهيون ٻڌيون هيون. رامچيءَ جو ٻاڏي ڪانئس ڳُجهو نہ هو. رامچيءَ جو نندپڻ هڪ بکاريءَ وانگر گذريو هو. هو هردوار ۾ رهندا هئا. رامچيءَ جو پيءُ گنگا ڪناري ڪيلا وڪڻندو هو. هن جي ماءُ به گهر جي ڪم ڪار مان واندي تي. الڳ الڳ قسمن جا ميوا اوڏر تي وڻي مندرن ٻاهران وڪڻندي هئي. ڪم نصيبان هوءَ ڪنهن واپاريءَ جي ور چڙهي ويئي. مڙس پٽ ڇڏي اُن سان ڀڄي ويئي. هن واپاريءَ کيس ٽن مهينن کان پوءِ ڇڏي ڏنو. لڄ جي ماريءَ گهر موٽڻ بجاءِ گنگا ۾ ٽپي ساهہ ڏنو.

رامچي اُن وقت نَون ڏهن سالن جو هو. ماءُ جي ٻئي سان ڀڄي وڃڻ جي نِندا سهي ويو هو پر ماءُ جو آپگهات سهي نہ سگهيو هو. هو ڏاڍو رنو هو. هن جو اسڪول ۾ من نہ لڳي، گهر ۾ ويهي نہ سگهي. روٽي نڙيءَ مان نہ ڳيسيس. جيڏا سرتا دُشمن پاسڻ لڳس.... پيءُ آڻت ڏئيس تہ هُن کي ڏاڙهي، ڪچو ڪائڻ اچي. هن کي گنگا ميا کان، هردوار کان نفرت ٿي ويئي. اُتان ڀڄي نڪتو اچي بمبئيءَ پهتو.

ٻہ سال ڪٺپيتال سئنيما جي ٻاهران هن جو ڏيرو هو. بوٽ پالش ڪندو هو. سُمهندو ٻہ اُن فوٽ پاٽ تي هو. وڏا پانڻ ڪائي گذران ڪندو هو. ڪٺپيتال ۾ هر نئين فلم رات جو نوين کان ٻارهين واري شو ۾ ڏسندو هو.

بمبئي جي وي ٽي ريلوي استيشن جي سامهون، ڪٺپيتال سئنيما جي ٻاهران فوٽ پاٽ تي ويهي بوٽ پالش ڪندڙ رامچي مليشيا ڪيئن پهتو اِن اِتفاقي گهٽنا تي هو پاڻ ٻہ يقين نہ ڪري سگهندو آهي. هڪ

مليشيائي مسلم كانئس بوٽ پالش ڪرائيندي پڇيو "تون مون سان مليشيا هلندين؟ اُتي منهنجي لاءِ روٽي رڌڻي پوندءِ. گهر جي صفائي ڪرڻي پوندءِ."

رامچيءَ يڪدم چيو "سر! ونڊي هلو. سپ ڪم ڪندس."

ظفر محمد نالي شخص رامچيءَ کي مليشيا وٺي آيو. هُن جو سڄو ڪٽنب مليشيا مان لڏي سينگاپور وڃي وسيو هو. ظفر محمد جا ڪنهن هندستانيءَ وٽ ڏوکڙ رهيل هئا. اوڏر ڏٺي هئائين. جڏهن اوڏر اوڳاڙيائين تڏهن هو به پنهنجن ڪٽنبين سان وڃي شامل ٿيڻ لاءِ سينگاپور وڃڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو. ويندي ويندي هڪ هندستانيءَ جي رهڻ جي ڪارخاني ۾ رامچيءَ کي ڪم تي لڳائي ويو.

انن سالن بعد رامچيءَ پنهنجو رهڻ جو ڪارخانو وڏو. پوءِ ونسپتي گيهه جو. ڪارخانن پنيان ڪارخانا کوليندو ويو. پٽسو رامچيءَ وٽ جڻ راند ڪندي آيو پر هن راند به جُهٽجي ڪئي. هڏ ماس ڏيئي. ڪوبه ڪم ڪندي عار نه ڪيائين... پر خوشي ڪانئس ڏهه ڪوهه پري ٿي بيٺي. جڻ رامچي ڪو ڀنگي هو. جنهن کي خوشيءَ جهڙيءَ پري ڇُهڻ نه پيئي چاهيو. من ملول ئي ملول هوندو هوس. رامچيءَ وٽ جواني ته آئي پر جوانيءَ جي جذبن کان خالي رهيو. شادي به ڪري ته جڻ مڙيو ئي هڪ ڪم پورو ٿيو اِن طرح محسوس ڪري. پتنيءَ سان سُمهڻ... اولاد ٿيڻ... اهي گرهستيءَ جا سُک هن لاءِ ساڌارڻ گهٽنائون هيون جيڪي ٿيندیون آهن. جيئن ڪارخانا پوندا آهن، مال نهندو آهي، وڪبو آهي. گهر به ڪارخاني جيان هلي پيو... حياتيءَ جي ريل به هڪ پٽي تي هلي پيئي!

رامچي سُڀاءُ جي خيال کان مشهور هو ته شوڌر آهي. ڪڏهن ڪلي ڪونه. ڪي ڪيس مغرور به سڏيندا هئا. ڪِن جو چوڻ هو ته اڏ مغزي آهي.

هڪ لڳا ڊاڪٽر وٽ پيٽ جي تڪليف لاءِ علاج ڪرائڻ شروع ڪيائين. ڪجهه عرصي بعد ڊاڪٽر ڪيس چيو:

"Mr. Ramchi I think you are suffering from depression."

"مون کي چو ڊپريشن ٿيندو؟" رامچيءَ ٿهڪ ڏيئي چيو هو. "مون جهڙو سُکي ۽ ڪامياب شخص ڪو هوندو؟ مون کي ڪهڙي ڪمي آهي؟"

ڊاڪٽر وراڻيو "ڪا ڪمي نه ٿا محسوس ڪريو؟... سُک روگ به ٿيندو آهي. اُهو ڪميءَ جو احساس ئي ڪسي ونندو آهي."

رامچيءَ ورچي چيو "چڏيو ڊاڪٽر. پيٽ جي تڪليف لاءِ ڪا دوا ڏيو اجايون ڳالهيون نہ ڪريو."

اُما کي ڊاڪٽر جو چوڻ صحيح لڳو. هن رامچيءَ کي ڊپريشن ۾ گهيريل ڏٺو هو. سندس وهنوار غير واجب ۽ غير منطقي هوندو هو. پر اُما پاڻ خوش نصيب هئي جو ڪڏهن بہ رامچيءَ جي غلط وهنوار جو شڪار نہ ٿي هئي. هن جي رامچيءَ تي ڏاڍي سَنت هئي. ڪيس رامچيءَ جي نظرن ۾ اِهو مقام حاصل رهي، ان لاءِ هوءَ قدم قدم خبرداريءَ سان کڻندي هئي... ڪڏهن بہ پير ترڪڻ نہ ڏيو. هوءَ پل پل رامچيءَ جي هر ننڍيءَ وڏيءَ ضرورت جو خيال رکندي هئي. هن کي رامچيءَ لاءِ مري منجهڻ منظور هو پر مڙس جي دل تان ڪرڻ منظور نہ هوا رامچي ڪائنس منهن نہ موڙي. بس، ڏٺيءَ کان هر وقت اِهو ئي گهرندي هئي. هڪ ئي چوٽ سندس دل کي چٽي چڏيو هو. ٻي چوٽ ڪائڻ لاءِ دل ۾ قوت ڪٿي هئي؟

اُما شاديءَ بعد پهريون دفعو پيڪين ويئي تہ اڪيلي ويئي هئي. پندرهن ڏينهن ڪن رهي هئي. اُن کان پوءِ اُن تان بہ هٽ ڪٽي چڏيائين. چڻ پيڪن سوڌو پاڻ، مڙس مٽان گهوري چڏيائين. رامچيءَ کيس چيو هو تہ بنا 15 ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا اُما ڊيئر... اُن بعد هوءَ پارت رامچيءَ سان گڏ ويندي هئي. هو صرف چار ڏينهن رهي تہ اُما بہ چار ڏينهن رهي. رامچي هر سال پارت ويندو هو. پنهنجيءَ ماءُ جي ورسيءَ تي. هُن جي ياد ۾ بمبئيءَ جي رام پنجواڻي ڪلچرل سينٽر جي سيتا سنڈو يون ۾ هڪ شاهي چونڪي ڪرائيندو هو. اُتي جا بانيڪار پارت جي ڪنڊڪٽر مان ڳائيندڙ ڪلاڪار گهرائيندا هئا. رامچي معياري ڳائيندڙن کي دل کولي خرچيون ڏيندو هو... اِنعام ڏيندو هو.

رامچيءَ کي هڪ ڳالهہ جو ڏاڍو افسوس هو جو کيس پنهنجي پيءُ جي ديهانت جي تاريخ جي خبر نہ پئجي سگهي هئي. هڪ ڏينهن وٽس پارت مان نياپو آيو تہ هردوار مان خبر ملي آهي تہ تنهنجو پيءُ گذاري ويو. گنگا نديءَ جي اِردگرد رهندڙ پنڊن سندس آگني سنسڪار ڪيو. هو ڪفن جو ڀ ٻين پوڄائن پائڻ جو خرچ گهري رهيا آهن. اِن نياپي رامچيءَ کي ڏاڍو ڪاوڙايو. هن گنگا ميا جو ڪنارو چڏيو تڏهن يارهن سالن جو هو پر ڪيس اُن عمر ۾ بہ اُتي جي پنڊتن پنڊن جي چالبازين جي خوب ڄاڻ هئي. هن

هڪ رُپيو ۽ پيءُ جي اگني سنسڪار جي خرچ بلي نہ موڪليو هو. هن کي ڄاڻ هئي تہ هنن جيڪو خرچ ڪيو هوندو اُهو سندس پيءُ جي مڪان ۽ ڪيلن جي ڏنڊي مان وصول ڪيو هوندائون. هو ڪيس ڦُرڻ لاءِ نياپو موڪلي رهيا آهن... هڪ ٻي ڳالهہ لاءِ پٽ جي دل روئندي هئي. رامچي سوچيندو هو پنهنجي درويش پيءُ کي بنا چتائڻ جي هردوار ۾ اڪيلو ڇڏي پاڻ بمبئيءَ هليو ويو هو. وري ڪڏهن هردوار نہ ويو. هيڏي ساري دولت ڪمايائين پر سندس پيءُ آخر تائين گنگا ڪناري ڪيلا وڪٽي گذر ڪندو رهيو.... هي ڇا ٿي ويو؟ هن اِها غلطي ڇو ڪئي؟ هڪ دفعو رامچيءَ ڪنهن پروسي جوڳي شخص هٿان لک روپيہ ڪن پيءُ کي موڪليا هئا پر پٽس نہ قبول ڪيا. صرف ايترو چوائي منجائينس: پتا مون کي تون ڪپين، منهن ڏيکار. مان لک روپيا ڪيڏانهن ڪندس؟ اُن ڏينهن رامچي ڏاڍو رنو هو.

رامچي هيءُ دڪ ڪنهن سان سلي؟ اَندر ۾ جهُرندو هو. هُن جي آتما سسڪندي هئي. پر ڏنڊي ڏاڙيءَ پئسي ڏوڪڙ، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙن ۽ مشينن جا آواز... بتيون ٻرن تہ جوئا شراب. عورتن جو سنگ، رامچي ٻڈي ويو هوان سپ ۾. ڏينهن جي ڪنهن پهر ۾ان سمنڊ مان سيسُ ٻاهر نڪرندو هوس تہ اکين مان نير جاري ٿي ويندو هوس.

اُما جي سيني ۾ سِر ڇپائي روئڻ سان رامچيءَ کي محسوس ٿيندو هو سندس گناهہ معاف پيا ٿين!

ايشور موبائيل جي سهوليت ڪري ٻاهرين دنيا سان جڙيو رهيو نہ تہ نرسنگ هوم ۾ اڪيلائي کائيس ها. صرف ڈاڪٽر عالمچنداڻي ۽ ڏرمون وٽس پيرو پري سگهيا هئا. برسات جي ڪري ٻئي ڪنهن جو وٽس پهچڻ ممڪن ئي نہ هو. گذريل ٽيهن ڪلاڪن جي لڳاتار برسات بمبئيءَ جو برو حال ڪري ڇڏيو هو. بمبئي ههڙو زوردار مينهن سالن ۾ نہ سنيري.

اِن برسات جي ڪري اڄ ورهين پڄاڻان ايشور اُما سان فون تي ڪلاڪ ڏيڍ ڳالهيون ڪيون. اُما بلڪل دوري نہ رکي. بي فڪر ڳالهيون ٻڌائيندي رهي. پنهنجي جيون جو ڪتاب کولي ايشور جي اڳيان رکيائين. هن وقت اُما فون تي نہ آهي تڏهن ٻہ ايشور هن جي جيون — ڪتاب جا پنا اُٿلائي پٿلائي رهيو آهي. هر پني تي رامچيءَ جو نالو آهي ئي آهي. ڇا ايشور جي نالي وارو پنو ڦاٽي ويو آهي، اُما جي جيون — ڪتاب مان؟

موبائيل جي گهنٽي.

ايشور جي ڏيءُ لينا جو فون هو. چوي ٿي. "پپا! مان جيڪر شهزادي هجان ها ته جاردان جي شهزاديءَ وانگر هيليڪاپٽر ۾ ممي‌ءَ سان گڏ توهان وٽ پهچي وڃان ها. جيئن جاردان جي شهزادي پنهنجيءَ ممي‌ءَ سان گڏ هيليڪاپٽر ۾ لنڊن ويئي. اُتي سنڊس پيءُ ناچاق هو."

"شهزادي ته تون آهين ئي. تون گهر ۾ نه هوندي آهين ته مان تنهنجي ممي‌ءَ کان پڇندو آهيان نه...

Where is my princess?"

'So sweet, پپا.... سياٽي صبح جو ته گهر اچي ويندا نه؟ هاٽي بخار نه آهي نه؟"

"بخار صفا ڪونهي. پر ڊاڪٽرياٽي موڪل نه ٿي ڏئي. چوي ٿي سياٽي وڃج."

"اڄ اچي به نه سگهندا. رستن تي پاٽي ايڏو آهي جو ڪوبه Vehicle هلي نٿو." "It is really stupid" اِهو فيورٽ جملو آهي It is really stupid"

"تون ۽ راهول ڪريو چا پيا؟"

"مان پڙهان پيئي وري سُمهان پيئي. ساهيڙيءَ کي فون ڪريان وري ساهيڙي مون کي فون ڪري"

"۽ راهول؟"

"اُهو توهين راهول کان ئي پڇو. سيني جو مٿو پيو کائي." ايشور پٽ سان به ڳالهايو.

راهول چوي ٿو "پپا! مان ڏاڍو بور پيو ٿيان. راند لاءِ ٻاهر به وڃي نه ٿو سگهان. ٽي.وي به نه ٿي هلي. گهڙيءَ گهڙي خالي اِسڪرين ٿي اچي."

"لينا سان ليوڊو يا ڪئرم راند ويهي ڪر."

"راند نه ٿي ڪري لينا مون سان."

لينا پاءُ کان فون ڦري چيو "پپا! پورا ٻه ڪلاڪ هن سان ليوڊو کيڏيو اٿم. ڏينهن رات ليوڊو کيڏبو آهي چا؟"

فون تي ٻارن جون هڪ ٻئي لاءِ شڪايتون ٻڌي ايشور جو مزاج ئي نرالو ٿي ٿو وڃي. ٻئي پاءُ ييٽ سجو ڏينهن وڙهندا، جهڙندا رهندا آهن. جڏهن نوبت هٿين بجين پوڻ تي هوندي آهي، تڏهن ايشور پٽ کي ڊڊيءَ تي چاڙهي گهر به گهمائيندو آهي. هن سان لاڏڪوڏ ڪري ييٽ سان جهڪڙو ڪرڻ کان

باز آڻيندو آهي. سرسوتي ڪاوڙجي چوندي آهي، هن اُٺ کي ڏڏيءَ تي چاڙهي گهمايو پوءِ رات جو دانهون ڪيو تہ پٽيءَ ۾ سور ٿو پويم.

گهر ۾ اِن طرح آواز هوندو آهي. چرپر هوندي آهي. گوڙ گنبوڙ هلندو رهندو آهي. هتي نرسنگ هوم ۾ چپ چپات لڳي پيئي آهي. شام جا ست بجا وقت ٿيو آهي. پر خاموشي ايڏي آهي جڙ رات جا ڏهہ يارهن لڳا آهن. رکي رکي برسات جو زوردار وسڪارو يا ڪنوڙ ۾ گجگوڙ خاموشيءَ کي ٽوڙي ٿا ڇڏين. ايشور پير چوريندي، هٿ مهٽيندي ۾ پاسا ورائيندي هر هر واڇ ۾ وقت ڏسي رهيو آهي. ست، سوا ست، ساڍا ست.

موبائيل تي گهنٽي وڄي.

ڏرمونءَ جو فون آهي. هو چوي ٿو "سائين توهان کي هڪ خاص ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو اٿم."

"چئو ڏرمون، سُک تہ آهي نہ!"

"ها ها سُک آهي. بروچ مان نموءَ جي پيءُ شري ٻين شاهہ جو فون آيو هو. ٻڌايائين تہ بروچ ۾ جيڪو سندس بزرگن وارو وڏو شاهي گهر پيو آهي، تنهن لاءِ وصيعت ڪرڻ ٿو چاهي. ٽرسٽ ناهيندو. مون کي ٻہ هڪ ٽرسٽي بٽائڻ ٿو چاهي."

"تو ۾ هيڏو وشواس ٿو رکي!"

"هو مون کي مانُ ٿو ڏئي اِها سندس لائقي آهي."

ڏرمون چوي ٿو "هر ڪنهن چگّي ماڻهوءَ جي عزت ڪري ڄاڻي. هو ڪنهن کي ٻہ ستائڻ وارو ماڻهو نہ آهي، پوءِ ٻہ حياتيءَ کيس ڪيڏو ستايو. هيڏو دک جو پهاڙ مٿس ڪريو."

ايشور چوي ٿو "ڏرمون! جيڪي پوک، سو لُڻ" واري ڳالهہ شري ٻين شاهہ سان نہ ٿي لڳي. هن سڀ سُنو پوکيو پر اِتي ئي تہ اچي اسين قسمت، اڳئين جنم جو ڪرم... اِهي ڳالهيون سوچيندا آهيون."

شري ٻين شاهہ ڪٽي ۾ ڪهڙي غلطي ڪئي، هو پاڻ ٻہ سمجهي نہ سگهيو آهي. هڪ دفعو هو نموءَ کي ٻڌائڻ کان سواءِ هريش جي گهر ٻہ ويو هو. اِهو سوچي تہ متان منهنجو ويچار غلط هجي. هو متان ٻين امير ماڻهن کان نرالا هجن. اُتي ويو تہ هريش جي ماءُ هن جو سُنو آءُ ياءُ ڪيو پر هريش جي پيءُ کي جيئن ئي خبر پيئي تہ نموءَ جو پيءُ آيو آهي، تيئن هُو يڪدم گهر مان نڪري ويو. ٻين شاهہ متان جڙ پهاڙ ڪري پيو. هن جي دل چيتيون

چيتيون ٿي ويئي. هو ڪو اڻ گهربل سامان هو چا جنهن کي ڪو اورانگهي ويو؟ هي ٻيو دفعو ساڻس ائين ٿيو هو. زندگيءَ ۾ ههڙي قسم جي ذلت اڳ به سٿي هئائين. ڪيس ڪو وسريو هو چا جڏهن هو پهريون دفعو ساهُرين ويو هو تڏهن هو ايڏا ڪنوارو هو. اُن وقت اُهو گهر سندس پريتما پشپا جو هو. پشپا، جنهن کي هُو پتني ٻڌائڻ جا خواب لهي رهيو هو ان گهر ۾ گهڙيو مس ته پشپا جو پيءُ نڪري ويو گهر مان! هنن شاهوڪار ماڻهن ۾ ماڻهوءَ جو خون ئي نه آهي. هريش جي پيءُ جو وهنوار ڏسي، هن جڪ ڪاڏا هئا. هي شخص لائق آهي چا منهنجي ڏيءُ جو سهرو ٻڌجڻ لاءِ؟ منهنجي ڏيءَ ته سچو هيرو آهي. ڪوئلن جي دلال کي ڪيئن ڏيان؟

شري ٻين شاهه بروچ وچي ڳوٺ جي چئن چڱن ماڻهن سان صلاح ڪري ٽرسٽ ٺاهڻ جو فيصلو ورتو. هو پنهنجي اباڻي ملڪيت وڏو شاهي ستن ڪمرن وارو مڪان ڪهڙي ڪم لاءِ ڏان ڪري هن ٽرسٽ ٺاهي، مڪان ٽرسٽ جي حوالي ڪرڻ پئي چاهيو. اُها ٽرسٽ چاهي اُن مڪان ۾ ڪا اِسپتال کولي يا ڏرمشالا هلائي يا ڪو ننڍو اِسڪول. ٻين شاهه پاڻ چاهيو پئي ته ڪو پرائمري اِسڪول کلي چو ته سندس ڏيءُ نمو چوندي هئي ته مان پرائمري ٽيچر ٽيندیس.

رات جا نوَ لڳا آهن. شام جو ستين ۾ ائين جي وچ ۾ نرسز جي اچ وچ هئي. وارڊ بواءِ به سُوپ ۾ بريڊ رکڻ ۾ وري برتڻ کڻڻ آيو. هڪ نرس ٽيمپريچر ڏٺو ٻيءَ گوريون ڏنيون پوءِ چئي ويئي ته جيڪڏهن ننڊ نه اچيئي ته بيل وڄائج. توکي ننڊ جي گوري ڏبي.

اوچتو ڊاڪٽر عالمچنداڻي اچي پهتي. هي سندس اچڻ جو وقت نه هو. هوءَ نوين بجي ڪلينڪ مان سڏو گهر هلي ويندي آهي. اُتان هتي مئٽرنٽي هوم ۾ فون ڪري حال احوال پڇندي آهي. جيڪڏهن ڪو نازڪ ڪيس ايندو آهي ته ڊاڪٽر پاڻ ايندي آهي، هي حالت ۾ نرسز کي گهر مان ئي هدايتون ڏيندي آهي.

ڊاڪٽر، ايشور جي بستري وٽ اچي چيو. "ٻڌايو ڪهڙو حال آهي؟ توهان کي خبر آهي توهين مئٽرنٽي هوم ۾ رهيا پيا آهيو. هي منهنجو ريسٽ روم آهي. مون توهانکي پنهنجو ڪمرو رهڻ لاءِ ڏنو آهي." ڊاڪٽر کلندي چيو.

ايشور چيو "توهان جي گهڻي مهرباني."

هونءَ زيرو بلب ٻري رهيو هو. ڊاڪٽر کي آيل ڏسي نرس بتي ٻاري ڊاڪٽر ڪيس پيپر ڏنو. اُن تي ڪي هدايتون لکي واپس ديوار ۾ لٽڪائي، ايشور جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين،

"بخار ۾ دفعا لٿو چڙهيو آهي It is not a good sign"

ايشور ورچي چيو "توهين دوائون لکي ڏيو. مون کي صبح جو ڪيئن ۾ گهر وڃڻو آهي."

"ٺيڪ آهي. صبح جو ڏهين بجي توهان جو ايڪس-ري نڪرندو اُن جي رپورٽ پاڻ سان کڻي ويجو. مان توهان کي ڏهين کان پوءِ discharge ڪري چڏيندس."

ڊاڪٽر واپس گهر ڏانهن موٽندي سوچڻ لڳي، ڇو ايشور مون لاءِ ڪشش محسوس نه ٿو ڪري؟ چوندا آهن هر ڪو پُرش پر اِستريءَ ڏانهن مائل ٿيندو آهي. حياتيءَ جي ڪنهن ۾ موڙ تي ڪنهن ۾ پُرش ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ لاءِ ڪشش ڇو نه محسوس ڪئي آهي؟ يا ڪن ڪئي ۾ هجي پر ڊاڪٽر جون اکيون هوٽيل رهيون؟ هوءَ هميشہ پنهنجي ڪم ۾ رُڌل رهي آهي. پنهنجي ڊاڪٽري پيشي ۾ "خاص" مقام حاصل ڪرڻ هن جي جيون جو اُديش هو. هن جو مڪمل وجود پنهنجي اِن مقصد طرف متوجہ هو. جيئن مهاپارت ۾ هڪ قصو ارجن لاءِ مشهور آهي تہ دروٽاچاريہ تير اندازي سيکارڻ کان اڳ ڪيس چيو هو وڻ تي ويٺل پکيءَ جي اک چنٽي اٽئي." جڏهن ارجن تير ڪمان تاڻيو تڏهن دروٽا چاريہ پڇيس،

"چا ٿو نظر اچيئي؟"

ارجن وراڻيو "گُرديو! مون کي صرف پکيءَ جي اک ٽي ڏسڻ ۾ اچي."

ارجن کي پکيءَ جي اک ئي چنٽي هئي.... ڪيس اُن اک کان سواءِ پکي ۽ جنهن وڻ تي پکي ويٺو هو اُهو وڻ... ڪجهہ ۾ نظر نه پئي آيو. ارجن جي اِن ڏيان جي ڪمالیت سبب ئي دروٽاچاريہ ڪيس پنهنجي شِش طور قبول ڪيو. بلڪل اِن طرح ڊاڪٽر عالمچنداڻي صرف هڪ مشهور معروف قابل

گائناڪالاجسٽ بڌجڻ جو مقصد رکيو. هيڏانهن هوڏانهن نظر نہ ڊوڙائي هئي. اُهو مقصد حاصل ٿي ويو آهي. ائين تہ چاڙهي چڙهندو هلجي تہ ڪو انت ئي ڪونهي. شايد آڪاس بہ نہ. چوٽي آلائي ڪٽي آهي؟ پر ڊاڪٽر عالمچنداڻيءَ کي پرپور سڪون آهي تہ هوءَ پنهنجي منزل تي پهتي آهي.

هاڻي هن کي عجيب ويچار ڇو ٿا اچن؟ هوءَ ڇو اِهو آنيوَ ٿي چاهي تہ پر پُرش جا انگ ڇهڻ مهل ڇا محسوس ٿيندو آهي؟ سندس گهوٽ آمريڪا ۾ ڪنهن عورت سان عشق ڪيو ۽ ڪيس بہ اُن دوران وساري ڇڏيو. ڪير اِن طرح مون تي عاشق ٿئي تہ ڪيئن لڳيم جيڪر..... ڪو پرش آهي جو دنيا ڀُلائي مون مٽان مفتون ٿي پوي! مون کان سواءِ سڄ جي روشني بہ نہ وٽيس... ڪنهن لاءِ مان ايڏي اهيمت رکان.....!

سِجُ ڇا اُپريو ڪانتا جو من ڪنول کلي پيو. هوءَ سيان هاسپيٽل وڃن لاءِ گهر مان نڪري پيئي. هن جڏهن سڄ پهريون دفعو ڏٺو هو. سڄ کي نمسڪار ڪري چيائين هاڻي جلدي آلي بمبئيءَ کي سُکاءِ. وري گهر نہ ٽجانءِ... ڪانتا کي پنجوٽو پاڙو هولڙ کان پوءِ هڪ ٽئڪسي ملي. اڄ هن کي ڪيترا ڀيرا بہ خرچڻا پون. سيان هاسپيٽل تہ پهچڻو ئي آهي. جلد از جلد. نند جي طبيعت نہ ڄاڻ ڪيئن آهي. ڪلهہ منجهند جو خبر پيئي هئس تہ هو بيهو دفعو بيهوش ٿي ويو هو. وري ڪوبہ سماچار ملي نہ سگهيو هوس.

ٽئڪسيءَ وارو جڏهن پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. ايڏا تہ رستا پاڻيءَ ۾ ٻڏا پيا آهن. ڪو ڪڏو ڪوپو هجي تہ نظر ڪيئن اچي؟ ڪي ڪتا هليون پاڻيءَ ۾ مڙيا پيا هوندا تہ اُنهن جا لاش بہ چڇرجي ويندا. ڪن ڪڇرو بہ ڪيڏو آهي. ٽائر نہ ڦاٽي پون!

ڪانتا سيان هاسپيٽل وٽ پهتي تہ سمجهيائين تہ ڪا ڪيپ ڪٽي اڏائين. هوءَ تڪڙي تڪڙي نند واري وارڊ وٽ پهتي. هوءَ جيئن ئي وارڊ ۾ گهڙي تہ سامهون ئي نند تي نظر پيس. نند ڪيس ڏٺو تہ هن جي اکين ۾ ڏيئا ٻري پيا. پر نند جي پتنيءَ پريان ئي چيو "جيڪڏهن توکي پنهنجي محبوب جي سيوا ڪرڻي هجي تہ پوءِ مان هينئر ئي وڃان ٿي. مان ساڳيءَ زمين تي توسان نہ بيهنديس." هوءَ ماڳهين اِستول تان اُٿي ڪڙي ٿي.

ڪانتا هڪ لفظ بہ چوڻ کان سواءِ پويان پير ڪيا. هوءَ نند کان ايترو بہ پڇي نہ سگهي تہ تون ڪيئن آهين نند؟ هڪ اڻ سڃاتل کان بہ هاسپيٽل

پر حال پچي سگھبو آھي. پر ڪانتا کي ايترو بہ حق حاصل نہ ھو. ھِن پڻيان مُڙي نھاريو بہ ڪين. ھن نند جون وساميل اکيون نہ ڏسڻ چاھيون... ڪانتا وارڊ مان ٻاھر نڪري ڪاريڊار اورانگھي، ڏاڪڻ تان لھي رھي ھئي تہ سندس پير مڙي ويو. ھڪ ڏاڪي تي ڪنڌ پر ويھي ھوءَ پير کي مھٽي رھي ھئي... ھاسپيٽل اچڻ مھل سندس وجود پر ھڪ گيت جي جھونگار ھئي...

جب ملا پيئا کا گائون
ڪچ ائسي لچڪي ميري پائون
ڪ گھنگھرو ٽوٽ گئي.....

ھن جي من جا گھنگھرو تہ ٽٽي پيا، ٽڙي پکڙي ويا. پير مُڙڻ سبب پير پر سوج بہ ٿي پيئي... ھوءَ ڊيري ڊيري اُتي. منڊڪائيندي ھاسپيٽل کان ٻاھر نڪري گھر موٽڻ لاءِ ٽئڪسي ڳولھڻ لڳي.....

ايشور جي ننڊ کلي تہ پھرين ھن گھر پر فون ڪيو. ھن کي لڳو ڪلھ ھو پنھنجي گھر کان نہ رڳو سريرڪ طرح دور رھيو آھي پر من طرح بہ. ھن سرسوتيءَ کي فون تي چيو "اڄ ڏھين بجي رڳو ايڪس-ري نڪري تہ رپورٽ ڪٽي مان يارھين ٻارھين بجي تائين گھر اچي ويندس."

سرسوتيءَ چيو "نہ، اڪيلو اصل نہ اَڇجانءِ. اڄ اُس نڪتي آھي. رستا اھڙا صاف نہ آھن پر مان گاڏي ھلائي سگھنديس. مان تو وٽ ڏھين بجي تائين پھچي ويندیس."

سرسوتي ڪافي پريشان لڳي رھي ھئي. ايشور ھڪ دفعو اڳ بہ اِسپتال پر پرتي ٽيو آھي. دبئيءَ پر ڪيس "سائي" ٿي پيئي ھئي. اُتي سرسوتي وٽس ڏينھن پر ٽي دفعا ايندي ھئي. صبح جو آفيس وڃڻ مھل وري لنچ ٽائيم پر، ٽيون دفعو شام جو آفيس مان موٽڻ مھل. اُتي ھوءَ ايتري پريشان ڪانہ ٿي ھئي.

ھونءَ بہ دبئيءَ جي حياتي ڪيس ايڏي راس اچي ويئي ھئي جو ھوءَ دُبئي ڇڏڻ لاءِ بنھہ تيار ڪانہ ھئي. ھن گھوٽ سان گھڻو ئي ضد ڪيو ھو تہ ھوءَ دبئيءَ کي الوداع ڪري پارٽ نہ ھلندي. ايشور جو چوڻ تہ ياءُ پايي

بمبئيءَ ۾ ڏاڍا اڪيلا ٿي پيا آهن. هنن جي صحت ۽ جُهرندڙ آهي. اسان جو فرض آهي ته هن وقت هلي سندن شيوا ڪريون."

سرسوتيءَ هڪ ڏينهن چِڙ ۽ وچان چيو "فرض رکو اسان جو ئي آهي چا؟ آميت سرلا جو ڪو فرض ڪونهي؟"

"آميت پنهنجو فرض نه ٿو پالي ته چا مان به نه پاليان؟"

ايشور کي اُهو هڪ ئي دفعو سرسوتيءَ تي دليان غصو آيو هو. ايشور کي ۽ افسوس ٿيندو هو ته پاڻس اميت، پاءُ پاپيءَ ڏانهن ڏينهون پوءِ وڌيڪ لاغرض ٿيندو رهيو آهي. اِهوبہ ڪارڻ هو جو ايشور کي پاءُ پاپيءَ جي چنتا وڌيڪ ستائيندي هئي. پوئين دفعي سرسوتي ۽ ہار موڪلن ۾ بمبئيءَ ويا ته موٽڻ وقت ايشور ۽ ڏينهن وڌيڪ رهي پيو. اُهي ۽ ڏينهن هو پاءُ پاپيءَ وٽ وڃي رهيو هو. هن کي ڪيئن وسري پاءُ پاپيءَ جي اڪيلي نيرس زندگي. ايشور ڏٺو ته پاءُ پاپيءَ کي جڏ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ سُجهيو ئي نه پئي. هو اڃا ننڍ مان اُٽندو ئي نه هو ته پاءُ پاپيءَ جي گفتگو ڪنن تي پوندي هئس. هر روز گفتگو بنهہ ساڳي....

"ڪير جون ٿيلهيون ڪنيوَ؟"

"ها رڌڻي ۾ رکيو اٿم."

"ڪا ٿيلهي ڦاٽل ته ڪانہ هئي؟"

"نہ"

"توهان جو ڏيان هوندو آهي چا اِنهن ڳالهين ڏانهن."

"ته تون ئي وڃي ڏيان ڏي اِهو تنهنجو ڪم آهي."

"سڀ منهنجا ڪم آهن. توهان جي ڪا ذميواري آهي ۽ يا نہ.... هاڻي ڳالهائڻ بند ڪر. اخبار پڙهڻ ڏي."

"موٽي نہ آئي اخبار. سڄو ڏينهن اخبار ۾ منهن. رات تائين."

"چانهہ ٺاري پيئندا چا؟"

"گرم پيئان يا ٺريل. تنهنجو چا؟"

مان ته آهيان مزورياٽي. رکو چانهہ ٺاهڻ لاءِ."

"مائيءَ مٹان گھٹي ڪِٽ ڪِٽ نہ ڪر. ڇڏي ويندءِ."
"هاٽي گھٽو قياس ٿيو. ڇڏي ويندي تہ توهين ڪم ڪونہ ڪرائيندا."
"تنهنڪري تہ چوانءِ ٿو..."
"مون مائيءَ سان چا ڳالهايو. جو ڳالهايو توهان جو ڪو ڏول ڪو چمٹو؟"

"روز ساڳي ياڄي."
"وٹي ڪير آيو؟"
"توهڏايو چا ڪهڙي ياڄي آٽيان؟"
"جيڪا ڪائٽي هجيوَ سا آڻيندا ڪريو مان چوهڏايان."

بلڊ پريشر جي گوري ورتي اٽيئي؟"
"ها، ورتي اٽم. وسارڻ جي عادت توهان کي آهي. توهان ورتي آهي؟"
"ها ها، ورتي اٽم. شگر واري ونڊ وسري ويئي."
"اُها ياد ڏيارڻ تہ منهنجو ڪم آهي نہ."

شام ٽئي پاءُ وڃي باهر ڪن پاڙي جي پوڙهن سان ٽلهي تي ويهي. پايي قاتي ٽئي ڪري روٽي ٺاهي. آرتي ڪري....
هڪ رات جو پايي چوڻ لڳي، ايشور منهنجي مرڻ تي دهل دمام وڄائجانءِ. خوش ٿجو هڪ آپدا ٽري ڪٽنب تان."
ايشور جو منهن ئي لهي ويو. پايي اُن مهل مٹي ءِ لوندڑين کي بام لڳائي رهي هئي. ايشور چپ چاپ ڏانهنس نهاري رهيو هو. پاييءَ بام جي شيشي واپس جڳهہ تي رکي ايشور کي چيو "تو چو منهنجي پيلو ڪيو آهي، تو لاءِ ڪانہ ٿي چوان. تون تہ مون لاءِ خوب ڳوڑها ڳاڙيندين."

"موت جي باري ۾ نہ ڳالهايو پاپي." ايشور دکي ٿي چيو.

"ايشور جو من ڪاڇي ويو هو. هن کي ڀرون پئجي ويا هئا ته سورج اَست ٿيڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. پاءُ پاپيءَ دوائون ته نيم سان ونندا هئا پر بلڊ پريشر ۽ شگر ڪان سواءِ به ڪين ڪا نہ ڪا تڪليف ٿيندي رهندي هئي. ڪڏهن وات پچي پوندو. ڪڏهن پيشاب جي تڪليف. ڪڏهن پٽيءَ ۾ سخت سور ته ڪڏهن ٻي ڪا شڪايت.....

ايشور آخر سرسوتيءَ کي دٻي ڇڏڻ لاءِ مجايو. حقيقت ۾ مجائي نہ سگهيو پر هن جو رنج ڪٽي ٻه هو دٻي ڇڏي آيو. سرسوتي ڪيس اڄ تائين چوندي آهي:

"مان ته پيار جي قطار ۾ ٽيون نمبر آهيان. پهريون آهي تنهنجي اُما. پوءِ پاءُ پاپي ۽ آخر ۾ مان."

ايشور پنهنجي آتما جو آواز پنهنجيءَ پتنيءَ تائين پهچائي نہ سگهيو. هو آسمرٽ هو. هو ڪيس ڪيئن سمجهائي ته دٻيءَ جي فلائيٽ پڪڙڻ لاءِ جڏهن پاءُ پاپيءَ کان موڪلائي رهيو هوس، تنهن مهل پاءُ پاپي پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ جي گرل مان مون کي هٿ پيا لوڏين ته مون کي ائين محسوس ٿيو. جڙ هو گهر ۾ نہ، ڪنهن قيد ۾ آهن. قيد جي سيخن پٽيان هٿ لوڏي اُداس اکين سان ايشور واري ٽئڪسي ڏسندا آهن. هنن ٻنهي لاءِ گهر کان ٻاهر ڪا دنيا ئي ڪانہ هئي. پاپيءَ جي پيڪي پاسي صفا سناٽو هو ته ساهري پاسي صرف ڏير ايشور ئي هوس. آميت ڪنهن ڪنهن مهل وٽائڻ ڦيرو پائي ويندو هو پر صفا ست ڏارين وانگر.

ايشور بمبئيءَ پهچي جڙ روح جو سنتوش حاصل ڪيو. جيڪڏهن هو اجا وڌيڪ وقت دٻيءَ ۾ رهي پوي ها ته پاءُ پاپيءَ جا پويان پنج ڇهه سال ڏاڍا ڏکيا گذرن ها. ايشور ڪين شيوا چاڪريءَ لاءِ نوڪر ۽ بيماريءَ سيماريءَ لاءِ نرس رکي ڏني ها. دٻيءَ مان خرچ جا پئسا موڪلي ها پر پاءُ پاپيءَ جو اندر ڪنڊر ٻڌجي وڃي ها. ڪنڊرن ۾ پنهنجي ئي آوازن جا پڙاڏا ٻُڌي پيريءَ جو پل پل عذاب لڳين ها.

ايشور بمبئيءَ اچي رهيو تہ پاءُ پاڻيءَ جي هلڻ چلڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ هڪ فلڪ اچي ويئي. هنن پنهنجي تنها پيري ۾ جڙ رعب سان گذاري ايشور هر روز نيم سان، پنهنجو دُڪان بند ڪري ڪان پوءِ سڏو پاءُ پاڻيءَ وٽ ايندوه و. هنن جو واءُ ساءُ لهي، ٻئي ڏينهن لاءِ ڪين پاڇيون ميوو... ڪُٽل دوا... سڀ ميسر ڪري پوءِ گهر ويندو هو. پاءُ پاڻيءَ جو اُتساهه اُن مهل ڏسڻ جهڙو هوندو هو. جڏهن هر آرتوار تي ايشور گهر ٻاهران اچي هارن وڄائيندو هو. تڏهن پاءُ پاڻي هڪ ٻئي کي چوندا: جلدي ڪر، ايشور اچي ويو آهي. پوءِ جهٽ پٽ گهر کي تالو ڏيئي اچي ڪار ۾ ويهندا هئا. پاءُ ايشور جي پر ۾ پاڻي پنيان. ايشور ڪين سيتا سنڈو يون وٽ ٻارهين سوا ٻارهين بجي ڇڏي سڏو دُڪان تي هليو ويندو هو. آرتوار ڏينهن ۾ اڌ ڏينهن ڏنڈي جي خيال کان ڪيسيٽن جو دڪان کولڻ ضروري هو. ادائي بجي دُڪان بند ڪري وري سيتا سنڈو يوَن جي ٻاهران اچي بيهندو هو. اُتي ادائي تائين سنڈي ڪلامن جو پروگرام هلندو آهي، پوءِ روٽيءَ جو ۾ بندوبست آهي پر پاءُ پاڻي روٽي وڃي ايشور جي گهر کائيندا هئا. هو رات تائين اُتي ئي هوندا هئا.....

هڪ ڇنڇر آرتوار تي ايشور سرسوتيءَ ۾ ٻارن سان مهابليشور وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. هُن چاهيو ٿي تہ اُهو هڪ آرتوار ۾ پاءُ پاڻي سيتا سنڈو يوَن وارو پروگرام نہ گسائين. ڪين سڃي هفتي ۾ اِها هڪ ئي وندر ملندي هئي. هو پنهنجي پاءُ اَميت وٽ لنگهي ويو. خوش خيرعافيت کان پوءِ ڪيس ڇيائين. "هن هفتي پاءُ پاڻيءَ کي سيتا سنڈو يون ۾ تون وٽي وڃجانءِ. اُتان وري واپس هتي پنهنجي گهر وٽي آڇجانِ. هت آرتوار ڏينهن ٻارن سان وندريا رهندا."

جواب اَميت نہ، هُن جي پتنيءَ سرلا ڏنو. ڇيائين، "اِها ڊرائيوري توهان ئي ڪندا رهو. توهين پاڻيءَ جا سڪيلڏا ڏير آهيو. سڃو ڏينهن توهان جو نالو ٿي ڇپي."

"توهان کي پيار نہ ڪندي آهي پاڻي؟ اميت ۾ توسان. ٻارن سان هڏ نہ ڏنائين؟ پاءُ پاڻ پيٽ کي پٽيون ٻڌي اسان کي نہ پاليو ۾ پاڙهيو؟"

هاڻي آميت وارو ورتو. چيائين، "هاڻي جنهن کار واريءَ جاءِ ۾ رهيا پيا آهن، اُها خريدڻ مهل مون کونہ اڏ رقم سادا چار لک ڏني چا؟ اُٿن اُهو ياد؟ نہ تہ آجا تائين ڪُرلا جي ڪِني نهرو نگر ۾ رهيا پيا هجن ها."

هي چا ٿو چوي اميت؟ ايشور جو مٿو چڪرائڻ لڳو. ياءُ پاپيءَ پنهنجو جيون جيئن يگيہ ۾ سواها ٿيا آهيون تيئن اسان مٽان سُواها ڪري ڇڏيون. اُن جي قيمت سادا چار لک ٿو ڪٽي اميتا هن جي منهن مان نڪري ويو:

"اميتا مون کي تو مان هيءَ اُميد نہ هئي."

"مون کي بہ تو مان اِها اُميد نہ هئي تہ تون مون کي قرض ڏيڻ کان اِنڪار ڪندين. کار خريدڻ مهل قرض گهريومانءِ. موٽايان ها. ڪائي نہ وڃان ها، پئسا تنهنجا."

"اُن وقت مون کي اوڏار ڏيڻ جي سهوليت نہ هئي. نہ تہ مان چا توکي، پنهنجي سڳي ياءُ کي، ابي جي رت کي پئسا ڏيڻ کان اِنڪار ڪريان ها؟"

"ڇڏيو ڇڏيو اَبي جي رت جون ڳالهيون. نہ مون کي ڪو ياءُ آهي، نہ مان ڪنهن جو ياءُ آهيان. توهان کي خبر آهي تہ پاپيءَ جي پاسي ۾ هڪڙا مولچنداڻي رهندا آهن. اُهي اسان کي سپ ٻڌائيندا آهن تہ پاپي اسان لاءِ چا ٿي سوچي."

ڪهڙا مولچنداڻي رهندا آهن پاپيءَ جي پاڙي ۾؟ ايشور اُنهن کي نہ سُجهاڻي. ۾ ڪي ماٺهو ڪم ئي ڪيتاري وجهڻ جو ڪندا آهن. اِها سنڊن وڏي ۾ وڏي وندر هوندي آهي. جيئن ڪانتا جي گهوٽ جا هڪڙي شخص وڃي ڪن ٻريا. مهابليشور واري واقعي کي وڌائي وڙ ڪري ڪانتا جي جيون ۾ آگ لڳايائين. هتي وري ڪهڙا مولچنداڻي ديدار ڪڙي ڪري رهيا آهن اسان پائرن جي وچ ۾؟

ايشور پنهنجي ياءُ وٽ گهڻي دير ترسي نہ سگهيو. سرلا پاپيءَ کيس گهٽو ئي چيو. پانُ پاڃي ناهي رهي آهيان. ڪائي پوءِ وجو. توهان کي وٽندي آهي نا پر ايشور جو من پاري ٿي ويو هو. پانءُ پاڃي يا ڪنهن بہ فيورٽ ڊش مان ڪيس سواد اچي ها چا؟

ايشور جيئن آميت جي گهر مان نڪري رهيو هو. تيئن سرلا پاپي بلند آواز ۾ چوڻ لڳي: ياءُ پاپيءَ کي چئي وجو تہ آرتوار ڏينهن اسان وٽ اچن. ٽئڪسي تہ ملي ٿي نہ. اسين ڪين کو گهر مان ڪڍي ڪونہ ڇڏينداسين.

ايشور جي مٿي تي نہ آسمان ڪريو هو نہ سندس پيرن هيٺان ڌرتي ڏڏي هئي. ڪائنات ۾ اِستر تا آهي پر ايشور جو مٿو گول گول ڦري رهيو آهي. هن جا هوش حواس ئي اُڏامي ويا.

هو پنهنجي گهر ۾ گهڙيو تہ زالس سرسوتيءَ پڇيو "ڇو خالي هٿ لوڏيند اپيا اڇو. مهابليشور لاءِ ڪاڏي جون شيون، بسڪوٽ، ڇوڙو وغيره نہ ونئي آيا؟"

"مون کي تہ ياد ئي نہ رهيو."

"مون کي خبر هئي توهان کان وسري ويندو. خيال نہ ڪريو. مان ونئي آئي آهيان."

سرسوتي ٽورو ڇوڙو گهوٽ کي ڪائڙ لاءِ ڏيئي چيو:

"هي سڀ شيون ونڙ کان پوءِ پاءُ پاپيءَ کان موڪلائڙ ويس. سوچيم هن چنچر آرتوار تي پاءُ پاپي نہ گڏجندا، اميت سرلا وٽ رهندا نہ؟"

"ها... شايد اُتي رهن يا پنهنجي ئي گهر ۾ رهيا پيا هوندا تہ بہ چا آهي؟"

"ڇو؟ اميت پنهنجي ڪار ڪٽي ونڙ نہ ويندن چا؟"

"شايد ويندن."

"شايد شايد چا جي لڳائي اٿو. ٻڌايو تہ هنن چا چيو؟"

"اُها ڳالهہ ڇڏ. تون مهابليشور لاءِ پئڪنگ ڪر. سپاٽي صبح جو سويل نڪرڻو آهي."

"مون ٻارن کان سندن پئڪنگ ڪرائي ڇڏي، باقي اسان ٻنهي لاءِ هڪ ننڍي بئگ ڳولهي رهي آهيان."

سرسوتيءَ کي گهر جو گهڙو ئي ڪم پيو هو پوءِ بہ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هن گهوٽ جي سامهون ويهندي چيو "اڄ پاءُ پاپيءَ جي پاڙي واريءَ مسز مولچنداڻيءَ سان جهڳڙو ٿي پيو."

"هوءَ توکي گڏي ڪٽي جو جهڳڙو ٿيو؟" ايشور عجب مان پڇيو.

"مان پاءُ پاپيءَ کان موڪلائي اچي ڪار ۾ ويٺيس. دريون کوليم تہ ڏٺم مسز مولچنداڻي پريان کان هٿن سان ترسڙ لاءِ اِشارا ڪندي، ڪاهيندي پئي آئي. مون وٽ دريءَ مان منهن ٽورو اندر ڪري چوي ٿي، "توهين جو جوءِ مڙس پاپيءَ جي هيڏي خدمت پيا ڪريو. هن جي دوائن تي هيڏا خرچ پيا ڪريو سي سڀ تہ هوءَ پاڻيءَ ۾ پيئي وڃائيو. هوءَ سڄو وقت پن جي ٻيڙي ڇڪي ڇڪي پاڻ کي ٿي.بي يا ڪئنسر جي بيماري

ڏيندي، پن جي ٻيڙي صحت لاءِ ڏاڍي نقصانڪار آهي. توهان کي ڪو پتو آهي؟"

سرسوتيءَ اندر ۾ ته مسز مولچنداڻيءَ کي پٽيو هو ته ٿي. بي ۽ ڪئنسر شل توکي ٿئي. پر ٻاهران صرف ايترو چيائين. "اسان کي خبر آهي پاپي پن جي ٻيڙي پيئندي آهي. مان ئي ڪيس آڻي ڏيندي آهيان."

مسز مولچنداڻيءَ چيو "توهان کان چوريءَ ٻه اُلهاس نگر مان ٻيڙيون گهرائيندي آهي. هتي جيڪو ڪيچا پاپڙ وڪڻڻ ايندو آهي نه جمنو اُلهاسنگر مان، تنهن کان ٻه گهرائيندي آهي. جڏهن ڏس تڏهن ٻيڙي وات ۾ اٽس."

"توهان کي چو ٿي تڪليف ٿئي، مسز مولچنداڻي! اسين ته چاهيون ٿا ڪيس فارين جا سگريٽ 555 گهرائي ڏيون. پلي پيئي."

"مائي مون ته هن جي تندرستيءَ خاطر چيو ڏمرين چو ٿي، چڱائي ٻه ٻاڙي ٿي لڳي ماٺهن کي."

"وڃو وڃو. پنهنجو ڪم ڪريو. پاپيءَ لاءِ چوچڙيون لڳائيندا ته پگهوان معاف نه ڪندو. ڏاڍو لوڙهڻو پوندو."

سرسوتي گاڏي اِستارٽ ڪري هلي آئي. پٺيان مسز مولچنداڻي پٽ پاراتا ڪندي پنهنجي گهر هلي ويئي.

سرسوتيءَ جي ماءُ کي ٻه ناس ڏيڻ جي عادت هئي. هوءَ لڪائي ناس ڏيندي هئي. ناس وارا نٽيڪن ٻه لڪائي پاڻ ڏوئيندي هئي. سرسوتيءَ کي سڀ خبر هئي. هوءَ صرف ڏٽيءَ کي پرارٽنا ڪندي هئي ته امڙ کي ناس جي ڪري ڪا تڪليف نه ٿئي. ماءُ هاڻي حيات نه آهي. سرسوتي، پاپيءَ لاءِ ٻه ائين سوچيندي آهي ته پاپيءَ جي صحت سلامت رهي، باقي هن جي ٻيڙي پيئڻ جهڙي خسيس ڳالهه کي ڳالهوڙو چو ٻڌايو وڃي؟

ايشور پاپيءَ کي سندس پيڪي ڳوٽ پمپريءَ پنهنجي ڪار ۾ وٺي ويو. پاڻ ٻه ساٽن گڏ ويو. پاپيءَ جو چاچو حيات نه هو. هُن جي دوکي فريب سندس ٻال هردو ڦٽي وڏو هو. جيڪڏهن چاچو حيات هجي ها ۽ پاپيءَ جي

مٹي تي سکٹو هٽ رکي ها تہ پاپي چا محسوس ڪري ها؟ چوندا آهن پيڪو ڪوٽو سڪو بہ خزانو ڏيڻ لاءِ. پاپي پهرين پهرين پنهنجي اصلوڪي اباڻي گهر ويئي، جتي هوءَ يارهن سالن جي عمر تائين رهي هئي. اُتي هاڻي سندس اباڻو گهر نہ هو. سندس سوٽ جو بنگلو هو. ٻاهر نالي جي پٽي لڳل هئي "نهچل بالاڻي". پاپيءَ جو سوٽ گهر ۾ نہ هو ۽ زالس ڪيس سُجاتو بہ ڪونہ. پاپي پنهنجي پلاند ۾ ڪنڌا ڪٽي موٽي!

ايشور ۽ پاڻ پاپي هڪ هوٽيل ۾ وڃي رهيا. پاپيءَ ٻئي سوٽ جي گهر فون ڪيو. خبرچار ورتي. پاپيءَ جي مامي جو اولاد بہ پمپريءَ ۾ وسيل هو. اُنهن کي بہ فون ڪيائين. هو سڀ هڪ هڪ ٽي وٽس هوٽيل ۾ ملڻ آيا. پاپيءَ وڏيءَ پيٽ جيان کين قرب ڏنو. خرچيون ڏنائين پر هنن جو وهنوار پٽرائون هو. هنن مان ڪنهن بہ ڪيس گهر هلڻ لاءِ نہ چيو. ڪنهن بہ هڪ ويلو بہ روٽي نہ موڪلي. پمپري چڏڻ مهل پاپي ڏاڍي رُني. ڪارِاستارٽ ٽي تہ ريهہ ڪري چيائين، "چوندا آهن پاڙي جي ڏيءُ سا پنهنجي ڏيءُ." پر پمپريءَ جي ڳوٺ تہ ڏيءُ کي سُجاتو بہ ڪونہ. ڪني مڇي اڳهاڻي، جند ڇُٽي. پمپريءَ وارن ائين جند چڏائي آهي مون مان."

پاپيءَ جي اوچنگار اهڙي هئي جو پاڻ ڏڪي ويو هُن اُمالڪ پاپيءَ جو هٽ ڪٽي پنهنجي هٽ ۾ جهليو. هُن جي اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

پاپي ڪافي رستو روئندي رهي. ايشور کي ڪجهہ نہ سُجهي جو پاپيءَ کي چوي. هو چپ چاپ ڊرائيو ڪندو رهيو. آخر هٽڪندي هن پاپيءَ کي سگريٽ آڇيو. پاپي هٽ سان اِنڪاريندي پنهنجي پن جي ٻيڑي ڪڍي...

ٽن ڏينهن کان پوءِ اُس بمبئيءَ جي ڏرتيءَ تي مسڪراهٽ وانگر ڦهلي هئي. ماڻهن جي منهن تي بہ رونق اچي ويئي. گذريل ٽي ڏينهن برسات آفت وانگر ڪڙڪي هئي. هونءَ بمبئيءَ واسي برسات جو پنل ۽ رنگين ماحول ماڻڻ جا عادي آهن. چٽين هوندي بہ ٻڇي پٽ ٽي وڃڻ، ٽرينون ليٽ ٽين تہ وقت گذارڻ لاءِ ساٿي مسافرن کي چرچا گهٻا ڏڻائڻ، پتو کيڏڻ، گانا ڳائڻ سندن شغل هوندو آهي. ٽرين وچ تي بيهي رهي تہ ريلوي وارن جو مٿي جو سور آهي! مسافر پاڻ کي وندرائڻ يا منزل تي پهچڻ جو ڪو رستو ڳولهي

وٽندا. پر هن سال جي لڳاتار ٽي ڏينهن برسات اهڙو خوفناڪ روپ ڌارڻ ڪيو هو جو بمبئيءَ واسي هيسجي ويا هئا. ڪي ماڻهو ٻه ٻه ڏينهن گهر تائين نه پهچي سگهيا. ڪن ڪم نصيبن کي ته مينهن ڦڙڪائي ويو. ڪي اِسپتال داخل هئا.....

اُس نڪرڻ سان بمبئي وري ساڌارڻ ٿي ويئي. اُها ئي ماڻهن جي ڊڪ ڊوڙ. آمدرفت جو شور غل. زندگيءَ جي هلچل پوري زور ۾ هئي!

ڪانتا آفيس وڃڻ لاءِ 314 نمبر بس ۾ سفر ڪري رهي هئي. هن جي موبائيل تي فون جي گهنٽي وڄي. پرس مان موبائيل ڪڍي، ڪن تي رکي ڏيمي آواز ۾ چيائين، "هيلو".

"اُما آهيان."

"اُما مون سمجهو تنهنجو ئي فون هوندو. مون تنهنجو نيا پو ايشور کي پهچايو هو."

"پر مون کي ته فون نه ڪيائين. مان سندس موبائيل تي فون ٿي ڪريان ته بيل وڃي ٿو پر وري فون ڪٽجي ٿو وڃي."

"اُما! يا ته ايڪس ري وغيره ڪڍائڻ ۾ بزي هوندو يا اِهو به ٿي سگهي ٿو ته سرسوتي پاپي نرسنگ هوم ۾ پهچي ويئي هجي. ايشور ڇاڪي واڪي فون ڪٽي ڇڏيندو هجي."

"اِئين ڇو ڪندو؟"

"تون سمجهين ٿي زال اڳيان فون تي توسان ڳالهائيندو؟ ناممڪن."

سچ اِهو هو ته ايشور پنهنجو پاڻ سان هو ئي ڪين. هُن کي جڏهن به پاءُ پاپيءَ جو آخرين وقت ياد ايندو آهي، تڏهن هن جي من اِستتي بلڪل نرالي ٿي ويندي آهي. هو سمجهندو آهي جڙ پاءُ پاپيءَ جي پر ۾ ويٺو آهيان."

موت کان صرف هفتو ڪن اڳ ۾ پاءُ، ايشور کي پاسي ۾ ويهاري چيو هو "ايشور اسان جي مرڻ تي ڪٽراڳ اصل نه ڪجانءِ. نه ڪريا ڪرم نه ڀانيڙ ڪارائڻ. اصل ڪجهه به نه. پڇيئي ته رڳو شريمتي پارو چاولا کي گهرائي هڪ صوفياڻي چونڪي ڪرائجانءِ. جي ڪجهه پئسو اسان جي

نمت ڏيڙ چاهين تہ شري ناڪر چاولا کي ڏجاڻ تہ سيتا سنڊو پون جي ڪنهن ڪارج ۾ لڳائي ڇڏيندو. اسان جي آتما اِن ۾ ترپت ٿي ويندي."

آخرين ڏينهن اچڻو ئي هو ۽ اچي ويو. اُها ڪن ڪڑهائيندڙ فون جي گهنٽي وڄي. پاپيءَ چيو "پاڻي جواب نہ ٿو ڏئي. نہ ٿو ڳالهائي." پاپيءَ جو تڻندڙ آواز.... ايشور ۽ سرسوتي ڪار ڪٽي پڳا. پنجن ستن منٽن ۾ گهر پهتا. پاپيءَ جي سياٽپ جو در کولي ڇڏيو هئائين. ڪيس خبر هئي تہ در کولڻ لاءِ ڪير نہ هوندو.

پاءُ پلنگ تي ليٽيو پيو هو.

پاپي ڪيس پاڪر پائي سهج نموني سُمهي پيئي هئي.

"پاپي!" ايشور پڪاريو.

پاپي ڪٽي هئي؟ هوءَ بہ پاءُ سان هلي ويئي پر ڏيهہ....

ٻنهي جو اگني سنسڪار هڪ ئي وقت ٿيو. پڑپانگ ٿي ويو گهر. پاءُ پاپيءَ جو گهر. موت سپ دروازا بند ڪري ڇڏيا.

ايشور اڃا اُهو گهر وڪيو ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن تالو کولي اُن گهر ۾ ويندو آهي. خالي گهر ۾ ڪيس پرم ٽيندو آهي. گويا پاپي پنهنجي ننڍڙي مندر ۾ آرتي ڪري رهي آهي.

اوم جئہ جگديش هري... پڪت جنون کي سنڪٽ داس جنون کي سنڪٽ ڪشٽ يہ دور ڪري.

ايشور آسمان ۾ نهاري پڇندو آهي پرماتما کان، پاءُ پاپي تنهنجا سچا پڳٽ هئا، داس هئا، تو هنن جا سنڪٽ ڇا ائين دور ڪيا، ڪشٽ ۾ ڪين گڏ گهرايئہ پاڻ وٽ؟

سرسوتي تيزيءَ سان نرسنگ هوم جي دروازي مان گهڙي. ايشور ڪيس گهبرايل ڏسي چيو "تون ڇو آئينءَ؟ هيڏي گپ چڪ ۾ ڪار ڪيئن هلائي سگهينءَ؟"

سرسوتي، گهوٽ جي پر ۾ ويهي چيو "منهنجو تہ ساهہ ئي سُڪي ويو هو. مون ڪيئن هي ڏيڍ ڏينهن گذاريو آهي تون سوچي بہ نہ سگهندين."

ڈاڪٽر عالمچنداڻي ايڪس ري رپورٽ ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ ايشور جي حوالي ڪري ڪيس نرسنگ هوم مان رخصت ڏني. هوءَ ڪيس دل مان رخصت ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي. سرسوتيءَ کي ڏسڻ کان پوءِ هن جي دل اڳوپوءِ گائون مائون ٿي ويئي هئي.... ههڙي اُڪير ڪيئن ٿيندي آهي. زال جي اندر ۾؟

ڈاڪٽر کين ڪار تائين اُپڙائڻ آئي. سرسوتيءَ کي تمام آهستي چيائين، "صبح جو ٺيڪ لڳي رهيو هو. هينئر سچ ته هلڻ جهڙو ڪونهي پيلو زرد ٿي ويو آهي."

سرسوتي پنهنجي پتيءَ کي ڪار ۾ ٽانئيڪو ڪري ڈاڪٽر کي چيو "توهين چنتا نه ڪريو. مان ڪيس پنهنجي فئملي ڈاڪٽر وٽ وٺي ٿي وڃان. هن کي هسٽري خبر آهي. هو سندس علاج ڪندو ته هن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندو."

"ڪهڙي هسٽري؟"

سرسوتيءَ ڪار ۾ ڈرائيور جي سيٽ تي ويهندي چيو "منهنجو گهوٽ جڏهن به ماضيءَ ۾ تمام اونهو ويندو آهي تڏهن، ڪيس تڪليف ٿيندي آهي. ٽورو جهٽڪو اچي ويندو اٿس."

"چا ٿيو آهي هن جي ماضيءَ ۾؟ ڪو اهڙو حادثو..."

سرسوتي ڪار جي گيئر تي پير رکندي چيو "گهٽو ئي ڪجهه ٿئي پيو هر ڪنهن جي حياتيءَ ۾. ڈاڪٽر! توهان جا لک ٽورا. توهان وقت تي مدد ڪئي."

ڈاڪٽر جو ڏيان سرسوتيءَ سان ڳالهائڻ مان نڪري اِن ڳالهه ڏانهن ويو ته ايشور پنهنجو مٿو زال جي گوڏن تي رکي، پاڻ کي جڙ بلڪل هن جي آسري ڇڏي ڏنو آهي.

سرسوتيءَ ڪار اِستارٽ ڪئي. هن کي باندرا ۾ پنهنجي فئملي ڈاڪٽر وٽ پهچڻ جي تڪڙ هئي. هن کي خبر هئي ته ايشور کي ضرور ياءِ پاءِ پاپيءَ جو آخرين سفر ياد آيو هوندو. اهو اُن منظر ۾ غرق ٿي ويندو آهي. ائين لڳندو اٿس جڙ ياءِ پاپيءَ جي ديهه کي اگني ارپت ڪرڻ کان پوءِ هو ڪار واري گهر ۾ پهتو آهي. سڄو گهر صاف ڪرائي، ڈوئاري پوءِ چاولا جي پارتيءَ کي گهرائي چونڪي ڪرائي هئائون.

مسز چاولا چونڪيءَ ۾ ياءِ جا به ٿي دلپسند ڪلام ڳائيندي روئي پيئي هئي. ايشور کي چيو هئائين، "مون به ياءِ وڃايو آهي، توهان وانگر.

اسان جو وڏو شرڪالو هو. سدائين چونڪيءَ ۾ سامهون نظر ايندو هو. اڄ اکيون هن کي ڳولهين پيئون. مسز چاولا پويون ڪلام ڏاڍي سوز وچان آلاپيو:

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيئارين سي لاهوتي لڏي ويا.

اِهو ڪلام ٻڌندي ايشور بي سُرت ٿي ويو هو. هن لاءِ ڊاڪٽر گهرائڻو پيو هو....

سرسوتيءَ کي خبر آهي، ايشور کي گهربل سُئي لڳندي ۽ آرام ملندو تہ هو ٺيڪ ٿي ويندو. پوءِ بہ هوءَ گهبرايل هئي. هن کي محسوس ٿيندو آهي جڏ گهوٽس بي سُرتيءَ وارو وقت پاڻ پاڻيءَ سان وڃي ٿو ملي.
ايشور پڙ پڙ ۾ چيو "مان ڏاڍو ٽڪجي پيو آهيان."

سرسوتيءَ پنهنجو ساڄو هٿ گهوٽ جي ڇاتيءَ مٿان ڌري چيو "سپ ٺيڪ ٿي ويندو. رڳو گهر پهچون."

چوماسو گذري چڪو آهي!
سنجها جي ويلي ڏرمون اڪيلو جئہ هند ڪاليج جي ٻاهرين ڏاڪڻ تي ويٺو آهي. هو گيٽ بند ڪري روز ٿوري دير لاءِ هتي اچي ويهندو آهي. آرتي ڪرڻ کان اڳ هت ڏاڪڻ تي ويهي ايشور جي پاڻ پاڻيءَ ۽ مترن سان ملاقات ڪندو آهي. اُن بعد ڪوئيءَ ۾ وڃي آرتي ڪري... ڪنتري پيئي، ڪنول گل جهڙيءَ نموءَ لاءِ اکين مان نير هاري.
بروچ ساري.....
ڏرمونءَ جو ڏينهن ائين پورو ٿيندو آهي!

(پورو ٿيو)

ڪلا پرڪاش جون رچنائون

ناول:

1. هڪ دل هزار ارمان	1957_1972 ۾ ڇاپا هند ۾ هڪ ڇاپو سنڌ ۾
2. شيشي جي دل	1960_1970 ۾ ڇاپا هند ۾ هڪ ڇاپو سنڌ ۾
3. هڪ سپنو شڪن جو	1971 هن ۾ ۽ ۾ ڇاپا سنڌ ۾
4. حياتي هوتن ريءَ	1975_1980 ۾ ڇاپا هند ۾ هڪ ڇاپو سنڌ ۾
5. وقت وٽين وچوٽيون	1988 هند ۾ هڪ ڇاپو سنڌ ۾
6. آرسيءَ آڏو	1992 هند ۾
7. پيار	1997 هند ۾
8. پکن جي پريت	1998 هند ۾ (ٻنهي جو گڏيل ڇاپو سنڌ ۾)
9. سمنڊ ۽ ڪنارو	2006 هڪ ڇاپو هند ۾
10. اڪا پنڌ پيار جا	2010 پهريون ڇاپو سنڌ ۾

سفرنامو:

11. جي هينئڙي منجهه هُرن	1987 هڪ ڇاپو هند ۾ هڪ ڇاپو سنڌ ۾

نظمائو نثر:

12. ممتا جون لهرون_1	1963 هند ۾
13. ممتا جون لهرون_2	2006 هند ۾

ڪهاڻين جا مجموعا:

14. مرڪ ۽ ممتا
15. وارن ۾ گُلُ — 1993 هند ۾
16. انتظار — 2007 هند ۾

قدرشناسي:

1994 ۾ 'آرسيءَ آڏو' ناول تي ساهتيه اڪاڊمي انعام
تنهن کان سواءِ اکل پارت سنڌي هولي ۽ ساهت سيا ۽ مهاراشٽر سنڌي اڪيڊميءَ جا انعام.

پتو:

(1) 9A, Maleer, Ward 4A,
Adipur_370205, India.
Tel: 0091_2836 262297

(2) B_33, Aaram, Vakola, Santacruz (East)
Mumbai_400055, India
Tel: 0091 22 26672996



'ڪلا' جو 'پرڪاش' پڪ سان، تہ 'موتيءَ' سان بہ آهي. اسان جي سرموڙ سرجڻهار موتي پرڪاش جي، سهاڳ واري 'ڦُليءَ سان' پر... 'ڪلا' ۾ هڪ الڳ ۽ ڏاڙ... پنهنجي 'جوتيِ' ب تہ آهي. منفرد 'ڪلا' سرجڻ جي جوتي. ۽ آئون پائيان تہ هيءَ 'ڪلا' ۽ سندس ڪائنڊ، هڪڙي گهر ۾ ... جهڙوڪ، ساهميءَ جا بہ سونا پڙ هجن. جنهن جي هڪ پڙ ۾ موجود 'ممتا جون لهرون' ۾، موضوع بنيل، 'سنڌو نياڻي'، تہ بئي پڙ ۾ وري پارت ۾ نئين سنڌ ۽ جديد شاعريءَ جو محافظ شاعر: 'شريڪانت صدف'! هنن ٻنهي املهه ماڻڪن ڪان قطع نظر هتي مون وٽان آڪاهر رهو تہ 'ڪلا پرڪاش' جو نثر هجي يا نظماڻو نثر، اُهو سندس هڙئي همعصرن ۾ ائين ڏار ۽ منفرد نظر ايندو آهي، جيئن رنگ رنگ جي گلابن وچ ۾، موتئي جو اداس ۽ معصوم گل. ۽ هتي.. اِهو بہ دل سان پيو لکان، تہ ڪوتا پُستڪ 'ممتا جون لهرون' هجي يا سندس هي نئون ناول: 'اوڪا پنڌ پيار جا'... ديدي ڪلا پرڪاش جي هر تحرير، منهنجي لاءِ بلڪل ايئن آهي، جيئن مون لاءِ منهنجي سڳي ماءُ، شريف النساءِ! جيئن سنڌو نديِ!! يا جيئن سنڌ امڙ...

نصير مرزا

KAPTAN ABRO

ISBN: 978-969-9329-07-4

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.